THE BHARAT JIVAN SupplimentReg.No.M.H139
163, Doongri Street, Bombay-9.

# ULFAT JI AAG

## (A Social Original Sindhi Novel)

BY

*Prof*: **ISHWARI T. JOTWANI**
M.A.

1st. Edition Jan. 1957
Revised Edition July 1968

Price Rs. 4-00

*Published*
BY
**BHARAT JIVAN NOVEL MALHA**
11/1 Navjivan Housing Society,
Lamingtone Road, BOMBAY-8.

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No. ......
BOMBAY-77

## ٻار کي ۽ پنهنجي قوم کي زنده رکڻ لاءِ
## ساهتيه کي زنده رکو

گهر گهر ۾ لئبرري کوليو- جيترو ٿي سگهي اوترو پئسو ساهتيه جي ڪتابن خريد ڪرڻ ۾ لڳايو. شادين ۽ ٻين موقعن تي سنڌي ڪتاب سوکڙي طور ڏيو.

### ڀارت جيون ساهتيه منڊل

ٻارن سنڌي ساهتيه کي زنده رکڻ لاءِ هيٺيان رسالا کوليا ويا آهن.

۱- ڀارت جيون ناول مالها: سال ۾ ٦ ڪتاب ساليانو چندو هندوستان لاءِ ۱۰ ۽ ولائت لاءِ ۱۷ روپيا.

۲- راجفلمستان (ماهوار): ساليانو چندو هندوستان لاءِ ۹ روپيا ۽ ولائت لاءِ ۱۵ روپيا.

۳- گل ڦل (ماهوار): ٻارن جو رنگين رسالو ۱۲ پرچا ۽ هڪ پيٽ پستڪ هندوستان لاءِ ٦ روپيا ۽ ولائت لاءِ ۱۰ روپيا.

۴- ڀارت جيون (هفتيوار): وڏي سائيز ڪهاڻين ۽ ڪارٽونس سان. ساليانو چندو هندوستان لاءِ ۱۲ روپيا ۽ ولائت لاءِ ۲۴ روپيا.

اڄ ئي انهن جا چندا ڀريو.

سنڌي ساهتيه ۾ موجوده ڪتابن جو وڏو ڍير

### ڀارت جيون ساهتيه منڊل

۱٦۳، ڊونگري اسٽريٽ، بمبي-۹.

ٻنهنجي گهر ۾ سک ۽ سانتي چاهيو،
ته گهر گهر ۾ براجمان ڪريو

شري

# گرو گرنٿ صاحب

سنڌيءَ ۾ ڇهون دفعو، ڏهون - ڏهون ڳاڙهي ڪاري
سان پورا ۱۴۳۰ پيج گرمکيءَ وانگر ۽ شاندار بائينڊنگ
سان ٻاڱن ۾ ٻڪي سواري. قيمت ۵۰ روپيا. ٽپال خرچ ۹ روپيا.
باقي ٿوريون ڪاپيون اڪيل آهن.

جنهنکي گردوارا پربنڌڪ ڪاميٽيءَ امرتسر وارن
به سارهايو آهي

پنهنجن پيارن ۽ مائٽن جي يادگيري قائم
ڪرڻ چاهيو ته اسان سان صلاح ڪريو

اسان وٽ سکمڻي، جپ صاحب، پنج گرنٿي، گيتا،
گرو گرنٿ صاحب، شري شو پراڻ، شري گرو نانڪ صاحب
جو جيون، شري گوبندسنگه جو جيون ۽ ڏهن گرن جي
جنم ساکي وغيره ۾ ٿوهانجي پياري جو فوٽو وجهي ڇپي
ڏيندا سين. اڄ ئي هيٺين ايڊريس تي لکجو يا فون ڪري
اڄ ئي گهرايو.

ڀارت جيون

۱۶۳ بولگري اسٽريٽ بامبي ۹. فون ۳۳۲۹۹۱

سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو عربي لپيءَ ۾ شاندار نموني ۽
سڀني هندو ڌرم جو گرنٿ لکڻ وارو.

شري



# "شو پراڻ"

(سڄي پلاسٽڪ ڪور سان)

جنهن ڏٺو آهي تنهن ساراهيو آهي

وڏو ڇپ، سو پيج ڊبل ڪراؤن وڏي سائيز ۾ ٨ ترنگين
مورتن ۴۰ بلاڪن سان سهڻي بارڊر ۾ ڇپي سواري)

انوادڪ:- شري مولچند شرما شاستري

سمپادڪ ۽ پرڪاشڪ:

جيٺانند پاونداس لعلواڻي

شري شو شنڪر جي پوڄارين لاءِ خوشخبري

هن ۾ مهاتم، اڌيائن ۽ شو ليلائن سان پورو
ستن سنڪٿائن ۽ منترن پوڄا جي استتي سان پورو
پوتا ساڍا ٻارهن روپيا ٽپال خرچ ۳½ روپيا.

مفت ورهائيندڙ يا ڪٿا ڪندڙ ۽ ورهائيندڙن لاءِ ڪفايت
اگهه لاءِ لکي موڪليو، جو اوهان ڪاٿيون ڇپايل آهن.
نوٽ:- شري "شو پراڻ" جي آرڊر مهل ياد ڪجو ته اهو
"ڀارت جيون ساهتيه منڊل" جو ڇپيل هجي جنهن
لوهاڻي سنڌي ۾ "شري گرنٿ صاحب" ڏنو

ڀارت جيون ١٦٣ ٻولنگري اسٽريٽ بمبئي-٩

چيو، "مالڪ منهنجي پت رکي. تنهنجي جولي توکي واپس ملي. هاڻي منهنجو فرض پورو ٿيو."

* * *

آهستي آهستي جولي ٺيڪ ٿيندي وئي پر رجني بيمار ٿي پيئي. کيس تپ اچڻ لڳو ۽ ٺيڪ ان ڏينهن جنهن ڏينهن جولي بلڪل ٺيڪ ٿي کٽ تان اٿي تنهن ڏينهن رجنيءَ جي حالت اوچتو تمام خراب ٿي وئي. تپ مغز ۾ چڙهي ويس ۽ ڪوبه هوش نه رهيس ان حالت ۾ هڪوار سندس زبان مان ڇڙوڇڙ اکرن ۾ نڪتو، "ڊاڪ......تنهنجي......جو......ٿي......جي ......زندگي......تو......کي......وا......پس......ڏيڻ......۾ سمر......ٿ......ٿي......س......ان......لا......ء......پر......ما ......تما......جا......شڪ......را......نا......اون......مو... تڪي......معا......ف......ڪ......" ۽ رجنيءَ جي زندگيءَ جو ڊاڪ ٽر... ٽر... ڪندو هميشه لاءِ وسامي ويو... سندس چهري تي الوڪ شانتي ڇانيل هئي ۽ سندس چپن تي پرسنتا جي جهلڪ هئي. هوءَ چپ خاموش ٻوليءَ ۾ چئي رهي هئي، "توهان سڀني مولڪان هارايو."

"سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد، وصل اهوئي ڳالهه"

—○○—

سماپت

ڏسڻ لڳو. جوليءَ جي منهن جي سرهائي ڪيس اڳرانت لي پڌايو ته "خطرو لنگهي ويو آهي." نبض برابر ٺيڪ هلي رهي هئي. ڊاڪٽر رجنيءَ کي چيو ته کير جي ڪوپ ۾ "برونيمونيڪس" ملائي جوليءَ کي پيار.

ايتري ۾ ڏاهڪ راجا صاحب پرشتم سڀ اندر گهڙي آيا ۽ جوليءَ جو سرهو چهرو ڏسي اچا ڪجهه پڇڻ لي چاهيائون ته ڊاڪٽر چيو، "هيءَ ته ڪرامت ٿي چڪي. مون اڳ ۾ اهڙو اسرار نه ڏٺو آهي. جولي هيڏ آهي."

راجا صاحب جوليءَ جي ڏٺي لي هٿ ڦيرائيندي چيو، "هيءَ جوليءَ جي پيار جي ڪرامت آهي."

پر ڏاهڪ ڪنڌ ڌوڻي چيو، "نه دادا، هيءَ رجنيءَ جي محبت جو پرتاپ آهي."

اماڪ پرشتم چئي ڏنو، "توهين ٻئي نه، چئو ته مان چوندس ته هيءَ پرارٿنا جو پرتاپ آهي. چڱو ڪيئن الو ته:-

More things are wrought by prayer than the world dreams of it.

ڏاهڪ جي واتان مان اوچتو نڪتو، "رجني اوهان ته ديوي آهيو!" رجنيءَ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

راجا صاحب ۽ پرشتم ڪيس دل ئي دل ۾ پرنام ڪيو.

رجنيءَ اڪدم کير جو ڪوپ ڀرائي جوليءَ کي پهچائڻ هئڻ سان پيئارو ۽ روح هن ڏاهڪ ڏانهن نهاري

پيار مان جوليءَ جي ڳٽ تي هٿ گهمائيندي
پڇيائين، "هاڻي ڪيئن ٿي محسوس ڪرين جولي؟"

"رجني مان ائين ٿي سمجهان ته ڏاڍيءَ گهڙيءَ
ننڊ مان اٿي آهيان. طبيعت ۾ ڏاڍي فرحت ٿي
محسوس ڪريان." هوءَ رجنيءَ کي پنهنجي پرسان ويهڻ
جو اشارو ڪندي چيائين، "هي سڀ تنهنجي اچڻ جي
ڪرامت آهي نه؟ هاڻي وري ته مون کي ڇڏي ڪونه
ويندينءَ؟"

"نه جولي، منهنجي پياري ڀيڻ." ائين چئي رجني
کيس ڳراٽڙي پاتي. جوليءَ کي رجنيءَ جي اکين ۾ ڪا
عجيب الفت جو احساس ٿيو. اوچتو پنهنجي ڳلن تي
گرم ڳوڙها ڪرندا ڏسي هن اکيون مٿي کڻي ڏٺو ته
رجني روئي رهي هئي.

"رجني! تون مون کي معاف نه ڪندينءَ؟ تون روءِ
نه منهنجي پياري ڀيڻ! ڇا اڃا توکي ڏک آهي؟"

رجنيءَ پنهنجا ڳوڙها اگهي، جوليءَ کي هڪوار
وري ڳراٽڙي پائيندي چيو، "جولي هي خوشيءَ جا
آنسون آهن. منهنجي دل اڄ شڪرگذاريءَ ۽ الفت سان
ڀرپور آهي ۽ مون کي ڪوبه ڏک ڪونهي."

ٻئي ڄڻيون اڃا ائين ڳالهائي رهيون هيون ته در کولي ڊاڪٽر
اندر گهڙي آيو. رجنيءَ کيس چيو "سڀ ٺيڪ آهي."
۽ ڊاڪٽر هڪدم اڳتي وڌي وڃي جوليءَ جي نبض

منهنجو پيغام سچو آهي ۽ او قبول ڪيو آهي، منهن
جي التجا پڻ، منهنجي جيون وٽ ۽ انجي بدلي جوليءَ
جي زندگي بخش. او دروپديءَ جي لڄ رکي هئي،
ساوتريءَ جي سچي ڀڳتيءَ ستيوان کي زندگي
واپس بخشي هئي. ڀڳت واسل منهنجي به اڄ رک،
منهنجو پيغام قبول ڪر، نه ته محبت بدنام ٿي ويندي
۽ پيغام جا قربانيءَ کي ڪا اهميت نه رهندي.“

برابر اڌ رات ٿي هوءَ وري وري اها پرارٿنا ڪري
رهي هئي. سندس اکيون بند هيون ۽ سندس چهرو
تپسيا جي تيج سان ٻهڪي رهيو هو. هوءَ يڪسوئي
پرماتما کي پڪاري رهي هئي.

ڌڪ، ٻاهران دريءَ مان وري ليئا پائي
اندر وجئيءَ کي ڏسي رهيو هو. سندس من ۾ اهي منجهير
۽ دل ڪنبي رهي هيس. سندس وقت ٿي وڌي پيو.
ان وقت پنهنجي چال سان گڏ رلندو هليو ۽ رات رڙهندي
رهي. اٽڪل اڄ پرڀات جو جوليءَ ليمر بيهوشيءَ مان
سجاڳ ٿي اکيون کوليون ته هڪدم ڪيس وجئي ياد
پيئي. هن جهيڻي آواز ۾ وجئيءَ کي پڪاريو.
جوليءَ جو آواز ٻڌي وجئيءَ جون اکيون کلي پيون
۽ هوءَ هڪدم اٿي اچي سندس پرسان ويٺي. ڪيس
سرهو ڏسي وجئيءَ جي اکين ۾ خوشيءَ جا آنسون
تري آيا.

سندس سياءُ ۾ اهڙو ڦيرو آيل ڏسي ڊلڪ رهجي ويو.
ڊاڪٽر پرستا سان ٻنهي سهيلين جي هن ميلاپ کي
ڏسي رهيو هو. پر جواڻي بيحد ڪمزور ٿي وئي هئي
۽ سندس حالت خطري ۾ هئــي، تنهنڪري مجبورن
ڊاڪٽر رجني کي اڳتي جو اشارو ڪيو. رجني آهستي
آهستي جواڻيءَ جي ڪمت تان اٿي. ان وقت رات جا ٨
لڳا هئا. جواڻيءَ جون اکيون اڃا بند هيون، نبض تمام
ڍلي ٿي وئي هئس، ڊيڪ جو ساهه مٺ ۾ هو.

رجنيءَ ڊري وشواس سان سيٺي کي ٻاهر وڃڻ لاءِ
چئي ڊاڪٽر کــي چيو، "مونکي اڪيلو جواڻيءَ وٽ
ڇڏيو. توهين ٻاهر ترسو، جي خطرو تمام گهڻو هوندو ته
مان اوهانکي سڏ ڪنديس."

ڊاڪٽر مونجهي پيو. ڊيڪ جــي دل لڏڻ لڳي،
ليڪن راڄا صاحب اهڙو ڪجهه بيٺو هو. هو رجنيءَ ۾
ڦيرو ڏسي سمجهي ويو هو ته هوءَ پنهنجي آتم وشواس
سان ڪجهه به ڪري سگهي ٿي. آخر سيٺي کي رجنيءَ
اڪيلو ڇڏڻو پيو.

ان رات، جواڻي بستري تي نيم بيهوشيءَ جي حالت
۾ هئي. سندس ڪمت پرسان، پٺ ۾، رجني اکيون بند
ڪري، پورن وشواس ۽ سچيءَ دل سان پراٿنا ڪرڻ
شروع ڪئي. "هي ڪرتامه ڪرتار، پورن پرماتما، هن
وقت منهنجي سهائتا ڪر. تون رحم وارو آهين، جي

جوليءَ جو لوهل سوال ٻڌي رجنيءَ جون اکيون ٻه آليون ٿيڻ لڳيون. هوءَ دل ئي دل ۾ ٻاهر کي ڦٽڪارڻ لڳي.

رجنيءَ جي آواز تي جوليءَ اکيون کوليون. ۽ رجنيءَ کي پنهنجي ڀرسان ڏسي سندس اکيون چمڪڻ لڳيون ۽ آواز ۾ شڪتي اچي وئي، "رجو تو مولسان ڇو ڳالهه ڪئي؟ ڇا تون مولسان ناراض ٿي وئين؟"

"نه جولي مان ناراض ڇو ٿيندس؟ پر جيڪي ٿيڻو هو سو ٿيو. مولکي معاف ڪر پيارا، منهنجي ڪري ڏس تو ٻاهر کي ڪهڙيءَ حالت ۾ آڻي ڇڏيو آهي. جولي مان توکان معافي وٺڻ آئي آهيان. مولکي معاف ڪر. جي تون مولکي معاف نه ڪندينءَ ته موت کان پوءِ به منهنجي آتما شانتي پراپت نه ڪندي." رجنيءَ جي اکين مان ٻه گرم گرم آنسون جوليءَ جي نرڙ تي ڪري پيا.

"رجني، ائين نه چئه، روءِ نه منهنجي پيارا. ڀلا مان توکي ڪيئن نه معاف ڪندس، نه روءِ رجو......"

رجنيءَ ٻاهر روڪي ورتو.

ٿورو هيٺ جهڪي جوليءَ جو نرڙ چميائين. جوليءَ اکيون کڻي بند ڪيون؛ پر سندس چهري مان پرسنتا ظاهر هئي.

دلڪ ۽ پرانم رجني جو اهو پريم ڀريو ورتاءُ ۽

گهگهو لڳي ويو هو، ان گهٽيل آواز ۾ وجنتيءَ جي پرسان اچي چيائين، ”وجنتي، منهنجي جولي، ديپڪ جي جوت، تولاءِ اُڏي رهي آهي...... ڪيس......“ پر هو وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو. سندس دل ڀرجي آئي هئي.

وجنتيءَ آلت ڀريل آواز ۾ چيس، ”ديپڪ مونکي معاف ڪج جو مون اچڻ ۾ دير ڪئي. ڪو ڏينهن هو جو مون سندس زندگي وٺڻ ٿي چاهي ۽ اڄ، مان ڪيس پنهنجي زندگي ڏيڻ آئي آهيان. تون جوليءَ کان سواءِ دکي ۽ ويڳاڻو ٿي پوندين، اهو تنهنجو دک مون لاءِ سهڻ ڏکيو آهي......“ ۽ وجنتي اُري آيل آسن کي روڪيندي چيو، ”ديپڪ! مان تولاءِ پنهنجي زندگي ڏيئي، پاپ جو پراشچت، ڪرڻ ٿي چاهيان. وشواس اٿم ته ايشور ضرور منهنجي ٻڌندو.“ پڇاڙيءَ جا اکر هن آتم-وشواس سان چيا.

سندس ڪومل ۽ همدرد آواز ۽ ڦڙيل سياهه ڏسي ديپڪ حيران ٿي رهيو هو. هوهڪدم وجنتيءَ کي اندر وٺي ويو.

اندر ڪمري ۾ پلنگ تي ڪمزور جولي ائين سمهي پئي هئي جڻ ڪو ننڍو ٻار سمهيو پيو هو. هوءَ آهستي جوليءَ جي پرسان آئي ۽ سندس پرسان ويهي، سندس هٿ پنهنجي هٿ ڪري، پيار مان چيائين، ”جولي، منهنجي پياري ڀيڻ مان تو وٽ اچي وئي آهيان...“

مرڪ اچي وئي.

ڊاڪٽر مريض ۾ اهو ڦيرو ڏسي راجا صاحب کي چيو ته رجنيءَ کي جلد گهرايو. کيس اها خبر ڪين هئي ته هوءَ اڳيئي اچي چڪي آهي؛ رڳو ڊاڪٽر جي منظوريءَ لاءِ کيس ٻاهر ترسايو ويو هو.

ان وچ ۾ ڀرت، رجنيءَ کي جرڻيءَ جو سڀ احوال ۽ دليپ جي غمگينيءَ جو حال ٻڌايو. پوءِ کيس التجا ڪندي چيائين، "منهنجي زنده هوندي، تو اهو ٻڌڻيءَ جو وس چو ڀائو آهي؟ مؤنثي ڪجهه قياس ڪر، مان تو ٻنان مردي مثل آهيان."

ليڪن موت ۾ لماڻائيءَ سان، ڪومل آواز ۾ رجنيءَ کيس چيو، "ڀرت ڀاءُ، مون جيڪي اهڃايو آهي اهو لياڳ ڪرڻ مون لاءِ هينئر ممڪن ڪونهي. وقت ٿئي تنهنجي دل ٿي ويندي...... منهنجي ۽ توسان ملاقات ته ڪوله ٿي ها پر صرف هڪ دفعو مون جوليءَ کي ملڻ ٿي چاهيو، اهوي تمنا ئي جڪي مرلڪي هيستائين الڊو آهي. هينئر ڪنهن کي به فڪر ته ڪرڻ گهرجي. جولي زنده رهندي، کيس دليپ صدقي جيترو رهڻولي ٻولدو. کيس اتئين زندگي ملندي."

ليڪ ان وقت دليپ، جو اندران اچي رهيو هو تنهن رجنيءَ جا اهي اکر ٻڌا ته حيران ٿي رجنيءَ ڏانهن نهارڻ لڳو. سندس آواز دک ۽ پريشانيءَ سبب

وانگر روئڻ لڳو.

ڏک جي وقت گهر جو وڏو مالڪ آلس ڏيندڙ ٿيندو آهي. ڊيڪ راجا کي ڇنبڙيو ۽ ٻولڻ جون اکيون هڪدم وڃي رجنيءَ ۾ کتيون. ان لباس ۾ به ٻولڻ کيس هڪدم سڃاتو. هو بيحد خوش ٿيو، ۽ رجنيءَ جي اهو ويس البت کيس حيرانيءَ ۾ وجهي ڇڏيو.

رجنيءَ ڏانهس نهاري مشڪي نمستي ڪئي ۽ پوءِ هوءَ ڊيڪ ۽ راجيندر کي ڏسڻ لڳي.

ڊيڪ پاڻ سنڀالي راجا کي ٻولڻ جي بيماريءَ جو مختصر احوال ڏنو. ڊيڪ رجنيءَ ڏانهن ڪرڙ نهاريو. ۽ ٻولڻ جي بيماريءَ جو ٻڌي رجنيءَ ٻولڻ سان ملڻ لاءِ ماندي ٿيڻ لڳي.

ڊيڪ ٻهران رکيو راجا کي اندر وٺي ويو. انوقت ڊاڪٽر ٻولڻ کي هوش ۾ آڻڻ لاءِ پئي سئي هڻي هئي. ٻولڻ نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ هئي ته راجا وٽس جهڪي ويو ۽ سندس آواز ۾ همت رکي سندس ڪن ۾ چيائين، "ٻولڻ، مان تو لاءِ خوشخبري کڻي آيو آهيان. مولڪي رجني گڏ ۽ لوڪ گڏجڻ لاءِ جلد هت ايندي." راجا ٻولڻ جو ڪمزور جسم ڏسي ڏکي ٿيو ۽ پنهنجو ڪسي ڏکي ۽ مشڪل ڏسي هن پاڻ کي هڪدم سنڀالي ورتو.

رجنيءَ جو لالو ٻڌي ٻولڻ جي خشڪ چپن تي

حالت سڌرڻ جي آشا ڪانهي.

اها ڳالهه راجيندر جي اچڻ کان پوءِ ٽي ڏينهن اڳهه ڊاڪٽر ديپڪ کي چئي هئي.

ديپڪ ڏاڍو اداس ۽ پريشان هو. پنهنجي چوڪ تي پشيمان هو. ڏاڍا حيلا هلايائين ليڪن جوليءَ جي دل تان اهو خيال لاهي نه سگهيو. پوءِ پنهنجي پيار جي صدقي ڏاڍي رجني جي تلاش ڪرائي هئي ليڪن هو به نا اميد ٿي چڪو هو.

اهي ڏينهن پڻ بلڪل ملول ۽ غمگين ٿي ٻاهر ورانڊي ۾ بيٺا هئا. اندر ڊاڪٽر جوليءَ کي سنڀالي رهيو هو. جولي وري بيهوش ٿي پئي ۽ ڊاڪٽر ڪنهن کي به اندر اچڻ نٿي ڏنو.

بيهوشيءَ جي حالت ۾ به جوليءَ جي چپن تي اهائي سٽ هئي، "موٽي...اچ...رجني."

ٺيڪ ان وقت هڪ گاڏي مٿن طرف ايندي نظر آئي ۽ جڏهين گاڏي ڦاٽڪ مان اندر گهڙي ته پڻ حيران ٿي اوڏانهن نهارڻ لڳا.

جيئن گاڏي اچي در وٽ بيٺي ته راجا صاحب هڪ ٻوڪٽيءَ سان گڏ گاڏيءَ مان هيٺ لٿو.

راجا صاحب کي هيٺن اوچتو آيل ڏسي عجب ۽ خوشيءَ وچان ٻوڙين ته ديپڪ واڙو ٿي نهاريندو رهيو پر پوءِ هڪدم ڊوڙي وڃي راجيندر کي ڇنبري پاتن

سندس غيرحاضريءَ ۾ هڪ دفعي جوليءَ جي گهڻي ضد ۽ التجا تي ڊڪ کيس مجبور ٿي، ورجنيءَ جي گم ٿيڻ جو سچو سبب ٻڌائي ويو.

جوليءَ جي دل تمام ڪومل هئي. ڊڪ لاءِ ٻراٻر کيس محبت هئي ۽ ورجنيءَ لاءِ سندس دل ۾ عجيب سنيهه هو. سچي سبب ڄاڻڻ بعد سندس دل کي گهري چوٽ لڳي. هن ڊڪ کي ڪجهه ڪين چيو ۽ انهيءَ دلي صدمي کيس مانسڪ مرض ۾ ڦاسائي ڇڏيو. سندس دل مان اهو ويچار نڪرندو ئي نه ته ورجنيءَ جي اهڙي حالت جو ڪارڻ هوءَ پاڻ هئي.

انهيءَ خيال کيس اندر ئي اندر کائڻ شروع ڪيو ۽ نيٺ هوءَ بستري داخل ٿي پئي...... ۽ ورجنيءَ کي ڏسڻ لاءِ تڙپڻ لڳي.

ڊڪ الجهن ۾ پئجي ويو. ڊاڪٽر نه شوار جو علاج ڪري رهيا هئا، وٽن مانسڪ مرض جي دوا ڪانه هئي. جوليءَ کي بيمار ٿئي ٽي مهنا ٿي ويا هئا، هوءَ نهايت ڪمزور ٿي وئي هئي. سندس زندگي خطري ۾ هئي.

ڊاڪٽر هڪ ڏينهن نراس ٿي ڊڪ کي چيو، ”جيستائين جولي ورجنيءَ کي نه ڏسندي تيستائين سندس چڱو ڀلو ٿيڻ ناممڪن آهي. سندس دل تي جو بار ۽ خيال آهي، اهو جيستائين نه لهندو، تيستائين سندس

ڳالهائڻ لاءِ ڏاڍي دل اٿم." ائين چوندي روڪيل آنسون سندس اکين مان ٻاهر وهڻ لڳا. رجني روئڻ کي روڪڻ لاءِ ڪمرا کان ٻاهر نڪري وئي.

راجيندر ۽ سندس ڀيڻان وڃڻ ٿي چاهيو ته سنياسي کيس هٿ جي اشاري سان روڪي چيو، "کيس ڪجهه وقت ڇڏيو. جلدي ٺيڪ ٿي ويندي." ۽ پوءِ هن رجنيءَ جي سڄي ڳالهه راجيندر سان ڪئي. احوال ٻڌي راجيندر حيرت ۽ خوشيءَ سبب خاموش ٿي ويو. آخر ٿي اٿي لڳس جن سان سنياسيءَ جا شڪرانا مڃي.

سنياسيءَ کيس چيو، "رجنيءَ کي هڪوار جوانيءَ سان ڳالهائڻ لاءِ ڏاڍي دل آهي. هاڻي سڀ سياڻ توهين ٻنهي وٽ آهيو ۽ پل کيس ٻانهن سان گڏ وٺي وڃو."

پوءِ ته ٻنهي راجا صاحب سنياسيءَ جي آشيرواد ۽ آگيا سان رجنيءَ کي ساڻ وٺي رٿ- ڪش مان روانو ٿيو.

* * *

پوري ڏهه سال کانپوءِ راجا راجيندر پنهنجي راڄڌاني ڏانهن موٽي رهيو هو. انهن وچ هن ڪوبه خط پٽ نه لکيو هو. هو دل ۾ ڏک ۽ جوانيءَ کان اهڙيءَ طرح موڪلائي نڪتو هو جو هن سمجهيو ته راجا صاحب ڪنهن ساڌو سنت جي آشرم ۾ اصل لاءِ وڃي رهيو آهي.

لڳو. ڪٿيا وقت پهچي سنياسيءَ آواز ڏنو، "ڌيءُ مهمان لاءِ ڪجهه پرساد نه ڪڍي اچ."

اڇي ساڙهيءَ ۾ ملبوس رجني، ڪيلي جي پتي تي ٿورا ڦل رکي، جڏهن مهمان اڳيان آئي ته راجا صاحب ڏانهن ڇرڪ اکري ويو ۽ اوچتو خوشيءَ مان چيائين، "رجني ڌيءُ تون هتي!"

عجب ۾ رجنيءَ اکيون مٿي ڪڍي راجيندر ڏانهن نهاريو ۽ ٻڏڪندي چيائين، "دادا! توهين؟"

رجنيءَ معافي وٺڻ لاءِ جيئن سندس پيرن تي هٿ رکيا ته راجا صاحب هڪدم کيس ڳراهٽڙي پائيندي چيو، "ائين نه ڪر منهنجي ٻچڙي ائين نه ڪر، شڪر پرماتما جو، آخر توکي ڳولهي لڌم. تنهنجي تلاش ۾ مون تيرٿ ياترا شروع ڪئي هئي؛ اڄ منهنجي اها ياترا سڦل ٿي."

سنياسي ڳالهه کي ڪجهه سمجهي ويو ۽ نهايت پرسن چهري سان ٻنهي ڏانهن نهاري رهيو هو.

اوچتو رجنيءَ سنياسيءَ ڏانهن نهاري چيو، "سنياسي بابا، هيءُ آهي منهنجو دادا راجا راجيندر صاحب، جنهن جي ڌيءُ جولي منهنجي ماءُ آهي."

راجا صاحب جي ڳراهٽڙيءَ رجنيءَ کي ڏاڍي گهڻي روئاري وڌو هو، پر هن پاڻ سنڀالي؛ گهٽيل گلي سان فقط ايترو چيو، "دادا مون کان اڄ هڪ وار جوليءَ سان

ٻيا به ڪيترا آشرم آهن، ۽ ٻاري جيڪي رهڻ چاهيندا
آهن انهن لاءِ سٺو بندوبست ٿي سگهندو آهي.

ٻئي ڏينهن صبوح جــو فرحتي ٿڌ ڪاٽڻ هو سير
ڪرڻ نڪتو. ٻڌ ڪندي، گهمندي ڦرندي هو گهڻو
اڳتي نڪري ويو ۽ اچي انهيءَ هنڌ پهتو جتي ٽورو
ٻرڀان انهي سنياسيءَ جي ڪٽيا هئي. راجا صاحب کي
قدرتي نظارن ڏسڻ جو ته اصل کان شوق هوندو هو.
هتي ٻوڪراي جــو حسين روپ ۽ رنگ ڏسي ڪيس
وقت ۽ مفاصلي جي سمڪ ئي نه رهي.

ان وقت سنياسي پنهنجي ڪٽيا مان ٻاهر نڪري
هيڏانهن هوڏانهن ٽهلي رهيو هو ته راجا جي وجي مٿس
نظر پئي.

سفيد ڏکهي سونهاري، مٿي لـــي جٽائون ۽ ٻيج
واري شخصيت ڏسي راجا صاحب تڪڙا قدم کڻندو
سندس ويجهو پهچي ڪيس نمسڪار ڪيو.

سنياسيءَ کيس ڪيڪاري آشيرواد ڏني.

راجا صاحب چيس، "انڪل ڏيڍ سال کان مان ليرتن
ٿي گهمندو رهيو آهيان. اڄ توهان جـو درشن ڪري
منهنجي اداس من کي ڏاڍي ٻوسٽا ٿي آهي."

راجا صاحب جي چهري لـــي انڪي وياڪلتا کي
ڏسي سنياسي ڪانئس حال احوال ورتـو نڪو ۽ انهـن
ڳالهائيندي هو کيس پنهنجي ڪٽيا طرف وٺـي وڃڻ

اهڙو ذڪر سنياسيءَ سان ڇيڙيو ۽ هتالين ٻه سنياسيءَ کيس اچا ڪجهه وقت وڌيڪ الي، ٻرڪليءَ جي ٽوهل واهو مندبل ۾ رهڻ جي صلاح ڏني.

* * *

راجا راجيند ۾ ليوٽ ڪند ۾ اچي هردوار پهتو. سندس طبيعت البت ڪجهه عليل ٿي پيئي هئي ۽ ٿنهڪري هن ڪجهه وقت هردوار ۾ رهڻ چاهيو. هو وقتي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ لڳو رهندو هو ۽ گنگا جو سير ڪندو شهر کان دور دور هليو ويندو هو. سندس اکيون هميشه ڳولها ڪنديون رهنديون هيون ۽ هو گهمڻ جي ڀاڃي رجنيءَ جي تلاش ۾ لڳو رهندو هو.

ڪجهه ڏينهن جي آرام ۽ قدرت جي فرحتي نظارن سندس تن بدن ۾ تازگي آڻي ڇڏي. هڪ ڏينهن هو رشي-ڪيش گهمڻ لاءِ روانو ٿيو. رشي ڪيش ۾، ڪن ڪن هنڌ، گنگا جي آب جي اجهل اڇل ڏسڻ وٽان آهي. نيلن پهاڙن ۽ نيلي آڪاس کي اتي ڏسڻ جو پنهنجو لطف آهي. قدرت ته هر هنڌ حسين آهي، پر ڪن ڪن آستانن تي پرڪرتي ديوي اهڙو ته رضا ۾ جادو ٿي پري ڇڏي جو انسان جي انتر آتما کي ڪجهه گهڙين لاءِ عجيب آنند جو احساس ٿيندو آهي. راجا صاحب کي اتي اهڙو ته آنند اچي ويو جو هڪ اها رات اتي ئي ٽڪي پيو. رشي ڪيش ۾ پرسان سوڳي آشرم ۽

سهڻي هئس ۽ من جي اُرمان، الهڙ جي ٻولڙا ۽ ٻچپڻ
جي آس سندس سونهن ۾ اضافو آڻــي ڇڏيو هو. ۽
ساڳين ۾ هلڪ ڪري، لوسيا جي ان سندس شخصيت
۾ لڄ ڀري ڇڏي.

سوال ٻڌائت جــو اٿي، لڏيءَ لاءِ سمان ڪري،
سفيد ساڙهي پاتي، هوءَ سنياسيءَ جي پوڄا لاءِ گل ڦول
چوابڻ لڳولدي هئي. سندس ڪڪيا سهڻا وار سندس
پٺيءَ تي ٽڙيا پکڙيا پيا هوندا هئا ۽ چپن ۾ تبسوما
جو ٻه ڪمهه جو منتر اُچاريندي هوءَ هيڏانهن هوڏانهن
گهمندي، ساڙهيءَ جي پلئه ۾ گل گڏ ڪندي رهندي
هئي. ان وقت ائين لڳندو هو ڄڻ ساڪشات ڪا ديوي
ڌرتيءَ تي سفر ڪري رهي آهــي. سندس آواز ۾
اهڙي مٺو هو. ٻه دل جــي درد الڪي سوز سان ڀري
ڇڏيو هــو. ۽ جڏهين ٻه ڄا ڪاڪوءَ، هوءَ مٺي ۽ پرسوز
آواز ۾ ٻه ڀالما جي استتيءَ جا گيت ڳائيندي هئي ته
سنياسي ائين محسوس ڪندو هو ته ڪا ڪنڌرڪ ڪنيا
ڪنڌرو لوڪ مان هيٺ ڌرتيءَ تي لهي سنگيت کي
ڇيڙي رهي آهي.

سنياسيءَ وٽ رهي رڳيءَ ڪي سچو سال گذري
ويو هو. سندس دل ۾ صرف هڪ تمنا هئي ته ڪنوار
جوليءَ سان ملي، ڪاڻس ڪلــسيءَ دل سان معافي وٺي.
الهي تمنا تي هوءَ لڳي رهي هئي. هڪ ڀيري ڏينهن

رجنيءَ جي دل ۾ اهي اکر چڀي ويا. سندس ڪنن ۾ سنياسيءَ جا اهي اکر وري وري ٻرڻ لڳا ۽ سندس من ۾ بيحد ڪشمڪش ٿيڻ لڳي. سندس سڄي جسم ۾ الاجي ڇا ٿي ٿيو.

سنياسي ٽڪ ٽڪ ڏانهس نهاري رهيو هو. سندس لوءِ واڻ اکين ڏانهن نهاريندي رجنيءَ جا لڱ ليڙ سان آلا ٿيڻ لڳا...... چپ ڏڏڻ لڳا...... ۽ آخر......

رجنيءَ جا ٻئي هٿ هڪ ٻئي سان مليا ۽ اکيون بند ٿي ويس. هوءَ چپن ۾ اندر ئي اندر ڪيل پاپ جو پڇتاءُ ڪرڻ لڳي ۽ ايشور کان معافي گهرڻ لڳي.

هيٺر سنياسيءَ جي اکين ۾ خوشيءَ جا آنسون هئا!

٢١ سالن جي عرصي ۾ اهو پهريون ئي دفعو هو، جو رجنيءَ سچيءَ دل سان پرارٿنا ڪئي. هن زار زار روئي پر اهي آنسون پڇتاءَ جا هئا. انهن آنسن سندس دل تان ڪيني جي ڪٽ لاهي، سندس ناستڪپڻو ناس ڪري سندس من کي سيتل ۽ اوجل ڪري ڇڏيو.

ان رات رجنيءَ کي عجيب شانتي ۽ نرالي آنند جو احساس ٿيو.

* * *

هاڻي رجنيءَ جي زندگي نئين ٿي پيئي. سنياسي ڪيس نئون ڪري ڇڏيو. رجني هينئر پوڙهيءَ جي روپ ۾ ان جهنگل ۾ ويٺي نظر ايندي هئي. صورت ۾ اڳيئي

مان سجاڳ ٿي ۽ پنهنجي طبيعت گهڻي هلڪي محسوس
ڪيائين. تيز طوفان کانپوءِ جيئن پرلوءَ لئي خاموشي
ڇانئجي ويندي آهي، تيئن روئڻ بعد، هيترن سالن ۾
اڄ ئي رجنيءَ اندر ۾ شانتي محسوس ڪئي.

سنياسيءَ سندس مٿي تي هٿ رکي پيار وچان چيو،
”ڌيءَ، تون گهڻو سٺو آهين، پر جيستائين تنهنجي دل ۾
بدلي جو ويچار رهندو ۽ ٻئي کي ڏک پهچائڻ جو خيال
هوندو، ايستائين سچو سک ۽ اندر جي شانتي ملڻ ناممڪن
آهي. نراسائيءَ ۾، من اهي وس ٿي پيوس اُنهي جو
پاپ انسان ڪري ٿو ۽ اهو پاپ سچي پڇتاءُ ڪرڻ سان
مٽجي وڃي ٿو. تون پڇري، هينئر به پڇتاءُ ڪر پوءِ
ڏس ته توکي ڪيڏو نه سک ۽ ڪيتري نه راحت ٿي
نصيب ٿئي!“

سنياسيءَ جي تيجسوي شخصيت رجنيءَ تي ڪافي
گهرو اثر ڪيو. ۽ سندس شوخي ۽ غرور سنياسي اڳيان
اچانڪ غائب ٿي ويا.

سنياسي وري کيس چئي رهيو هو، ”پڇتاءُ
ڪرڻ سان وڏي ۾ وڏو پاپ، عظيم گناهه به ايشور
بخشي ڇڏي ٿو. ٻچا تولاءِ هينئر به وقت ويو ڪونهي
منهنجو چيو مڃ، بدلي جا ويچار اُڇلائي ڇڏ، جڏهين
بدلي جي باهه اندر ۾ نه رهندي تڏهين اندر جي
جلن پاڻمرادو مٽجي ويندي.“

احساس ۽ ارمان، دل جون حسرتون ۽ ڀاوناڻون سڀ ظاهر ڪيائين، ڪجهه به لڪايائين ڪين.

سنياسيءَ ڏاڍي ڌيان سان سندس ڳالهه ٻڌي ڳالهه پوري ڪرڻ بعد، رجنيءَ جي غرور ۽ شوخيءَ جو بند ڀڄي پيو ۽ هوءَ ٻارن وانگر زار زار روئڻ لڳي. سڏڪا ڀريندي چيائين، "مونکي ڇو بچايو؟ مان هيءَ ٿڦا وڌيڪ سهي نٿي سگهان، مونکي ماري ڇڏيو... سنياسي بابا، مان جيئڻ نٿي چاهيان......" ايترو چوندي سندس گلو گهٽجي ويو ۽ هوءَ وري ڦٽي هنياءَ روئڻ لڳي.

سنياسيءَ جي اکين مان به آنسون ٽپڪڻ لڳا. پر هن رجنيءَ کي ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش نه ڪئي. انسان کي ڳوڙهن جي املهه بخشش مليل آهي! انهن آنسن ڪيترن وقتن ۾ انسان جي زندگي بچائي ورتي آهي. روئڻ سان وقتي اندر جو غبار ٻاهر نڪري، دکي دل کي شانتي ڏيندو آهي. رجني سڄي رات روئندي رهي، سڏڪندي رهي. روئندي روئندي ليٽ پرڀات جي وقت سندس پلڪون بند ٿي ويون ۽ ننڊرا ديويءَ همدرديءَ وچان کيس پنهنجي گود ۾ کڻي ورتو.

صبوح جو دير سان جڏهين سج جي سونهري ڪرڻن سندس اکين جي پلڪن کي چميو نه هوءَ کهڙيءَ لنب.

نماڻي نوع ۾ وراڻيو، ”جنهن جيون ۾ سک ناهي، محبت
جو قطرو ناهي، جتي هر قدم تي ٺوڪر ۽ نراشا نصيب
ٿئي ٿي، تنهن زندگيءَ کي ختم ڪرڻ کانسواءِ انسان
وٽ ٻيو علاج ئي ڪهڙو آهي؟“

”پر دک کان ڀڄي جو جيون جو انت آڻڻ ته ڇاهي
سو نه ڪيدي ڇڏيو. دک ته منش لاءِ پريکشا آهي. دک
جي باهه ۾ جلڻ کانپوءِ ئي انسان ۾، جيڪي پريم،
سهنشيلتا، تياڳ ۽ ڪوشيا جا گڻ آهن، سي ظاهر ٿي
چمڪڻ لڳن ٿا. دک ئي ته سک جي ڪسوٽي آهي.
تون مونکي پنهنجو بابا سمجهي ٻڌاءِ ته توکي ڪهڙو
دک آهي. مان تنهنجو دک دور ڪرڻ جي هرڪا ڪوشش
ڪندس.“

”سنياسي بابا، توهين منهنجو دک دور ڪري
سگهندا. منهنجي ڪهاڻي آڳ ۾ جليل، زخمي ٿيل انسان
جي درد ڀري ڪهاڻي آهي. اهي زخم ڇٽڻ ناممڪن
آهن.“

”پيا اهڙو ڪو دک ئي ڪونهي جنهنجو علاج نه
هجي! هر زخم جي مرهم مون وٽ موجود آهي.“

سنياسيءَ جي اکرن ۾ اهڙو ڪو پيار ۽ همدردي
هئي جو ليلا رجنيءَ جو هنيلو من ٻاز اچي ويو ۽ هن
ڌيري ڌيري پنهنجي سڄي ڪهاڻي سنياسيءَ کي
ٻڌائڻ شروع ڪئي، حال اور پندي پنهنجي من جا اندما.

ڪيترا دفعا اهڙو منش جنهن ڪنهن جوڳ واري انسان جي سنگ ۾ اچي ٿو ته انجي صحبت سندس ٿڪل ۽ پياسي آتما لاءِ امرت ثابت ٿيو پئي. اهڙي ڪامل پرک جو اثر پيار ۽ همدردي سندس زخمي دل تي مرهم جو ڪم ڪري ٿو. ۽ ناستڪ جو وشواس وري واپس اچي ٿو.

جنهن ايشور ۾ اعتقاد اڳين ئي ڳڀوءِ دک ڏنگي ٿو. اهڙو انسان هو دک سک ۾ ساڳي ئي پيو مشڪي ۽ ڪيترا ئي دفعا، جيڪڏهين ڪنهن ٻوڙن موهد اظر سان نهال ڪري ٿو ته هو خود پڻ پوڄاري ثابت پئي ٿو.

سنياسيءَ جي اکين ۾ تپسيا جو تيج هو ۽ وات ۾ پريم جو ٻول هوس. سندس آواز ۾ بيحد مٺو هو.

هو رجنيءَ ڏانهن ھڪ ٽڪ نهاري رهيو هو ۽ چپن سان وري پڪاري رهيو هو:-

”تمسو ما جوتر گميه“

سندس اکين مان جڻ ديا جون ڏارائون لڙڪيون...

ڪجهه وقت کان پوءِ ليٽيل رجنيءَ وري اکيون کوليون ۽ سنياسيءَ ڏانهن نهاري ھڪوار وري چيائين، ”سنياسي بابا، توهان مونکي بچائڻ جي ڪوشش ڇو ڪئي؟“

سنياسيءَ سندس پٺي ٿپيندي چيو، ”پٽ ٻچڙي تو آتم-هتيا ڇو ٿي ڪئي؟ آتم-گهات ته مها پاپ آهي.“

آب ڀريل اکڙين سان سنياسيءَ ڏانهن نهاريندي رجنيءَ

نظر آئي ۽ چوڻ لڳو، "شڪرانا ايشور جا جو پوري
وقت تي پهچايائين. سچ آهي ته مارڻ واري کان بچائڻ
وارو وڏو آهي. پرماتما سرو شڪتيوان آهي."

"ايشور ۽ پرماتما" اکر ٻڌي، هڪ ڪن لاءِ رجنيءَ
جي منهن ۾ شوخي اچي وئي ۽ هڪوار وري سندس
لاسڪوٽو ظاهر ٿي ٻس ڏئي ڪرڻ لڳو. ڪيو جو ڪلاس
سندس هٿن مان ڇڏائجي ويو ۽ هوءَ لستي ٿي وري
ليٽي پئي.

سنياسيءَ پڪ ئي سندس بدلجندڙ پاڻن کي ڏسي
رهيو هو. هن ائين محسوس ڪيو ته هن ڪماريءَ جي
دل کي ڏاڍي سخت چوٽ پهتي آهي. ڪجهه منٽن کان
پوءِ رجنيءَ اکيون کوليون ۽ سندس اکيون هيٺ آيون
هيون ۽ روئندڙ آواز ۾ چيائين، "مون لاءِ موت نه
ڪوئي؟"...... هوءَ ڏٻيل سڏڪا ڀرڻ لڳي ۽ هوءَ
ايتري ته ڪمزور ٿي وئي هئي جو روئڻ جي جڳ
ڪيس طاقت نه هئي.

ڪجهه ڪري ڏکي ۽ اداس مڻش، دنيا کان تنگ آيل
۽ چوٽ کاڌل انسان، تمام انسالدات مان ايمان وڃائي
وهي ٿو ۽ سندس حالت پوءِ بيحد ڏکدائڪ ٿي پوي
ٿي. پر قدرت جو اهو قانون آهي ته ڏک جڏهين حد
کان ٻاهر نڪري ويندو آهي ته خود شفا بخشيندڙ
هوندو آهي.

وچ ۾ رجني غوطا کائي بي سُڌ ٿي چڪي هئي. گهڻيءَ تڪليف کانپوءِ آخر سنياسيءَ رجنيءَ کي پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي سگهيو هو، بيهوش هئي. سنياسي کيس پنهنجي ڪنڌ تي کڻي آيو ۽ ڪن جهنگلي ٻوٽين جي مدد سان کيس هوش ۾ آندو.

جڏهن رجنيءَ اکيون کوليون، ته ڪجهه به سمجهي نه سگهي. سامهون سنياسيءَ کي بيٺل ڏسي هوءَ وڏيءَ حيران ٿي وئي، ۽ تمام ڪمزور آواز ۾ چيائين، "مان ڪٿي آهيان؟" پر اهڙي نستائيءَ سان وري اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

ٻارهن ڏينهن هوءَ نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ هئي. پر ان بي سُڌ حالت ۾ وري وري سندس چپن مان "ڊاڪٽر" ۽ "بي درد ٻاٻر" جا لفظ پئي نڪتا، آزمودگار سنياسي ڪجهه ڪجهه ڳالهه کي سمجهي ويو.

آهستي آهستي رجني هوش ۾ اچڻ لڳي. سنياسيءَ سندس دل وندي چيو، "ڌيئڙي ڊپ نه ڪر، پنهنجي گهر ۾ آهين." ۽ کير جو گلاس ڏانهس وڌائيندي پاڻ ان چيائين، "ڌيا هي کير ڇڪي ڇڏ ته سگهو ئي ٻل اچيئي."

چئين ٻار جيئان رجنيءَ سنياسيءَ کان کير جو گلاس ورتو ۽ آهستي آهستي کير پيئڻ لڳي.

کيس کير پيئندو ڏسي سنياسيءَ جي منهن ۾ سرهائي

اکين ۾ الاهه ٻاراڻا جواليءَ ۾ هن کاڌي ڏک ۽ ناڪاميابيون
ڏٺيون هيون. ٻار ڏکن جي ڪوڙي ۾ ٻاڦ ٻڏلي من
چڪر کان مٿي چڙهيو هو. سالن جا سال هو جهنگل ۾
هڪ غفا ۾ اڪيلي لڪيا ۾ مگن رهيو هو. ليڪن هڪ
ڏينهن سندس سانڌنا سقل ٿي ۽ هنکي جوت جو درشن
مليو. ايشور جو ٻيو نالو آهي روشني، جوت. هن ٻاهن
جي اندر ۾ الوڪڪ آنند جو چشمو وهندو محسوس
ڪيو. هو ڪيترن سالن کان ولي الهي ڪٽيا ۾ رهندو
هو. سندس لبن تي هميشه هڪ منتر هوندو هو:-
”تمسو ما جوتر گميه“ (اونڌه مان ڪڍي نور اسان کي
جوت ۾ آڻ).

هن اهڙن ڪيترن ئي، دنيا کان ڏکي ٿيل انسان
کي، جن ٻالڪي لديءَ حوالي ڪري ڪشتن جو آلت
آڌار ئي چاهيو، تنکي آلم. گهاٽ جي ٻاپ کان ٻچايو
هو. سندس سيني ۾ الاهي ڪيترن ڏکين جي ڏک درد
جو داستان سمايل هو! هو نارون ۽ زاروسب هو.

جنهن وقت رجنيءَ لديءَ ۾ ٻاڦ ڪئي اڇلايو، تنهن
وقت هو ڪٽيا کان ٻاهر ڦلن ڦولن لاءِ هيڏانهن هوڏانهن
گهمي رهيو هو. آواز ٻڌي جرڪي جيئن لديءَ طرف
نهاريائين ته ڪنهنکي لديءَ جي ٻاڻيءَ ۾ وهندو ڏٺائين
هو هڪدم ٻوڙي گنگا ۾ گهڙي پيو. ٻيءَ وهڪري جو
وهڪارو ته ڪري هو لڪڙو لڪڙو اڳتي ترندو رهيو. تنهن

انهي ۾ ڪهڙو وقت مزو نہ آيو. هوءَ ان محل گنگا ڪناري، سوڳ، آشرم ۾ ڀوڳن ۾ پيئي گهمندي ڦرندي هئي.

هڪ ڏينهن ايهڪ دکي من سان، هوءَ صبوح جي وقت، گنگا ڪناري نڪري وئي، هوءَ هلندي وئي پنهنجي ئي ڌن ۾، ڪيس ڪو مقصد نہ هوندي ڪين. هوءَ ڪافي پري جهنگل، ٻن ڏانهن نڪري وئي. صبوح جو لڳتي هئي ۽ هتان ذري ڪهت منجهند جا ساڍا ۱۲ اچي لڳا. ڪيس اڄ ستايو سو هوءَ پياس ٻجهائڻ لاءِ نديءَ طرف وڌي. نديءَ جي وهڪري ۾ تيزي هئي ۽ پاڻي ڪهر ڪهاٽ ڪري وهي رهيو هو. هوءَ هڪ پٿر تي واهي پاڻيءَ جو ٻڪ پري پيئڻ لڳي.

گنگا جي اوف جهڙي سيتل پاڻيءَ سندس اندر کي ٻہ سيتل ڪري ڇڏيو ۽ هن ٽئي جيئن ٻيو ٻڪ ٿي پيو تہ ٻڪا ٻڪ ڪيس ويچار آيو تہ، ”ڇو نہ هن نديءَ جي سيتل جل ۾ پاڻ اُڇلائي دکي زندگيءَ جو ۽ الفت جي آڳ جو انت آڻيان.“

بس خيال جي دير هئي. هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ ايهڪ کي ياد ڪري، رجنيءَ نديءَ ۾ ڪٽي پاڻ اڇلايو.

انهيءَ جهنگل ۾ جتان گنگا پئي وهي، لوڙ و پوران ايڪانت واري آستان تي اڪيلي ڪٽيا ۾ هڪ سنياسي رهندو هو. سندس شخصيت ۾ تيج هو ۽ وڏن جلوبدار.

لڪ سبب هيءَ ساڻس نه ڳالهائي سگهي، وڃي رهي.
آهستي آهستي سنجها ٿيڻ لڳي. ايڪ پاڙي، پنهنجون
مرادون پوريون ڪرڻ لاءِ، گل ۽ ڏيئا وٺي گنگا جي
سيتل پاڻيءَ ۾ تاري رهيا هئا. اهو نظارو رجنيءَ کي
ڏاڍو وڻيو ۽ ڪجهه گهڙيون هوءَ پاڻ وساري لهرن ۾
لُڏندڙ ٻُرندڙ روشنين کي ڏسندي رهي. اوتري ۾
گنگا ميا جي آرتيءَ جو وقت اچي ٿيو، ۽ پوڄاري گهنڊ
گهڙيال وڄائي منتر سُر ۾ آرتي ڳائڻ لڳا. سنڌيا
جي نيم اونده ۾، کليل فضا ۾، آرتيءَ جي ڌڙڪن
جي پڙلاءَ سندس دل کي ڪجهه سڪون بخشيو، ۽
هوءَ تيستائين مگن ٿي ويٺي رهي جيستائين آرتي
پوري ٿي.

رجنيءَ جو لاسڪپڻو کيس بيحد پريشان ڪرڻ لڳو.
هزارين ڪوشش ڪندي به هوءَ دل ۾ لڳل چڻنگ
کي وسائي نه سگهي. الف جي آڪ برابر کيس جلائيندي
رهي.

هڪ ڏينهن ڪن پاڙيوارن سان گڏجي هوءَ وڃي
رشي ڪيش پهتي. کيس اُتي جو شانتيڪو وايو منڊل
ڏاڍو وڻيو. ۽ هوءَ پاڙيوارن سان گڏ ٿي سورڳ - آشرم ۾
رهي پيئي. هن اُتي ڪيترائي سادو- سنت ۽ وئراڳي
ڏٺا، جيڪي پنهنجو سمورو وقت، ڌيان، اُپاسنا ۽ پاٺن
کي ايشور آراڌنا ڏيڻ ۾ گذاريندا هئا. پر رجنيءَ کي

سر ۾ من جي اڻ سهندڙ پيڙائن کان ڇٽي پوان!

رجنيءَ کي الدر جي شانتي ڪهڙي هئي، پر شانتي ڏسيندو سرڪ شڪتيون پرماتما ۾ سندس اعتقاد ڪين هو. هوءَ پڪي اوشواسي ٿيڻجي پيئي هئي.

مندرن ۾ نڪاڻن پر، ماڻهن کي گهنڊ گهڙيال وڄائيندو ڏسي هوءَ نتوليءَ وچان کلي ڏيندي هئي. ڪين پٿر جي بتن جي پوڄا ڪندو ڏسي چوندي هئي، ”ڪهڙا نه آيا ٿا آهن لوڪ! پلا پٿر جا پتلا انسان جو دک درد ڇا سمجهي سگهندا! جيئرا انسان، جنکي رت واري دل آهي، انهيءَ پوڄا سوئيڪار ڪري نه ٿا سگهن سو هن مٽيءَ جي بتن کي پوڄڻ سان ڪهڙو پن اميد ور ثواب ليندا هوندا!!“ ۽ هوءَ زور زور سان ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳندي هئي. ماڻهو سمجهندا هئا ته شايد سندس دماغ پورو ٺيڪ نه آهي. پر هوءَ ناستڪ ٿي چڪي هئي؛ ۽ ناستڪ لاءِ سک ڪٿي؟ چين ۽ شانتي ڪٿي؟؟

رجنيءَ جي حالت ڏکدائڪ هئي. الدر جي اوڻهيءَ پيڙا سندس جسم کي ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. هوءَ تيرٿ آستان تي نه پهچي وئي. اتي پڪندي نه ڪيس الدر جو سک نه مليو ۽ نه سندس جيءَ جي جلن ٿي گهٽ ٿي.

پڪندي رلندي هوءَ هردوار پهچي وئي. اتي هڪ شام جو هوءَ وچي هر جي پوڙن تي ويهي ايڊ

شاديءَ، هڪ مان ۾ ڪيا، ۽ ٻن کي ملائي هڪ
ڪري ڇڏيائون ۽ جوڙيءَ، جيئن ٻه ووي ۽ وچڙڻ لاءِ
ٻالڪي ڏيهڪ ۾ سمائي ڇڏيو.

* * *

راجا صاحب جي لمنا ۽ لوڀ هئي ٻر وڃڻيءَ سندس دل ۾ اولهو زخم ڪري ڇڏيو هو. سندس دل دنيا مان ڇڄي ڪٽي ٿي پيئي هئي. هو ڏيهڪ کي رياست جو عيوضي بڻائي ڪيس جوانيءَ جي ٻارت ڪري، ليوڻ ٻالڙا ڪرڻ لاءِ لڪري پيو. ڪڏهن واقعن جي ياد کي وسارڻ لاءِ هن رياست کان ڏور رهڻ ٿي چاهيو. ٻر الٻر ۾ ٻي ۽ لمنا هئس، مٽان آياڪي وڃڻيءَ جـو ڪٽي ٻتو ٻنجي وڃي.

* * *

وڃڻي سڄو سال ٻڌڪندي رهي. سندس من جلندو رهيو. سندس اندر جي ٻيڙا ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي. هيئنر هوءَ زندگيءَ مان بيزار ٿي چڪي هئي.

جيئن وري ڏيهڪ جو ليل آهي آشا. ڏينهو ليستالين ٻولدو جيستائين منجهس ليل هوندو. منش ۽ ليستالين هلندو رهي ٿو جيستائين ڪيس اميد جو آڌار آهي. آشا جي ناس ٿيڻ تي زندگي ٻاري ٻوجو ٻڻجي ٻوٿي.

لراس وڃڻي موت لاءِ واجهائي رهي هئي. ار جي ڪهڙ مان موت اچي ۽. جيڪر اهڪ لاعلاج مريض،

نٿي چاهيو ۽ ڊيڪ، حالتن جو ويچار ڪندي خود مانيٽي لولي ۾ شادي ڪرڻ ٿي چاهي.

شاديءَ بعد، بيحد خوشيءَ ۾ پورال ڊيڪ جلدهين اڪيلائيءَ ۾ جوليءَ سان ڪڏيو، ڏٺائين ته اوڙوليءَ جي سهڻي چهري اسي غم جون ريکائون هيون ۽ سندس اکيون آليون ٿيڻ لي هيون. ڪيس اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي ڊيڪ پيار سان چيو، "منهنجي جيون جي جوت، ههڙي آنند جي وقت هي ڏک جا بادل ڇو؟"

"ڊيڪ" جوليءَ ڊيل سڏڪو ڀريندي چيو، "رجني ياد اچي وئي هئي."

۽ ڊيڪ بناوٽي غصي وچان چيو، "ڇو جولي مان تولاءِ ڪافي ناهيان؟"

جوليءَ آليون اکيون سان ڏانهس نهاريو. پوءِ شرمائيندي هن چيو، "تون ته منهنجو ديوتا آهين! منهنجي زندگي آهين!! پر رجني منهنجي پياري ڀيڻ هئي. اڄ هوءِ ڪيترو نه خوش هجي ها!"

پنهنجي سڪ جي گهڙين ۾ وگهن پوندو ڏسي ڊيڪ جي دل ۾ هڪ ڪن لاءِ ويچار آيو ته جوليءَ کي رجنيءَ جي سچي سڀاءُ کان واقف ڪري، پر هن شب گهڙيءَ ۾ هن جوليءَ کي ڏکي ڏسڻ نٿي چاهيو تنهنڪري ڊيڪ رجنيءَ بابت خاموش رهيو. ۽ جوليءَ کي پيار ڀرين ڳالهين سان ڀلائڻ لڳو.

حرام ٿي ويئي. آخر نه ماءُ هئي.

اولاد ڪٿي ڪيترو نه مائٽن سان برو ۽ چولو هلي پر ماءُ جي ممتا پوري دل الوکي آهي! آلبي جي جو ڪا ڪهڙي ڳالهه ناهي!

اندرا نه بوريءَ، رجنيءَ جي تلاش ۾ راجا ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيو. هڪ شهر کان ٻئي شهر ۾ هوءَ کيس ڳولهيندي رهي. سندس پڇنون ڪندي رهي. هوءَ پڇندي رهي پر رجني نه مليس. سندس ماءُ سي ڏينهون پوءِ وڌندي رهي ۽ سندس من ۾ اهو گمان اٿي لڳو ته ٻراساليءَ سببان ڪٿي رجنيءَ آپگهات نه ڪري ڇڏي آهي. انهيءَ خيال کيس ٿوري ليو؟ اچانڪ هڪ ڏينهن دل ٽٽڻ سبب سندس پران پکيڙو قيد جي قفس مان پرواز ڪري ويو.

* * *

جوليءَ جي شاديءَ جو ڏينهن نه اچي پهتو. راجا صاحب جي مرضي هئي ته شادي تمام ڌام ڌوم سان ٿئي پر جوليءَ جي دل نه مڃيو. سندس دل ۾ رجنيءَ جي جدائيءَ جو غم هو، تنهنڪري کيس ڪهڙي خوشي ڪانه ٿي ٿي. هن سمجهيو هو ته سندس شاديءَ تي رجني ٿي سندس لاءِ سڀ ڪجهه ٿي پهچندي، پر هاڻ خبر ناهي ته هوءَ ڪٿي هئي ويئي.

راجيندر نه لاڏليءَ ڌيءَ جي اچا خلاف ڪجهه ڪرڻ

ھڪوار رجنيءَ کي ڏسي بيحد خوش ٿيندس. پر پريتم ھڪ ڳالھ ٻڌ. ھوءَ ڪٿي آھي اھو نہ ھڪ ايشور ٿو ڄاڻي، پر اھا ڳالھ رکج دل ۾ ڇو تہ مون ڪنھن سان بہ اھو ذڪر نہ ڪيو آھي.

"توھين نشچنت رھو. ھوءَ مغرور ھوندي بہ غيرت واري نہ اصل ڪان ھئي. جڏھين پنھنجي ماءُ جو اھو ڪمت ٻڌو ھوندائين تہ سندس ھٺيلي من وڏي ڌڪ ھڻ ٿوسخ مناسب نہ سمجھيو ھوندو."

راجيندر چپ رھيو. ھن پريتم جي انھيءَ ڳالھ کي وچ ۾ ردقد ڏيڻ نٿي چاھيو ڪيس خبر ھئي تہ پريتم جي دل ۾ رجنيءَ لاءِ بيحد اونھو پريم آھي جنھنڪري ھو ايترو دکي ٿي رھيو آھي. سندس اھو عقيدو ھوندو ھو تہ دکي انسان کي وجھ ڏجي تہ ٻل پنھنجي دک جو غبار ٻاھر ڪڍي جيئن سندس اشانت مَن شانت ٿئي.

"راجا صاحب جيڪڏھن پريم پرٻل آھي؟ منھنجي محبت ۾ سچائي آھي تہ منھنجي سڪ ضرور موٽي ساڻس ملائيندي."

"سڪ ۽ ساڻي سوھڻي اصل عاشقن"

* * *

اندرا ديوي واپس موٽي تہ وٽس پر رجنيءَ جي ياد ڪيس ڪشمير ۾ سک سان نہ ڏنو. سندس لاءِ.

جڏهين پونم اِها خبر، اخبار ۾ پڙهي ته سندس اهو ن هيٺان زمين کسڪي ويئي. وجئيءَ جو خيال ڪندڙي هو جنهن ديوانو ڪي هو. سندس دل ۾ وجئي جي محبت جي ڏکيل چڻڪ هينئر پيهڪ ڪري پوڻ لڳي ۽ هو راجيندر سان ڪڏهن لاءِ لڪوري هو.

آنند پور ۾ جڏهين هو راجيندر جي محلات ۾ گهڙيو ته سندس پريشان حال ڏسي راجيندر ڏڪي ويو ۽ يڪدم چيائين "پاڻي تو سان خير ته آهي؟"

"راجا صاحب خير وري ڪهڙو هوندو؟ ٻڌايو ته وجئي ويئي ڪيڏانهن؟"

پونم جو پريشان حال ڏسي راجيندر ڪانئس ڪجهه به لڪائي نه سگهيو ۽ کيس ٻڌايائين ته الهي ڪهڙا ڪالهوءِ هوءِ خود ئي گهر ڇڏي هلي ويئي آهي ۽ ڪيترو ڳولها ڪرائيندي به هيل تائين سندس ڪجهه پتو پئجي نه سگهيو آهي.

"مان کيس ضرور ڳولهي لهندس راجا صاحب!" پونم جلد بازي وڃڻ چيو، "۽ جيستائين کيس ڳولهي نه لڌم تيستائين سک نه سمهندس. مان گنهگار وري سندس قدمن ۾ پنهنجو پونر، پد ۽ واچ اوٽڻ ڪوڙ جي ڪوشش ڪندس."

راجا صاحب سندس ڪلهي تي هٿ رکندي کيس آٿت ڏيندي چيو، "شال لهندا لاپا سڄايا ٿين. مان

ڪڏهين به واپس نه ايندي. هوءَ پنهنجو ناٺيهو اسان کي ڇڏي خبر ناهي ڪيڏانهن وڃي هلي آهي."

"وچاري!" جولي، ٿڪاري آواز ۾ چيو، "ضرور ڪيس جو ڪو نه ڪو سبب هوندو، ليڪن ڪري ٻي هلي وڃي آهي."

راجيندر ڪيس سمجهه ڪري چيو ته سندس ڪيئن رجيءَ سان ڪرڻ لاءِ ساٿس الوداع ڏيوءِ ڊاڪٽر ۽ پين جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ان بعد راجيندر ڪوشش ڪري رجيءَ جي ٻاري ۾ ڪا ڳالهه ڪيلدو هو. ۽ جولي انهي لي پوري رهي ته ڪو سبيان لي رجي کي ڇڏي هلي وئي آهي.

راجيندر، اخبارن ۾ بدليل راجڪماريءَ جي ڳالهه ڇاڻائي خبر ڇپارائي، پر احوال پڙهي ماڻهن ۾ هلچل مچي وئي. انهن اهڙيون ڳالهيون ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ بيشڪ پڙهيون هيون پر زندگيءَ ۾ سچ پچ اهڙي ڳالهه نه ڏٺي هئائون.

ليڪن وچ ۾ الدوا ڏيوي به واپس ڪشمير موٽي وئي. بدليل راجڪماريءَ جي خبر پڙهي اليڪ ماڻهون، اخبار نويس ۽ سماجڪ وغيره راجيندر سان ملڻ ڪڏهن ڪڏهن ۽ خبر چار وٺڻ آيا. راجيندر سڀني کي فقط ايترو ٻي چيو ته هاڻي ٻئي استريون واپس موٽي ويون آهن.

* * *

"توهانجا ويچار ڪيترا نہ سندر آهن دادا." جوليءَ پيار ڀري اکين مان چيو.

"منهنجي منڙي ساڃاهي ڌيءَ!" راجيندر ڪيس ڳراهٽڙي پائيندي چيو.

پيءُ ۽ ڌيءَ جو اهو ممتا ڀريو نظارو انوکو هو!

"دادا رجنيءَ کي نہ ڏاڍو ڏک ٿيو هوندو. منهنجي نہ مرضي آهي نہ توهين پنهنجي ملڪيت جي حقدار رجنيءَ کي ئي ڪريو. مون لاءِ نہ توهان جو پيار ئي بس آهي."

"اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ڌيءَ؟ سچيءَ اڌڪارڻ کي ئي حق ملندو."

"چڱو ڀلا، ڪيس ڏين مال جهجهو ڏجو. توهانجو نہ ساڻس ڪيترو نہ پيار هو! ۽ منهنجي نہ هوءَ ڀيڻ ئي آهي. ڪڏهين ٿي ڪشمير مان واپس موٽي؟ مان ڪيس اهو ٻڌائڻ لاءِ منتظر آهيان نہ هن واقعي ڪانپوءِ بہ هوءَ منهنجي منڙي ڀيڻ ئي آهي."

راجيندر ڏانهس نهاريندي دل ۾ سوچڻ لڳو:

"سڀ ٻڌ ساڃاءُ ۾ پنهنجي ماءُ جهڙي! ڪيترو نہ وشال آهي سندس هردو! ۽ ڪيترا نہ ڀولا آهن سندس خيال!!"

ٻہ ڀاڳوان، راجيندر جوليءَ کي ڳراهٽڙي پائيندي چيو، "جولي ڌيءَ سچ نہ هيءَ انيٺي نہ رجني هاڻي

وري منهنجي ذهن ۾ اُٿندي هئي ته: مان توهان سان
گڏ هڪ گاڏيءَ ۾، گڏي هنج ۾ ڪٺي، ڪٿي ٻوڙي ٻري
هڪ گهر ۾ هلي هئس.“

”پوءِ تو مون سان اها ڳالهه هن کان اڳ ڇو نه ڪئي؟“

”دادا مونکي ڊپ ٿيندو هو ته ڪٿي توهين مونکي
پاڳل سمجهي مون تي ناراض نه ٿيو ۽ مان توهان جو اهو
پيار وڃائي نه ويهان.“

”جولي، ڪيترو نه سٺو ٿئي ها جي تون مون سان
اها ڳالهه هن کان اڳ ڪرين ها. پر هاڻي ڏاڍي پڇل
آهي. ۽ اندرا جهڙيءَ ڪلين استريءَ ائين ڇو ڪيو اهو
نه اڃا ٻه سمجهي نٿو سگهان.“

”مان ٿي ٻڌايانءِ دادا، مونکي اندرا ديوي ڏاڍو
ڀائيندي هئي ۽ رجنيءَ ۾ سندس ڏاڍو موهه هوندو
هو. هوءَ رجنيءَ کي ايڏو ڀائيندي هئي. ڪيس سکي
وڪڻ لاءِ ٿي هن ائين ڪيو هوندو. ڪيس اهائي لالچ
هوندي ته شل رجني ڪنهن اوچ خاندان ۾ ڄڃ پائي.“

”منهنجو ٻه اهوئي ويچار آهي. ۽ ڪيس پنهنجي
ڪٽ لي ايڏو پڇتاءُ ٿيو آهي. حقيقت ۾ هوءَ آهي
ڏاڍي ستي سياڻ واري ۽ هن دنيا ۾ ڪنهن کان پاپ
نٿو ٿئي ڏيءُ؟ ۽ جو مٿس پاپ ڪريٿو ۽ پوءِ ساڇه،
پوڻ لي انجو پڇتاءُ ڪريٿو، اُنجو ڏوهه پرماتما ضرور
بخشي ٿو. ايشور جو پيو نالو آهيئي بخشڻهار.“

سندس ڪمري ۾ گهڙيو.

ڪيس ڏسندئي جوليءَ ڪرسيءَ تان اٿندي چيو، "توهان کي ڏسي مان ڪيترو خوش آهيان دادا، اهو نه اکرن ۾ ٻڌائي ٿي سگهان. توهين مون تي ڪيترو نه مهربان آهيو......"

"ائين نه چئه ڌيءَ" راجيندر ڪيس ڪرسيءَ تي ويهاريندي، ٻاجهه مان چيو.

"جولي ٻچ مون ته فقط پتا جو فرض پورو ڪيو آهي. اڄ هيتري عرصي کانپوءِ توکي اڳ ٻڌو ڏسي مونکي ڪيڏي نه خوشي ٿي رهي آهي. جولي، مان توسان هڪ ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهيان."

"ڇا دادا، ڪا خوشخبري آهي؟"

"ها، خوشخبري ٿي آهي" راجيندر پيار سان وراڻيو.

"نه ضرور وجيءَ جي ٻاري ۾ هوندي؟" جوليءَ منتظر ٿي پڇيو.

"ها ڌيءَ. اها تنهنجي ٻاري ۾ ٿي آهي." ٻئه راجيندر جوليءَ کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي، فقط وجيءَ جي زهر واري ڳالهه، وچ ۾ ڪٽي ڇڏيائين.

جوليءَ کي اعتبار ٿي نه آيو. ۽ راجا صاحب ڏانهن نهاريندي رهي. اوچتو چيائين، "دادا خبر اٿو نه مان ڪڏهين ڪڏهين خيال ڪندي هئس نه مون توهان کي ڪٿي ڏٺو ضرور آهي. هڪ ڏ ڏلي ياد ڪيري وري .

”تو وڃڻ کان اڳ، مون کان موڪلائڻ نه ڪيو، آئي؟“

”ڌيءَ هوءَ ٻه ڏهاڙا ٻاهر تو کان موڪلائڻ لاءِ آئي
پر تو کي ان وقت آرام هو ۽ ڊاڪٽرن جي صلاح هئي
ته تنهنجو آرام نه ڦٽائي.“

”پر ممي، جڏهين مان اهڙي بيمار هئس ته هوءَ
مونکي ڇڏي ڪيئن ويئي؟ اهڙو ڪهڙو ڪيس خاص
ڪم هو؟“

ويچاري اندرا ديوي لاجواب ٿي ويئي.

”ممي هيئنر ته ضرور ڪيس لکيو هوندو ته مان
هاڻي بهتر ٿيندي ٿي وڃان.“

”ها ڌيءَ.“ اندرا مختصر جواب ڏنو.

”مان ته هاڻي اهڙي ٺيڪ آهيان جو ڪيس جيڪر
خط به لکي سگهان.“

”ڌيءَ، هاڻي وڌيڪ نه ڳالهاءِ اڃا تون ڪمزور
آهين، تون ڏينهن ڪان پوءِ ڪيس ڀلي خط لکجانءِ، پر
هيئنر وڌيڪ ڳالهاءِ نه.“

اهڙيءَ طرح هفتو ڏيڍ پيو ۽ گذري ويو. آخر اهو
به ڏينهن آيو جڏهين جوتي کٽ تان اٿي کڙي ٿي ۽
ٻن ٽن ڏهن ڪمري کان ٻاهر نڪتي. پرڀات جو وقت
هو اڃا سج اڀريو مس هو. جوتي مٿين ڪمري ۾
هڪ ڪرسي تي ويهي دريءَ مان سهاوڻي صبح جو
سندر نظارو ڏسي رهي هئي؛ انهي وقت راجا صاحب

"اڇو-ڪارو، ڪجھ نہ ڏسو، جانب ري جهان
سوئي عين عذاب، سولي راحت روح جي."

* * *

اهڙو واقعو ڪنهن ڪجهه ڏينهن پوءِ هڪ ڏينهن جوليءَ چيو، "ممي، رجني اڄ ڪلهه مونکان ڇو اچيتي ڪونه ٿي چري؟"

اندرا جوليءَ جي منهن ڪان وڌيڪ سندس واڻ ۾ ملڪا ٽڏرا ڪندي رهي هئي، هن ڪيس ڪوبه جواب نہ ڏنو.

"ممي، هوءَ مون سان ناراض تہ ڪانهي؟"

پر اندرا اڃا بہ ساڳيءَ ۾ ڪيس لڏرا ڪندڙي رهي.

"ممي ڪيترن ڏينهن کان هر روز مان ڪيس خواب ۾ ڏسندي آهيان، هوءَ مونکي چئي رهي آهي، جولي مونکي ايهڊو ڏک آهي. پر ڪهڙيءَ ڳالهہ جو ڪيس ڏک آهي، مونکي نہ عجب رڳو انهيءَ ڳالهہ لڳي رهيو آهي."

"ڌيءَ، هيئنئر ڀلا ڪيئن ٿي ٻارڙي سمجهين؟" اندرا ڳالهہ بدلائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"هيئنئر نہ مان ٻار ڪي گهڻو ٺيڪ ٺيڪ سمجهان."

"جولي جڏهين نہ تون ناچاڪ هئين نہ هڪ ڏينهن هوءَ ڪنهن ضروري ڪم سان ڪشمير هلي وئي؟ اڃا بہ ڪجهه وقت ڪيس اتي ترسڻو پوندو."

ڪيس پاڻئون لڳو هو. سندس خيال ڪندي راجا صاحب جو هردو الاهه ڏرڻ سان پورجي ويو.

اندرا ديويءَ اڪيلو واپس ڪشمير وڃڻ ٿي چاهيو. هن جوڳيءَ جي بلڪل نزديڪ ئي وڃڻ لائين اچي ٿي رهڻ ٿي چاهيو. راجا صاحب سندس اها ڳالهه مڃي ڪيس ڪجهه وقت وڌيڪ رهڻ جي اجازت ڏني.

راجا صاحب رجنيءَ جي ڏاڍي ڳولا ڪرائي پر رجني جو ڪوبه پتو نه پيو. هڪ ڏينهن سندس سيڪريٽري همت ڪرڻ جي خيال کان، هو سندس ڪمري ۾ ويجهي تمام ڌيان سان هڪ هڪ شيءِ جاچڻ لڳو. پر سندس عجب جي حد نه رهي جڏهين ڏٺائين ته رجني ڪجهه به ڪپڙا يا مڙيا پاڻ سان کڻي ڪونه وئي هئي. فقط هڪ ئي شيءِ ڪيس پسند آئي هئي؟ رجني انهيءَ چيز کي نهايت قيمتي سمجهي پاڻ سان کڻي وئي هئي. راجا صاحب کي اها خبر ٻڌڻ ڏينهن کان پوءِ پيئي. ته رجني پاڻ سان صرف ديپڪ جو هڪ فوٽو کڻي وئي هئي.

هيءَ دل به ڪيتري نه عجيب آهي! جڏهن انسان جي ڪوئي سندس زندگي واران ڇڏي پيئي هئي تصوير به پوري انهيءَ جي ئي ڪيس پياري لڳي هئي!! الفت آهي ئي اهڙي. عاشق ڦٽڪندو رهيو ۽ پيارن جي پيار کان پاڻ کي آجو نٿو ڪري سگهي.

ڊاڪٽر راڄا ڏانهن نهاري مشڪيو ۽ پوءِ چيائين، ”هاڻي منهنجي وڌيڪ ضرورت ڪانهي، سو هاڻي موڪلائي.“

پوءِ ڊاڪٽرن کي ڦانڪ ڏيئي راڄا پاڻ پهچائڻ ويو. موٽندي رجنيءَ سان گڏجڻ جي پڪ ڪيائين. سندس ويچار هو ته هاڻي رجني ۽ جولي اُتي هڪ هنڌ گڏ نه رهن. تنهنڪري رجنيءَ کي ماءُ سان گڏ ڪشمير واپس موڪلڻ جي پڪ ڪيائين.

جڏهين راجيندر رجنيءَ جي ڪمري ۾ ويو ته ڪيس ڪٿي به رجني نظر نه آئي. هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي اچانڪ سندس نظر وڃي هڪ لفافي تي پيئي جنهن تي سندس نالو لکيل هو. اهو لفافو رجنيءَ جي پلنگ تي پيو هو. پر سان پن به رکي هئي. راڄا صاحب يڪدم لفافو کولي چٺي ڪڍي پڙهڻ لڳو:-

”منهنجي جيون ويران ٿي چڪي آهي. وڌيڪ زنده رهڻ جي تمنا نه اٿم. تنهنڪري مان وڃي رهي آهيان بلڪل دور... توهان سڀني کان پري پري...... مونکي ڳولڻ جي ڪا به ڪوشش نه ڪجو. منهنجو آخري پرنام قبول ڪندا.

اڀاڳي رجني“

چٺي پڙهي راڄا صاحب جون اکيون اشڪبار ٿي ويون. ڪيس رجنيءَ تي ڏاڍو ڏک ٿيو. حقيقت ۾ هو

ضرور پڙائيندا نه هوءِ توهانجي ذيءِ آهي، ته جيڪڏهن مان توهان جي جڳهه تي هجان ته ڪيس جيڪو اهو ڪڏاچت نه پڙايان ته اها ڇوڪري جنهن کي پاڻ پيٽ ڪري سمجهندي هئي، تنهن تي ڪيس زهر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. راجا صاحب، هڪ مدوڪيالڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ مان توهان کي اها صلاح ٿو ڏيان ته ڪڏهين به ڪيس اها ڳالهه نه پڙائجو.

"ڊاڪٽر صاحب توهانجي صلاح لاء مهرباني. مان توهان جي صلاح موجب ئي ڪم ڪندس. اڄ کان وٺي مونکي پنهنجو دوست ئي سمجهيو."

اهي سڀ ڳالهيون ڊاڪٽر نيج بهادر ۽ راجا جي وچ ۾ سوال پرپاسٽ جي ٿيون هيون. ڊاڪٽر شيام کي ڪجهه به پڙايو ڪونه ويو هو. منجهند جو ٽئي ڊاڪٽر وڃڻ لاء تيار ٿيا ته وڃڻ کان اڳ، هڪ دفعو ڊاڪٽر نيج بهادر جوالي‌ءَ کي ڏسڻ لاء سندس ڪمري ۾ ويو ۽ جوالي‌ءَ کي ڏسي چيائين، "جوالي هينئر طبيعت ٺيڪ آهي نه؟"

"ها،" مشڪل جي ڪوشش ڪندي جوالي‌ءَ جواب ڏنو.

"پلا اجا به توکي دل ۾ اهو دپ آهي؟"

"نه اصل نه. شايد مان هينئر بهتر آهيان، تنهن ڪري......" جوالي‌ءَ معصوميت سان وراڻيو.

نه لڌي. مان جي وچ وچ ۾ کيس ڪڏهن وڃان ها ته اندرا ديوي ڪڏهين به ڇوڪرين منڊل جو دوکو ڏيئي نه سگهي ها."

"خير، هاڻي وڌيڪ اهڙين ڳالهين جي اهڃاڻ نه ڪريو" ڊاڪٽر چيو.

"پر هڪ عرض آهي ڊاڪٽر صاحب، اهڙي زهر واريءَ ڳالهه کي ڳجهو ئي رکجو."

"ٺيڪ آهي. مان توهانجي مرضيءَ خلاف ڪجهه ڪونه ڪندس. ڀلا جوڙيءَ جي باري ۾ ڇا ويچار ڪيو اٿو؟"

"مان سائنس هاڻي پورو پورو انصاف ڪندس. کيس اندرا ديويءَ جي چالاڪي ۽ بدذاتي اڳي هوندي."

"پر مان ڪالهه ڪونه ظاهر ڪندس؟ مان اخبارن ۾ به اهڙي خبر ڇپائيندس. بدنامي جا ڪارا ٽيڪا به ڏيندي سا سهندس. ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد سڀ ڪجهه سانت ٿي ويندو. پر جوڙيءَ کي هينئر بدنامي ڏک ڏيندو؟ ڇا اڃان هوءَ خطري ۾ آهي؟"

"نه نه، هاڻي خطري ۾ ڪانهي. خطري جو سبب ئي نه رهيو نه دپ ڇاجو؟ پر بلڪل ٺيڪ ٿيڻ ۾ اڃا ڪجهه وقت لڳندس ۽ سندس ڏيکڀال ۾ اڃا ٺيڪ طرح سان ٿيڻ گهرجي. توهين جوڙيءَ کي مختصر بدنامي سواءِ هينئر نه پر ڪجهه ڏينهن کانپوءِ، اهو نه توهين کيس.

۽ سندس ڌيءَ بابت ڇا فيصلو ڪيو آهي؟"

"منهنجو ويچار آهي ته الڊرا ڊيويءَ کي مهنو ٻڌي ڏيان ۽ کيس واپس ڪشمير وڃڻ لاءِ چوان. وڃي اُتي ته سڌري سگهي ٿي. وقت وڏو حڪيم آهي. سمي گذرندي سندس دل اهو صدمو سهي شايد ٺيڪ ٿي وڃي."

"مونکي سندس سڌرڻ ۾ شڪ آهي." ڊاڪٽر ڪنيرتا سان چيو.

"جڏهين اهڙي سياڻي ۽ جذباتي واري استري بگڙجندي آهي ته سندس سڌرڻ مشڪل ٿيندو آهي. پر اميد لاهڻ نه گهرجي."

پويان اکر ڊاڪٽر، راجا صاحب کي محض دلداريءَ ڏيڻ لاءِ چيا.

"ڊاڪٽر صاحب مونکي ته خود پاڻ تي حيراني آهي، هڪ ڪن لاءِ به منهنجي دل ۾ اهو شڪ ڇو نه پيدا ٿيو ته جولي، جنهن جو سڀاءُ تمام گهڻو منهنجي زال مينا سان ٺهڪي ٿو اچي؛ اهائي منهنجي ڌيءَ تي سگهي ٿي. حقيقت ۾ اڄوڪي واقعي لاءِ ڪنهن حد تائين مان جوابدار آهيان، منهنجو ويڪ چڱو مونکي ڦٽڪاري رهيو آهي."

"ائين ڇو راجا صاحب؟" ڊاڪٽر عجب مان پڇيو.

"انهيءَ ڪري جو هيٺون سالن ۾ مون سندس سار

هيءَ ڏوهه به، اسان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي ڪن تي نه پوندو. مان ڊاڪٽر ليبج بهادر کي به واعدو ٿو ڪريان ته هن ڳالهه کي اڳتي سماپت ڪريو؛ ۽ وري هن جي ڪٿي به آڌار نه ڪري، سچ ڪٿي ڌيءُ اهڙي ٿي ڇڏي ۽ پٿر دل نه ٿي.“

”توهانجي اهڙي دَيا لاءِ مهرباني. اهو سڀ جيڪي توهين مولڪي ڏيڻ ٿا چاهيو، سو مون طرفان، جوليءَ کي شاديءَ وقت سوکڙيءَ طور ڏجو. مان جيڪي چاهيان ٿي سو نه مولڪي مليو ڪين ۽ نه ملڻ جي ڪا اميد ٿي آهي. تنهنڪري پڇتاءُ ڪرڻ مان ڪهڙو لاڀ؟ منهنجي دل ۾ بدلي جو پورو ڪهر ڪري ويٺي وهيو آهي، انهيءَ کي الان ڪيڏو مشڪل آهي.“

ٻڪساهي اهڙو چئي اوچتو وڃي ڪنهن جي روڪڻ کان اڳ ئي، ليو والڪيان ڪمري مان سرواٽ ڪري ٻاهر نڪري وئي.

* * *

ڊاڪٽر ليبج بهادر جڏهين سڀ ڳالهيون ٻڌيون ته کيس گهڻو عجب ڪرڻ لڳو. هو منو وگيانڪ ڊاڪٽر هو. واجا واجبند ۾ جون سڀ ڳالهيون ٻڌي ڊاڪٽر ارمان ظاهر ڪندي چيو، ”انسان منش مان ئي اميد ٿي ڪهڙي ٿي رکي سگهجي؟ محبت ۾ چوٽ کائي، انسان يا ملائڪ بڻجندو آهي يا شيطان...... پلا توهان الدوا ديري

زوري ڪئي ٿي هلي! افسوس اها ڳالهه جيڪر شروعات ۾ ئي مغز ۾ ويهي ها.

”مون، تون نه ڪجهه چئه، تو ته مونکي ڏوهارڻ ٺهرايو آهي!“ رجنيءَ جي آواز ۾ اٽلڪي مايوسي هئي.

”مان توکي ڀڳوان جي ڀروسي تي ٿي ڇڏيان. شل ايشور توکي سمت ڏئي.“ ڏڪندڙ آواز ۾ اندرا چيو.

”ايشور! ڀڳوان!! اهو آهي ڪٿي؟ جنهن جي آڌار تي تون مونکي ڇڏي ٿي ڏين؟ مون لاءِ ته جڳ ڀڳوان ته مري ويو آهي. جي مري نه ويو آهي ته بلڪل پوڙهو ٿي اکيون ٻوٽي ويٺو آهي. مان هلي وڃان ٿي جتي توهان مان ڪوبه مونکي ڏسي نه سگهي. توهان مان ڪوبه مون لاءِ ڪجهه به نه ڪندو.“

”رجني ڀيڻ، ايترو نا اميد ۽ نراس نه ٿي. آتما جو ناس نه ڪر ڌيءُ ايشور کان معافي گهر.“ راجيندر ڏکاري آواز ۾ چيو، ”توکي مون ڌيءُ سمان سمجهيو هو ۽ هينئر به منهنجي هردي ۾ تولاءِ ساڳي جڳهه آهي! پر، پڇتاءُ ڪر ته پرماتما انهيءَ ڏوهه بخشي توکي نئين زندگي ڏئي. انهيءَ دنيا جا ماڻهو توکي وڌيڪ نه ستائيندا. جيتوڻيڪ تون هينئر اڪي جواءِ سان گڏجي سگهندينءَ ۽ نه هن کي رهي سگهندينءَ، تڏهين به مان واعدو ٿو ڪريان ته تولاءِ جوڳو بندوبست ڪندس. گهر، دولت ۽ زمينداري، سڀ ڪجھ ڏيندس تنهن کانسواءِ، تنهنجو

ڪاڏي. مون پنهنجو ڏوھ قبول ڪيو. مون جوانيءَ ۾ ڪي
زهر ڏنو انهي آس تي، ته سندس مرڻ بعد مان ديپڪ
کي پائي سگھندس. ۽ منهنجي اها اميد به بي بنياد
ثابت ٿي. هيئنر مان اهو ئي ڄاڻڻ ٿي چاهيان ته ”اوهين
مون لاءِ ڇا ٿا ڪرڻ چاهيو؟ منهنجو مستقبل ته هميشه
لاءِ انڌڪار سان ڇانئجي ويو آهي. جيڪڏهين مونکي
جيل موڪليندا ته مان خوشيءَ سان ويندس ۽ ڪورٽ
۾ پنهنجو ڏوھ به کليو کلايو قبول ڪندس. مونکي
ڪوبه ڊپ ڪونهي.“

”تو منهنجي ڌيءَ کي وِش ڏئي مارڻ چاهيو ۽
مون ته هميشه، توکي پنهنجي سڳيءَ ڌيءَ سمان سمجھيو
تنهنڪري مان توکي معاف ٿو ڪريان. تون آزاد آهين.
جيڪڏهين تون پڇتاءُ ڪري نيڪ نموني ۾ هلندئين
ته منهنجي دل کي سنتوش ۽ آنند ملندو.“ راجيندر
همدرديءَ واري لهجي ۾ چيو.

”تون جوانيءَ جي پياري ڀيڻ سمان آهين. تنهنڪري
مان به توکي سچي دل سان معاف ٿو ڪريان.“ ديپڪ
ڪومل لهجي ۾ چيو.

”ڪاش! جي تون منهنجي پوڄا سويڪار ڪري
منهنجو ديوتا بڻجين ها. منهنجي اُڪنڊا ۽ پياسي دل
کي پنهنجي محبت جو پاڻي پيئارين ها ته اڄ مونکي
هي ڏينهن ڏسڻو نه پوي ها. ليڪن، محبت ۾

آخر پاڻ سنڀالي چيائين، "اندرا ديوي مان سچيءَ دل سان توکي معاف ٿو ڪريان. تو مالڪ جا شڪرانا جو ٺيڪ وقت تي هيءُ راز کليو آهي. توهان غريبن جي ٻچن کان مجبور ٿي ائين ڪيو ان لاءِ مان جو پڪو بندوبست ڪندس توهين ڪو آلڪو نه ڪريو."

ٻڌي رجنيءَ جي واجهه وڃي سندس ڪلهن تي هٿ رکندي ڏک ۽ همدرديءَ ڀري لوع ۾ چيائين، "رجني ڏيءَ، مان توکي ٻه ڪجهه ڳالهه چوندس. ٻر منهنجي هڪ التجا آهي توکي، ته آئينده اهڙي نموني هلي ٻاڪي ۽ ٻين کي دکي نه ڪج."

رجنيءَ جي دل راجيندر جي انهن اکرن کان اثر انداز نه ٿي. هن ٻڪ ٽڪ ڏانهنس نهاريندي چيو، "توهين نه هوندئو ته، هميشه جوليءَ کي ٿي چاهيندا هئا سو توهان کي ته دکر لڳو ٿي نه کوڙي."

"ڏٺين ته مون تنهنجا سڀ خيال ۽ اوڻا ڪيا. مان توهان تراس ضرور ٿيو هوس ٻر اميد صفا لاٿي نه هئم. تنهنجي شرخ هلت ۽ ڪنور دل موڙي......" ٻر رجنيءَ وچ ۾ ئي ڪٽ ڪٽيندي چيو.

"ڪنور دل! مون انهي دل سبب ٿي ٻاڻ کي برباد ڪيو."

ٻڌي سيني ڏانهن نهاري هن سانڀڻي آواز ۾ چيو، "اڄ يعني جوليءَ ڪٽيو. ٻاپ يعني رجنيءَ شڪست

”ڏيکو ڪيترو نه ٿوريون ٻڌڻي ڪئي، پر! تون جوانيءَ
ساڻ نه اڳيئي شادي ڪري رهيو هئين پر هاڻي نه ستارو
زور ڏيئا! هوءَ راجا صاحب جي راجڪماري ٻڌجي
سهڻي پر ۽ ملڪ جي سرڏي ٻڌجي ايندي.“

پر ڏيک وسهي، ٻڍل نگاهن ساڻ اندرا ڏانهن
نهاري رهيو هو.

”شرمان توهين نه هڪ اکر به ڪڍو؟ مان پاپ
۽ وشواس گهاتڪ آهيان، پر ڇا توهين منهنجو پڇتاءُ
۽ دک ڏسي معاف نه ڪندا؟ مونکي رڄڻ لاءِ پيڊ
موڪ هو. سوچيم ته سندس زندگي ٺهي ٿيندي.“ پر
”ٻندو ڪندو جيڪي ڪري سو ڏوه!“

پر راجا صاحب اڃا به خاموش رهيو. هـر ڪنهن
اولهي وچار ۾ پئي ڏنو. سندس چهري جو رنگ ڪن
ڪن ۾ ڦرندو ٿي رهيو.

”راجا صاحب! مان آنچل پکيڙي توهانکان ڪميا جي
ڀيک ٿي منگان. جيستائين توهين معاف نه ڪندا تيستائين
مونکي شانتي نه ملندي. جيڪڏهين موي وانداس ته
به منهنجو اشانت روح ڀٽڪندو ٿي رهندو......“ ايترو
چوندي اندراوتي ۽ جو گلو ڳهڪجي ٿي ويو ۽ سندس
ليٽڻ مان پڇتاءُ جا لڙڪ، سندس ڳلن کي ڀسائيندا،
هيٺ زمين تي ڪرڻ لڳا.

راجيندر اهڙي پڇتاءُ ۽ آتم ڌڪار تي وسو ٿي ويو.

لي تو جو نشان آهي؟"

راجا سوال ٻڌي ٻهرين ته هڪ منٽ لاءِ گهري سوچ ۾ پئجي ويو ۽ هو پنهنجي غلطيءَ تي پڇتائڻ لڳو ته هيترو عرصو هنکي ڇو ڪين اهڙو خيال آيو. پوءِ ڪجهه وقت رکي چيائين، "جي مان ڀلجان نٿو ته جوانيءَ کي لنگهي ڏيندي هوندي ڏائي ڪلهي جي پٺيان هڪ ڇٽي جيڏو تو جو داغ نظر ايندو هو."

اهو ٻڌندئي رجنيءَ کان ڇرڪ نڪري ويو، جاڪاڻ ته هنکي انڌوايءَ جاڻ هئي ته جوانيءَ کي پٺيان ڪلهي وٽ برابر اهڙو ڪارو داغ آهي.

"اندرا ديوي اهو سڀ سچ آهي!؟" ديپڪ اتاور لي پڇيو.

"اهو سڀ سچ آهي ديپڪ ڪمار، ڇا توکي اڃا به اعتبار نٿو اچي؟ ٻنهي جي سياڻن ۾ ڪيترو نه فرق آهي! جوليءَ ڪڏهين ڀل چوڪ ۾ به مونکي تڪليف نه ڏني. هوءَ هميشه ڪومل، سڀاجهي، چٽيوان ۽ سچيار رهي. هڪ گهڙيءَ لاءِ به هن ڪڏهين ونکي دک نه ڏنو. ڪيس پنهنجي ڌيءَ ڪري ڀالڻ ۾ ڪيڏو نه آنند ۽ فخر هو! هيءَ رجني! هميشه ضدڻ، هٺيلي ۽ بي ڇٽي افسوس اٿم اهڙي اولاد......"

اڃا اندرا ديويءَ جملو پورو به نه ڪيو ته رجنيءَ طنز ڀري نوع ۾ ديپڪ ڏانهن نهاريندي چيو،

جو اوچ خاندان داغي ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪلنڪت ٿي آهي منهنجي ڪک. جڏهن توهانجي ڌيءُ ۽ هڪ منهنجي آهي. توهان جنهن سوال سڀاجهو ۽ سهڻي ڌيءُ جوڙي ٿي آهي."

"۽ توهانکي انهيءَ ڪمت مان فائدو ڪهڙو پهتو؟" ڊيپڪ آماڪ سوال پڇيو.

"ڪجهه به نه، مون چيو ڪري، نه شاهوڪاريءَ جي لوڀ مونکي جنسي پاڳل ڪري ڇڏيو. مون سمجهيو ته الهي لعولي مونکي داڻي پاڻيءَ لاءِ محتاج نه ليکو پوندو. مونکي ڪيئن اهڙو لوڀ ورائي ويو سو عينڻو نه مان خود اڄ سمجهي سگهان. ممڪن هو ته مان ان پاري ۾ شايد اصل نه ڇلان ها. ۽ منهنجي من کي هوڏ ۾ هڪ لوڇ پئي رهيو، ۽ هن وقت توهانکي الله عالم ۾ غوطا کائيندو ڏسي مان پنهنجو راز سانڍي نه سگهيس."

"شريعتي الدوا ديوي، اڪون ۾ چوڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ وشواس ڏيارڻ ٻي ڳالهه، توهانکي هن ڪهاڻيءَ لاءِ ثبوت ڪهڙو آهي؟" رجنيءَ پڇيو.

"موڪه چوڪري! تون زبان بند ڪر هاڻي. جيڪڏهن اڄو سڀ سچ نه هجي ها ته مونکي ايتري ڳالهه ڪرڻ جي جرئت ڪيئن ٿئي ها؟" اتين ڇئي الدوا ديويءَ راجيندر سان مخاطب ٿي چيو، "راجا صاحب توهانکي ته خبر آهي نه، ته جوليءَ جي بدن جي ڪهڙي ڀاڳي.

مونکي اهائي اميد هئي ته توهين ڪڏهين به، وري پنهنجي ڏيهه کي پاڻ وٽ نه گهرائيندا ۽ هوءِ سدائين مون سان ٿي رهندي.

ٻه هفتا ٿي پهن اچانڪ ڪلڪتي جي واپس ڪرڻ لاءِ جڏهين توهانجو خط آيو ته مونتي ڄڻ ته وڄ ڪڙڪي. جيتوڻيڪ توهان اسان سڀني کي ليمب ڏني هئي، تڏهين ته به منهنجي اندر ۾ طرحين طرحين جا گمان اٿڻ لڳا. منهنجو من گهراهٽ ليڻ لڳو ۽ مان لالچ ۾ ڦاسجي ويس. مون پنهنجي ڪکين کي ڪڏو ڪڏ راند ڪندو ڏٺو هو. دل ۾ خيال آيم ته، "چوته پنهنجي سڳي ڏيهه ڪٽي پدلي ۾ توهان کي ڏيان؟"

راجيندر جي عجب جي حد نه رهي ۽ دلڪ پهه قدم ويجهو ٿي ويندو. پر وجدي حقارت ۽ شوخ نگاهن سان ڪيس ڏسڻ لڳي. اندرا ديوي ڳالهه جو سلسلو جاري رکندي چيو، "جو اهڙو ويچار دل ۾ آيم اهو هن وقت پڌائڻ مشڪل آهي. دل چيم ته، "پنهنجي جان جگر کي عيش آرام جي پدلي ڏسان!" اهو منهنجو ڏوهه آهي. ليڪن غريبيءَ جي ڏکن مونکي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ انوقت مونتي اهو ڀوت سوار هو. اهڙو چئي اندرا سانت ٿي وئي. پر ٽنهي پڌندڙن جون اکيون منجهس کتل رهيون. هن ساهي پٽي ۽ غمگين لوع ۾ چيو، "شريمان، توهان

الي الدرا ديوي اڳتي وڌي هٿ سان راجا راجيندر
کي جهليو، "شريمان، مونکي ڪجهه چوڻو آهي، ٻه
ٻهراڻ انجام ڪري ٿو. توهين منهنجو اهڙو ڪميا ڪندا.
مونکي معاف ڪندا اهڙو وچن ڏيو. مان ڪرڻا ڪروڙي،
توهان اڳيان هٿ جوڙي ڪميا ٿي گهران." ۽ الدرا ديوي
ڪنڌ جهڪائي راجيندر جي جواب لاءِ ترسي بيٺي.

ديرڪ، راجيندر ۽ رجني سڀئي حيران ٿي ويا،
ٻه الدرا ديويءَ اچا ٻه الين ٿي ڪنڌ هيٺ ڪري
ويٺي رهي.

راجا راجيندر، جنهنجي دل دک کان ٻيڏ نرم ٿي
وئي هئي تنهن کيس ڏاڍو ڏٺو ۽ جلدي معاف ڪرڻ
جو وچن ٻڌ ڏالينس ته هين شرمندي الدرا ديوي الي
بيٺي ۽ چوڻ شروع ڪيائين، "راجا صاحب، حقيقت ۾
ڏوهاري مان آهيان. توهان مونتي وشواس ڪيو ٻه مون
توهان کي دوکو ڏنو. ۽ مونکي منهنجي ٻاپ جو ڦل
مليو. اڄ کان اٽڪل ١٣-١٤ سال اڳ، توهين دکي ۽
اداس ٿي مون وٽ آيا هئا. مونتي ٻودن وشواس رکي
مونکي منهنجي ڌيءَ سونپي ويا. ۽ مون کيس منهنجي
ڌيءَ والگر ٻاليو نپايو. توهان سان گڏجڻ کان اڳ، مان
غريبيءَ جو شڪار ٿي چڪي هيس، ٻه توهان مونکي
ڌن سان ايترو ڏني ٿي ڇڏيو جو مونکي غريبيءَ جو
احساس نه ٿيو. اسين ٻئي اهڙن والگر رهڻ لڳيو هئاسين.

پر رجنيءَ غرور ۽ ڌڪار ڀريل آواز ۾ چيو، "توهان کي وچ ۾ ڳالهائڻ يا ٻولڻ جو ڪهڙو حق آهي؟"

"حق ڇو ڪين اٿم؟ ٻيو وري پورو اولي اڌڪار اٿم."

"ڏسو اندرا ديوي، توهان ابا مون کي پاليو نپايو آهي ۽ تنهنجو اهو مطلب ناهي ته توهين مون تي رعب جمايو. توهين همت آيا ۽ ٻاڻ سان وٺي آيا منهنجي ڌيءَ کي. اها ڇوڪري جا ڏسڻ ۾ بلڪل ٻالي ٻولي ۽ ابوجهه، ۽ منهنجي قسمت جي راهه ۾ ڪنڊو ٿي پئي. ۽ هن منهنجي محبت کي نراسائي جي سمنڊ ۾ اڇلي ڇڏيو. ۽ توهين هيئنر مون کي اپديش ڏيئي رهيا آهيو؟"

"ڇو مون توکي منهنجي ڌيءَ والکر ته پاليو."

"توهان جهڙيءَ جهڙي ڌيءَ ٿيڻ کان ته مان مرڻ بهتر ٿي سمجهان."

اندرا ديوي لاجواب ٿي ويئي.

راجا صاحب جي ڌيرج جو بند ٽٽي پيو. "هي ايشور ڇا هن ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ ئي مون کي زندهه رکيو هوءِ؟ هڙي اولاد کان ته اهيئي ڀلي!

اندرا ديوي، مون ته توهان کي تمام سرل ۽ ابوجهه ٻالڪا سوچي هئي ۽ توهان مون کي موٽ ۾ ڇا آڻي ڏنو؟ هڪ خوبصورت ۽ بيدرد عورت! مون توهان کي نردوش ٻالڪا ڏني ۽ توهان موٽ ۾ هڪ خونڻ واپس ڪئي!"

سکيا ها جي هيءَ نکري پريم جي بيماري منهنجي تن من کي نه وکوڙي ها...... مان لنگهه دل نه پر موم دل ۽ ڪومل هردا، هجان ها جيڪڏهين...... جيڪڏهين تون ئو لکي الفت جو امرت پيئارين ها...... پر منهنجي بد قسمتيءَ جي حد نه ڏس جنهنکي مون پنهنجو سڀ ڪجهه ارپيو اهو مونکي خوار ٿو ڪرائي!" هينئر رجنيءَ جو رهيل ڪهيل غرور ٽٽي پرزا پرزا ٿي پيو ۽ هوءَ پاڻ جيئان ڦٽي هنياءُ روئڻ لڳي ۽ ٻين جي ڌلين کي ڌوڏڻ لڳي.

آخر راجيندر دردي لهجي ۾ چيو، "رجني، تون نه منهنجي هردي کي گهائي رهي آهين."

"گهايل دل مان پيا وري ڪهڙا اکر نڪرندا؟" رجنيءَ بيدڙڪ چئي ڏنو. راجا راجيندر ڪجهه ڪجهه سمجهه ۾ نٿي آيو نه ڇا ڪري، هو واري وٺيءَ سان ڪڏهين ڌاپڪ ڏانهن نه ڪڏهين رجنيءَ ۽ اندرا ديويءَ ڏانهن نهارڻ لڳو. اندرا ديويءَ جي چهري تي مايوسيءَ ڪان ڪن لاءِ اداسائي جي جهلڪ نظر آئي. هوءَ پڌ ٿي ۾ اٿي لڳي. پر اٿڻي هوءَ الي ۽ رجنيءَ وٽ اچي هن ڪجهه ڪنيهو تي چيو، "چو اجايو وارث جون ڳالهيون ٿي ڪرائين! منهنجي ساموون تون اهين نٿي ڳالهائي سگهين. ڪيوڏا ڪوڙي، همت جوڙي انيور ڪان معافي وٺ."

ڪاش! ديپڪ......“ ڪانئس از خود ئي پيل سڏ ڪري پوڄي وارو ۽ اکيون اشڪبار ٿيڻ لڳيس پر هُوءَ چوندي رهي،

”ديپڪ تون ڇڏي سگهندين نه جوليءَ کي مون جو زهر ڏنو؟“ ڇا نه درد هو سندس آواز ۾! ڇا نه ايڏا ۽ مايوسي هئي سندس آب ڪٿوراڻ ۾!! ”توکي حاصل ڪرڻ لاءِ. مان تنهنجي محبت ۾ گرفتار هئس. پنهنجي اعراد من ڪــي گهٽوٽــي سمجهيم ليڪن من منهنجو مايوس هو. تنهنڪري جوليءَ جي خوان مان نه، پر تنهنجي محبت آهي!!“

ٿورو ترسي، وچني ئي ڳالهه چوندي رهي، ”ديپڪ مان، توکي دل وجان سان پيار ڪندي آهيان. تو ٻڌان مونکي پنهنجي جيون ويران ٿي لڳي...... منهنجي رڳ رڳ توکي چاهيندي آهي پر...... تو منهنجي پريم جو قدر نه ڪيو، تون مونکي ٺڪرائيندو رهئين ۽......اڄ، دنيا اڳيان مونکي ڏوهي ثابت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيئو آهين. مان توکي ڪيترو ئي پيار ڪريان انجو تون خواب ۾ به تصور نه ڪري سگهندين...... پر...... هاڻي بازي هارائي ويٺس...... سڀ وڃي ويو.“

ديپڪ، راجيندر ۽ اندرا ديوي اوڪ بڻجي ويا ۽ وچني ٻنهي ٿڪل نيڻ جي وهندڙ ڳاٽيءَ جيان چوندي رهي، ”منهنجي زندگي شاد ٿي سگهي ها جيڪڏهين هوءَ نياڳو محبت جو مرض نه لڳيم ها. مان سگهي رهي

خبر آهي ته تون قاتل آهين؟ تون مشڪندي رهين ۽ وڃاري جولي مرلندي رهي. تو پنهنجن چپن سان سندس ڳل چميا پر پنهنجن هٿن سان کيس زهر ڏنو! اهو ڇل ڪپٽ ڇو؟"

"افسوس جو منهنجو ڇل ڪپٽ ڪامياب نه ويو." رجنيءَ رکائيءَ سان وراڻيو.

رجنيءَ جي ان جواب سڀني کي حيران ڪري ڇڏيو.

"اڙي ظالم ۽ ڪٺور!" ڊاڪ ڏاڍي غصي مان چيو، سندس اکين مان ڄڻ ٽانڊا ٿي وسايا.

اندرا ديويءَ جون نظرون رجنيءَ ۾ کتل هيون. ڊاڪ جي اها روش کيس نه آئڙي ۽ هوءَ موقعي جي نزاڪت ڀانپي وئي ۽ سندس من ڊانوان ڊول ٿيڻ لڳو. ڊاڪ جو غصو، جوش ۽ رکائي ڏسي رجنيءَ جي دل ۾ ڄڻ جوالامکي ڦاٽو. وس پڄيس ها ته ان آگ ۾ جيڪر پاڻ کي جلائي ڀسم ڪري ڇڏي ها. هوءَ جهٽڪي سان ڪرسيءَ تان اٿي کڙي ٿي ۽ ڊاڪ سان مخاطب ٿي چيائين، "منهنجو هيئن اپمان ڪري رهيو آهين تون؟ مون کي دنيا اڳيان گنهگار ثابت ڪرڻ لاءِ اتاولو ٿي رهيو آهين تون؟؟ جنهن لاءِ هي سڀ ڪجهه مون ڪيو، جنهن خاطر مان ميڻ ۾ دل جي اونهي ايذا سهندي رهيس ۽ جنهن کي پاڻ لاءِ ڏسي مان قاتل بڻيس ۽ اهو تون تو مون سان هيئن شوخ ڳالهائين؟؟؟

پڻهي ڏانهن نهاريندي شانت نوع ۾ وراڻيو.

”تون نه ڪا پٿر دل آهين!“ دليپ حقارت ڀري نوع ۾ چيو.

هڪ منٽ لاءِ وجئه جي اکين ۾ ساوڻ ڀرجي آيو. پوءِ هن ڇپن کي ڇڪ پائي ڳوڙها هيٺ ڪرڻ کان روڪي ڇڏيا ۽ دليپ ڏانهن نهاريندي ڀريل آواز ۾ چيائين، ”ڪاش مان پٿر دل ۽ هردي- هين هجان ها! پر مشڪلات نه اها آهي جو مونکي به دل آهي ۽ انهي دل ۾ اونها امنگ ۽ ارمان اٿم...... ۽ ڪنهن به منهنجن امنگن جو قدر نه ڪيو......“

”وجئه ديئي الين نه چئه.“ اندرا ديويءَ وچ ۾ ٽپي ڪيس ڪپيندي، لاڏائيءَ سان چيو، ”منهنجي دل جسي ٽڪر ٽڪر ٿي ٿي.“

هيٺر راجيندر لورو ٻاڻ سڏيائيو هو، هن ٺهر سان چيو.

”وجئه ديئي پر اهو نه ٻڌاءِ ته تو هي اٿساهيندو ۽ پاپ جهڙو ڪم ڇو ڪيو؟“

ڪن لاءِ وجئه جي ڇپن ۾ حرڪت ٿي پر ٻيءَ گهڙيءَ هوءَ مانت ۾ دليپ ڏانهن نهاريندي رهي. ڇا نه اپوسي هٿي سندس ليٽن ۾!

دليپ ٻاڻ روڪي نه سگهيو ۽ ڪٺور نوع ۾ چيائين، ”اين مانت ۾ رهڻ سان تون ڇٽي ڪونه ويندينءَ. توکي

سندس هٿ ۾ دوا جي شيشي ۽ ڏني هئائين. جڏهين ڪالٿس ان وقت اچڻ جو سبب ٻڌايائين، ته رجنيءَ چيو هو، "لنڊن کان ٽي آئي، مون گهرائجي رکيو هو، سو چيم ته جولي کي ڏسي اچان."

"رجني، ڪوڻ ڳالهائيندي چوندي ٿي؟" هن دفعي راجيندر ذرا شوخ ٿي چيو، "ڇا سچ پچ تو اهو ليڪچر ڪم ڪيو آهي؟؟ ڪوڻي جوليءَ جي دوا ۾ زهر مليل آهي؟؟؟" ڪروڌ ۾ ڏڪندي راجا صاحب جي ڏي رڙ ڪري چيو.

رجني اڃا ڪائين ماٺ ۾ ڪجھ سوچي رهي هئي. اکين ٻٽي ڏسڻ ۾ آيو ته هن پنهنجا ويچار اسٿر ڪري ڇڏيا هئا. آخر هن دردي آواز ۾ چيو، "مان ڪٿي ناڪار ۽ ڪريان ٿي ان مان ڪهڙو فائدو ايندو؟ ڊاڪٽر بيج بهادر، دوا جي شيشي ۽ ٻي زهر جي شيشي سڀ منهنجي برخلاف ثبوت آهن."

راجا صاحب ان صدمي کي سهي نه سگهيو ۽ ٻيجان ٻٽ جيئان ڌڙام کان ڪرسيءَ تي ڪري پيو. پر رجني ڳالهائيندي رهي، "خوشي اٿم ته جولي بچي ويندي... پر هن وقت بعد ارمان اٿم جو هوءَ زنده آهي. هن وقت منهنجي رڳ رڳ ڪيس ڌڪاري ٿي."

اها ٻڪواس بند ڪر رجني، رڪي آواز ۾ اندرا پڪاريو، "ٿون استري آهين يا خوبصورت ناگڻ؟؟؟"

"جيئن ٿه توهين سمجھو" رجنيءَ دٻڪ ۾ اندرا

ڊاڪٽر ڏٺو ته سهيل ۽ هيسيل اندرا آهستي آهستي
اچي رهي هئي. سندس منهن جو رنگ اڏامي ويو هو.

هن ڊاڪٽر کان پڇيو، "ڊاڪٽر هي ڪهڙو معاملو
آهي؟ جولي ته مورڇا ۾ وئي آهي. رجنيءَ ڇا ڪيو
آهي؟" سندس آواز ۾ ڏڪڻي هئي.

ڪوبه جواب نه ملڻ تي هن رجنيءَ ڏانهن نهاريو،
"ڏيءَ اوهان تي پتاءِ نه ڇا ٿيو آهي؟"

جڏهين رجني به ڪو جواب نه ڏنس تڏهين راجا
طرف نهاري چيائين، "شرمان، توهين کي پتاهو ته ڪهڙي
ڳالهه ٿي آهي؟"

"مان صرف ايترو پتائي سگهان ٿو ته ڊاڪٽر رجني
تي جوليءَ کي زهر ڏيڻ جي تهمت رکي آهي. توهين کي
پتاهو اندرا ڊاڪٽر، ڇا اهو سچ ٿي سگهي ٿو؟ ڇا
رجنيءَ جهڙي سشيل ڇوڪري اهڙو نيچ ڪم ڪري
سگهي ٿي؟ ۽ رجنيءَ کي ته ڏس، مشڪل شانت ٿي
وئي آهي، ڄڻ گونگي آهي!"

"رجني! تو جوليءَ کي زهر ڏنو؟ نه، اهو ممڪن
ناهي..." اهين چوندي اندرا روڪجي وئي.
سندس دماغ ۾ سنيما جي مورتن وانگر ڪي گذريل
واقعا ڦرڻ لڳا. کيس ياد پيو ته هڪ رات جو جڏهين
اوچتو سندس اکيون ننڊ مان کلي پيئون هيون، ته هن
جوليءَ جي پلنگ پرسان رجنيءَ کي بيٺل ڏٺو هو ۽

احوال ٻڌي راجا راجيندر اواڪ رهجي ويو. ڪيس ٻڌل ڳالهه تي ويساه ئي نٿي ٿيو سو پنهنجي خيال کي زوردار نموني ۾ ظاهر ڪندي چيائين:-

“اهو ناممڪن آهي. شايد تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي.”

“ائين هجي ها، ڪٽي” دليپ راجيندر سان مخاطب ٿيندي چيو.

“۽ هن ٻنهي ڊاڪٽرن جو دماغ ته سالم آهي.”

هيئر راجيندر جا اوسان خطا ٿيڻ لڳا. سندس اکيون ذري گهٽ آليون ٿي ويون ۽ هن اداس لهجي ۾ چيو، “دليپ مون تي دايا ڪر. هيءَ منهنجي صرف هڪ ئي ڌيءَ آهي. ڇا، اهي سڀ ڪوڙ آهي.”

وري رجنيءَ ڏانهن نهاري چيائين، “ڌيءَ تون ئي ڇا، اهو سڀ سچ ڪري ٿي، ڇا، ته رجني. ڳالهائين ڇو نٿي؟ دليپ تون ئي ٻڌاءِ؟”

رجني ماٺ ۾ رهي.

“دادا، سچ کي توهين ڪيستائين دٻائيندا؟ مولڪي ۾ ڪڏهين اعتبار ڪو اچي ها، جي خود مان پنهنجن اکين سان نه ڏسان ها. ۽ هن ائين ڪيو ڇو؟ ڪڏهين ۾ جوائيءَ کيس نقصان ڪونه پهچايو، پوءِ ته هن سائنس ائين ڪيو؟”

ايتري ۾ ڪنهن جي قدمن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ آئي.

"لاڳاپو اھو آھي ته ڪيس روز زھر ڏنو پيو وڃي ۽ زھر ڏيڻ واري ھئي رجني آھي." دليپ رجنيءَ ڏانھن اشارو ڪندي چيو.

"تون اھو سراسر جھوٽ ٿو ڳالھين. دليپ تون پاڳل ته نه ٿي ويو آھين؟"

راجيندر تمام جوش مان چيو.

"دادا، مان پاڳل نه آھيان. توھين ڌيرج سان منھنجي ڳالھ ٻڌو. ٿورا ڏينھن ٿيا ڊاڪٽر شيام کي اھو شڪ پيو. ھو ڪيس سمجھه ۾ نٿي آيو ته ڪو سچ پچ جوانيءَ کي زھر ڏنو پيو وڃي. تنھنڪري ھن ڊاڪٽر ليج کي ڪھراڻا جي صلاح ڏني. ھنجو به اھوئي رايو ھو.

ھٿي مراجھاري ۾ ھئا ته ڪير زھر ڏيئي رھيو آھي؟ تنھنڪري ٻنھي ھٿ رھڻ جو ارادو ڏيکاريو ۽ منھنجي سھڪار جي طلب ڪئي. منھنجو دماغ ئي چڪر ۾ اچي ويو ته مان ڪيئن ڏوھي ڳولھي سگھندس. پر اڄ ايشور منھنجي سھائتا ڪئي. اڄ ٻيو دفعو مون ڪنھن کي ديل آھٽ سان ھلندو ٻڌو. ھڪ رات اڳ ۾ به اٿين ٻڌم پر انکي مون ڀرم ٿيم سمجھي ٽاري ڇڏيم. پر ھن دفعي مان بلڪل خبرداريءَ سان ڪمري کان ٻاھر آيس ۽ ھڪ پاڇي جھڙي صورت جو مون پيڇو ڪيو. تنھنکانپوءِ دليپ راجاجيءَ کي سڄو احوال ڪري ٻڌايو جنھنڪري انھي ڪمري ۾ ٿي گذريو.

ڪمري ۾ بتي راجيندر اٿي ٻاري. دليپڪ رجنيءَ جو هٿ ڇڏي ڏنو ۽ ڪيس هڪ ڪرسيءَ تي وهارايائين.

رجنيءَ ڏانهن ڪروڙي نگاهه سان نهاريندي راجا صاحب کي چيائين، "سڃاڻي ٻڌجو. نهايت ارمان جي ڳالهه آهي جو رجني توهانجي اڳيان هڪ گنهگار جي روپ ۾ حاضر آهي."

"رجني ۽ گنهگار!" راجا صاحب عجب ۾ چيو، "دليپڪ زبان سنڀالي هلاءِ. توکي مان پٽ جيان سمجهندو آهيان، ۽ انهي ڪري اجوڳو فائدو وٺي تون منهنجي ڌيءَ لاءِ اهڙو الزام ڪڍي رهيو آهين؟......"

"ها دادا اهو سچ آهي!" دليپڪ جوش مان چيو.

"ڇا سچ آهي؟" راجيندر غصي وچان سوال ڪيو.

"رجنيءَ اهڙو سنگين ڏوهه ڪيو آهي جو موت به ڪيس اهو گناهه معاف نه ڪري سگهندو!

مون توهان کي اڳ ۾ ڪجهه به نه ٻڌايو ڇاڪاڻ ته ان وقت هن ڀيد کي گپت رکڻ ۾ ئي ڀلائي هئي. توهان کي خبر آهي نه جوليءَ کي ڪهڙي بيماري آهي؟ ڪهڙي مرض کان هوءَ سڙجي روز روز ڳرندي پئي وڃي؟؟"

"نه، مونکي نه خبر ڪانهي. ۽ جوليءَ جي بيماريءَ جو رجنيءَ سان ڪهڙو لاڳاپو!؟" راجيندر عجب مان پڇيو.

منهن ڪري چيو، "ڊاڪٽر هنجي هٿ مان اها شيشي وٺي ڏالو ٻڌايو ته ڇا لکيل آهي؟"

ڊاڪٽر لڇ ٻهادر وجئي جي هٿ مان شيشي ورتي. شيشيءَ تي لکيل ڏالو پڙهي ڊاڪٽر حيرت وچان ديپڪ ڏانهن نهاريو.

"ڇا آهي ڊاڪٽر؟" الاوالوتي ديپڪ سوال دهرايو.

"مولمار زهر!" ڊاڪٽر عجب ۾ ڪنهوڙا سان وراڻيو.

"هن جو مطلب ڇا آهي ديپڪ؟ وجئي لون ڇو هٿ آئي آهين؟؟ تنهنجي هٿ ۾ هيءَ شيشي ڪيئن آئي؟؟" ۽ ديپڪ ڏانهن گهوُريندي چيائين، "ديپڪ تو ڇو ڪٽي وجئيءَ کي هيئن ٺڳيو آهي؟" ٻڪساهي راجا صاحب سوال پڇيا.

جولي الهيءَ شور تي اوچتو جاڳي پيئي. سندس ضعيف دماغ ڪجهه به سمجهي نه سگهيو.

اندرا ديوي اچانڪ مورڇت ٿي ڪري پيئي.

"شريمان!" ڊاڪٽر راجيندر ڏانهن نهاريندي چيو، "جيڪڏهين منهنجو انومان سچو آهي ته توهين مهرباني ڪري واپس پنهنجي ڪمري ۾ هليا وڃو. هنجو اثر مريض لاءِ خطرناڪ ٿيندو. مان هينئر اندرا ديويءَ کي ڏسانٿو."

راجا صاحب ڊاڪٽر جو چوڻ ٻڌي لاچار هليو ويو. سندس پٺيان ديپڪ وجئيءَ جو هٿ پڪڙي هلڻ لڳو.

هئي ۽ ٻئي هٿ سان سندس ڳلو.

ناچو گهٻرائجي اٿي ويٺو. مگر ڪـي جو سندس ٺوڪر لڳي سو انهيءَ زمين تي ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيئي. ڪمري ۾ گهور انڌڪار ڇانئجي ويو.

زمين تي جڏهن ڪي ٺوڪر لڳي اها اندرا هئي. واڳاري جوليءَ جي کٽ لـي واهي رهي، اکڙي ننڍاڪڙي لـي اليئي هٿ ۾ ليٽي پيئي هئي. اونده سبب ڏيپڪ ڪيس هٿ ۾ ليکيل نٿي ڪري سگهيو هو. ٺڪ لڳڻ سبب هوءَ هڪدم جاڳي پيئي ۽ انهيءَ جي ڪرڻ جي آواز تي هوءَ بلڪل گهٻرائجي وئي ۽ رُئي روڻ ڪيائين.

جوليءَ جي ڪمري جي ٻنهي پاسن کان ڪمرو ٻولي ڊاڪٽر ۽ راجيندر جا ڪمرا هئا. روڻ ٻڌي ٻئي جاڳي پيا. ٻنهي جي خيال ۾ ان وقت جولي اڪيلي هئي. اندرا جو روڻ ٻڌي ٻئي ٽپ ڏئي ٻاهر ڊوڙي آيا. سندن ٽارچن جي روشنيءَ اونداهي ڪمري ۾ پورو پرڪاش ڦهلائي ڇڏيو.

راجيندر جي ٽارچ جي روشني اچي ناچي تي پيئي جڏهن جو ڪپڙو مٿان کسڪي ويو هو.

”ڪير رڃي! هتي هيڏي مهل ڪيئن؟ ڏيپڪ ڳالهه ڇا آهي؟“ راجيندر حيرت ڀري آواز ۾ پڇيو.

ڏيپڪ ڪيس ڪوبه جواب نه ڏنو. هن ڊاڪٽر ڏانهن

ميز طرف وڌيو جتي دوائن جون شيشيون رکيون هيون.
ٻتيءَ جو جهيٽو ٻرڪش ان ٻاچي تي پيو. ديپڪ ڏٺو
ته اهو ٻاچو مٿي کان پيرن تائين اڇي چادر سان ڍڪيل
هو. صرف ٻه اکيون چمڪي رهيون هيس.

هن دوا جي شيشي هٿ ۾ کڻي، ٻهڪندڙ کڙڪن
اندران هڪ ننڍڙي شيشي ڪڍي. ديپڪ صاف ڏٺو
ته هن ٻنهي شيشين جا ٻوچ کوليا، وري ڪو خيال
ڪري شيشي ٽيبل تي ميز تي رکي ڇڏيائين ۽ ننڍڙي
شيشي ۽ ٻند ڪري کڻي کڙن اندر لڪايائين.
ڪجهه مهت اهو ٻاچو ڪنهن اولهي ويچار ۾ ٻڏجي ويو
۽ پوءِ وري جوتيءَ طرف وڌيو ۽ ڪجهه مهت پرام
ڀريل نگاهن سان ڏانهس ڏسندو رهيو...... پوءِ اوچتو
سندس اکين جو ڀاءُ بدلجي ويو ۽ هو جلدائي سان ميز
طرف ويو ۽ کڙن مان اها ننڍڙي شيشي ڪڍي کولي
هن ڦرو ڦرو ڪري شيشيءَ ۾ پيل ٻاٽيوٽ، دوا واري
شيشي ۾ ملائي ۽ شيشيءَ کي چڱي طرح لوڏي ٻند
ڪري کڻي ميز تي رکيو اڃا ننڍڙي شيشي هٿ ۾ ئي
هئي ته ٻڪا ٻڪ شيشن وارا ڪر چلاڪ ڏيئي ديپڪ
ٻودي ٻنيان لکري آيو. انڌيري ۾ سندس ٻارن ڪنهن
ڪي زمين تي ٺوڪر ٻا. هنڻين ٻر هڙ، اهڙي جي ڪا
ٻرواهه نه ڪئي، هڪ هٿ سان جهٽڪو ڏيئي هن ٻاچي
واري انسان جو اهو هٿ ٻڪڙيو جنهن ۾ خالي شيشي

وڃي رهيو هو!

هن ۾ بلڪل ڌيمي قدمن سان ناچي جي پٺ ورتي. اهو ناچو آهستگيءَ سان ڏاڪڻ لهڻ لڳو ۽ پوءِ جوليءَ جي ڪمري طرف وڌيو. ديپڪ ۾ سندس پٺيان پٺيان وڃڻ لڳو. جوليءَ جي ڪمري وٽ پهچي اهو ناچي واري صورت روڪجي وئي. ديپڪ ۾ ڪجهه فاصلو ڇڏي بيٺو. سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي.

تمام آهستي دروازو کولي اهو ناچو اندر گهڙيو ۽ دروازو کليل ئي رهجي ويو. ديپڪ ۾ آهستي آهستي اندر پردي جي اوٽ ۾ در وٽ اچي بيهي رهيو، جيئن پردي پٺيان بيهي هو انسان کي ڏسي سگهي...

اندرا ڏيويءَ جي کٽ خالي هئي. ڪمري جي باقي حصي ۾ به اونداهه هئي. جولي کٽ تي سمهي پئي هئي. هڪ پاسي ننڍڙي ٽپائي تي دوائن جون شيشيون ۽ گلاس وغيره رکيا هئا. ٽپائيءَ جي هڪ ڪنڊ تي ننڍڙي ۽ جهڪي پرڪاش واري ٽيبل- لئمپ ٻري پئي رهي هئي.

اهڙيءَ ناچي واري صورت هڪ دفعو هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. پوءِ جوليءَ جي بستري ڀرسان ويو. وري هڪ دفعو چوڌاري نهاريائين، پوءِ بلڪل آهستي جوليءَ جي ڳلن کي چميائين.

اهو ناچو پوءِ ٽڪ ڪيس ڏسڻ لڳو، پوءِ ان

اماس جي ڪاري رات هئي، آڪاس ٻادلن سان ڀريل ٿي لڳو. گھور انڌڪار هو. سڄي محل ۾ خاموشيءَ جو راڄ هو. اهڙيءَ خاموشيءَ ۾ صرف گھڙيال جي ٽن... ...ٽن جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. سڀ نندرا جي صحت بخش گود ۾ لڪل سپنن کي آرام ڏيئي رهيا هئا... ليڪن ديپڪ کي ليٽڻ ۾ ننڊ ڪونه هئي، هو ته گويا گھڙيال کي سانت ڏيندي سندس آواز سان ڪن ٽڪائي ڳڻيندو رهيو. ٻارهن... ٻارهن... هڪ... ٻه!

رات جا ٢ ٻه لڳي ويا ۽ ديپڪ جي ليٽڻ ۾ ننڊ نه هئي. سندس دل ته هئي جوليءَ وٽ. "جولي موت سان لڙي رهي آهي" اهڙيءَ خيال سندس ننڊ آرام حرام ڪري ڇڏيو هو.

اوچتو سندس خيال ٽٽي پيا. هن محسوس ڪيو ته ٻاهر ڪير ڌيمي قدمن سان هلي رهيو آهي. ديپڪ ان کي من جو ڀرم سمجھي ٽاري ڇڏيو...... پر آهٽ ته برابر هئي...... پڪا پڪ سندس دماغ ۾ بجليءَ وانگر ڪو خيال پيدا ٿيو هو يڪدم ٽپ ڏيئي بستري تان اٿي کڙو ٿيو ۽ آواز جي نوڪ وٺندو خبرداريءَ سان ان طرف روانو ٿيو. ٻاهران ورانڊي جي هڪ ڪنڊ مان کيس ڪو پاڇو ڏوڙي چرندو نظر آيو. ديپڪ هڪوار پنهنجون اکيون مهٽيون، ڪٿي اهو ڀرم ته ناهي؟ پر نه، اها حقيقت هئي. ڪو سفيد پاڇو برابر اڳتي اڳتي

اکين مان هيٺ ڪرڻ لڳا......

جيئن ئي پاڻکي روڪيندي چيائين، "رجني، مان جوليءَ جو وڇوڙو سهي نہ سگهندس. هوءَ منهنجي خوشين جو مرڪز آهي. جيڪڏهين هوءَ مونکي هن دنيا ۾ اڪيلو ڇڏي......" ۽ ديپڪ ٻارن جيئان ڦٿڪڻ لڳو.

جوليءَ لاءِ اهڙو پيار ڏسي رجني حيران ٿي ٿي پر دل ۾ پيڙا اهڙا محسوس ڪرڻ لڳي.

اوچتو ديپڪ واچ ۾ وقت ڏسندي چيو: "اوه! مونکي ڪيترو نہ وقت هت ويٺي ٿي ويو. هاڻي مان هلان. معاف ڪج رجني جو هيئن وچ ۾ ئي هليو ٿو وڃان. پر ڇا ڪريان؟ جوليءَ جي هن ڪمزور حالت منهنجو سک ئي ڦٽائي ڇڏيو آهي."

ديپڪ هليو ويو رجنيءَ کي اڪيلو ڇڏي. سندس وڃڻ بعد رجني پاڻ روڪي نہ سگهي. هوءَ زار زار روئڻ لڳي، "منهنجي گهايل محبت! اوه! منهنجي دل ٽٽن الفت جي آگ ۾ جلندي ئي رهندي. هو ڪڏهين نہ توکي پيار نہ ڪندو ۽ هيڏانهن مان پنهنجي زندگي بہ سندس لاءِ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان...... اوه، ديپڪ تون اهڙو ڪٺور ڇو ٿيو آهين! ايڏو هي درد!!"

روئندي روئندي هو خاموش ٿي ويئي ۽ سندس منهن جو ڀاءُ عجيب ٿي ويو.

* * *

ڪو اهڙو انسان آهي جنهن کي سڀئي پائيندا هجن ۽ اها جولي آهي.

”منهنجو به اهوئي خيال آهي. مان ته ڪيس ننڍپڻ کان ئي سڃاڻان. ڪڏهن به هن ڪنهن سان ڪهڙو نه ڳالهايو. ڪاوڙ ڪرڻ ته ڪيس اچڻي ڪانه...... پر تون اهڙا عجيب سوال ڇو ٿو پڇين؟“

”مان ويچار ڪري رهيو هوس ته جڏهن هوءَ هت آئي ته ڪوڙي نه تندرست ۽ سندر هئي. ڪنهن سپني ۾ به نه سوچيو هو ته ڪو هوءَ ايترو جلدي مرٽيندڪ ٿي پوندي. سندس حالت ڪيتري نه خراب ٿي وئي آهي. رجني! تون منهنجي دل جي درد جو اپچار ڪري سگهندينءَ. جڏهن تون به نه ڪنهن کي پاڻ شروع ڪندينءَ، تڏهن ئي تصور ڪري سگهندينءَ. گهايل جي دل گهايل ئي سمجهي سگهندو آهي.“

ائين چوندي ديپڪ جون اکيون ڳوڙهن سان پُرجي ويون.

رجنيءَ پيار مان سندس ڪلهي تي هٿ رکي همدرد لهجي ۾ چيو، ”ديپڪ ايترو اداس نه ٿيءُ، هيئن دل نه لاهه ۽ ممڪن تنهنجو دک سٺو ٿئو ٿئي.“

ديپڪ جي دل ايترو ته دکي هئي جو رجنيءَ جي انهن اکرن ۾ ڪومل سپرش سندس ضابطي جو بند ئي ڀڃي ڇڏيو ۽ روڪيل ڳوڙها ٽپ ٽپ ڪندا سندس

پيدا ڪري ٿو. زندگيءَ جا هي نانا عجيب آهن. موت بعد جيڪو وڇوڙو اچي ٿو ان وڇوڙي جو ڏک مدار رکي ٿو نالي جي گهرائيءَ تي...... پر اوهين هي اجايون ڳالهيون ڇو ڪري رهيا آهيو؟" دليپ ڏانهس نهاريندي سوال ڪيو.

”هي اجايون ڳالهيون ڪونهن دليپ پر مان سمجهان ٿي ته منهنجو موت شايد ڪنهنجي به زندگيءَ ۾ خال پيدا نه ڪري. مون ۾ اهي ڪهڙي ڪمي آهن؟ جوڙي ڪهڙي نه سٺي آهي. مونءَ ڪي نه ڪڏهين جوڙيءَ کي ڏڪو به نه ڏنو آهي. هوءَ هميشه کان سڀاجهي ۽ سهڻيءَ سيرت واري آهي. پر مولکي نه دليپ اندرا ديويءَ جي مار به ڪانٿي پئي هئي."

دليپ سانت ۾ ڪيس پڙندو رهيو. اوچتو سوال ڪيائين:-

”وجني تون ڪنهن اهڙي انسان کي سڃاڻين جو جوڙيءَ کان الفت ڪندو هجي؟"

”جوڙيءَ کان الفت؟" وجني سانتڪي ۽ سڀاوڪ نموني ۾ چيو، ”جوڙي کي ڪير ڌڪاريندو؟"

”اهوئي ته مان به پيو وچار ڪريان، پر ڇا ڪريان؟" اچانڪ ڪيس ياد اچي ويو ته هو راز کي جڳ کولڻ تي ني اچي پهتو آهي. ٿهنڪري ڳالهه ناهيندي چيائين،

”مان نه اهوئي پيو وچار ڪريان ته جيڪڏهين دنيا ۾

چيائين، ”مون نه سمجهيو ته تون وهاڻي ۾ منهن لڪائي سمهيو پيو هوندين.“ هن مشڪندي چيو.

پر ديپڪ کي ته رجنيءَ جو ڳالهائڻ وڻيو؛ ته مشڪل ئي مٺو لڳو. هن صرف چيو، ”رجني، جوليءَ جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي ٿي وڃي.“

رجنيءَ ساڻس همدردي ظاهر ڪندي چيو، ”هن ڊاڪٽرن اچايو توهانکي ٻهاري ڇڏيو آهي؛ مونکي ته ڊاڪٽرن ۾ وشواس ئي ڪونهي. هڪ هنجي ڏهين ۾ ٺيڪ. همت نه هار، ڊاڪٽر! ديپڪ ڪمار، منهنجو ته اهو خيال آهي ته جي جوليءَ کي قدرت تي ڇڏي ڏيو ته هوءَ پاڻهي آهستي ٺيڪ ٿي ويندي. هي انگريزي دوائون ته پاڻ اندران ئي اندران ڪا ٻي خرابي نه پيدا ڪري ڇڏين.“

”پر رجني، جولي ته موت جي نزديڪ پهچي چڪي آهي.“ لرزندڙ آواز ۾ ديپڪ چيو.

”نه نه، ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“ رجنيءَ ڪنبندڙ آواز ۾ وراڻيو.

ديپڪ جيتوڻيڪ ڪڇيو ڪين پر اندر جي پريشاني چهري مان ظاهر هئي.

رجني ٿورو ترسي وري چيو، ”مان مري وڃان ته توکي جيڪر ايترو خيال ٿئي؟“

”رجني، هرهڪ سمبنڌيءَ جو موت جيون ۾ خال

”مان ڏينهن رات چوڪسي ڪندس، جيستائين ڪيس نه پڪڙيندس تيستائين سک جو ساهه نه کڻندس.“

*         *         *

دليپ جي حالت هن وقت وچتر هئي. سندس دماغ ۾ عجيب وغريب خيال ٿي آيا، ”ڪير جوتيءَ جي رت جو پياسي آهي؟“

اهو سوال بار بار سندس دل ۾ پيدا ٿي رهيو هو. ”ڪير ٿي سگهي ٿو؟ جيڪڏهين ڪير سندس پراڻن جو دشمن به هوندو ته ڇو هوندو؟“ ليڪن ان سوال جو جواب ڪيس خيال ڪندي به نه مليو. ”ڊاڪٽر جو ويچار آهي ته ڪير ڪيس زهر ڏئي رهيو آهي. بس، رڳو هڪ دفعو ڪيس ڏسان ته جيڪر......“ هن ڏند ڪرٽيندي چيو.

اشانت هردي کي شانت ڪرڻ لاءِ هن ايڪانت ۾ وڃڻ ٿي چاهيو. تنهنڪري هو باغ طرف نڪري ويو.

هن اڪيلائيءَ ۾ وڃڻ ٿي چاهيو پر قدرت کي اهو نا منظور هو. رجني پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان دليپ کي باغ ڏانهن ويندو ڏسي ورتو. سو هوءَ به ڪيس گڏجڻ لاءِ باغ ڏانهن هلي. هلڻ وقت هڪ ڪتاب به کڻي هٿ ۾ کنيائين جيئن دليپ سمجهي ته خاص گڏجڻ لاءِ ئي پڙهڻ لاءِ اٿي آئي آهي.

جڏهين دليپ کي ڏٺائين ته ٻاهران عجب ڏيکاريندي

طرح سان وڏي سُر چيائين، "مان هر ريت توهان جي مدد ڪندس، ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

"ها. سڀ کان پهرين جوليءَ جي سنڀال جو پورو بندوبست ڪرڻو آهي. توهين ٻڌائي سگهندا ٿا. ڪهڙو لائق ماڻهو آهي جو وٽس سڄو وقت رهي، ۽ ڪيس دوا وغيره ڏيندو رهي؟ منهنجو اشارو ڪنهن نوڪر يا داسيءَ طرف ڪونهي."

"ٻه انسان آهن، هڪ سندس ماءُ ۽ ٻي سندس پياري ڀيڻ رجني."

"ماءُ ٿي ٿڪ ٿيندي. هوءَ عمر ۾ به وڏي آهي. ٻيو خيال رکجي جيئن ڪيس به هن راز جي خبر نه پوي. معاف ڪجو جي مان ڪجهه چوان. استرين کي مان شرڌا ۽ عزت جي نگاهه سان ڏسندو آهيان پر ڪنهن ڳالهه کي ڳجهو رکڻ لاءِ مان هنن ۾ ويساهه گهٽ رکي سگهان. مان ڪيس ايترو ئي چوندس ته مريض جي سخت خبرداري رکڻ بلڪل ضروري آهي. کاڌو وغيره به جيڪو ڊاڪٽر شيام سندر ٻڌائي اهو ئي ڏجوس ۽ هڪ ڳالهه جو خاص ڌيان رکجو ته مريض کي سخت آرام ملي، اسان ٻنهي ڊاڪٽرن ۽ سندس ماءُ کان سواءِ ٻيو ڪير به سندس ڪمري ۾ نه وڃي. توهان جو ڪم ٿيندو ان زهر ڏيندڙ جو پتو ڪڍڻ. ڪيئن به ڪري ڳولهي لهڻ."

ڪي ڄاڻو ٿا ته، ته، اهوئي ٿي نٿو سگهي."

"تو ته ڊيوڪ ڪهاڻي اهو سچ آهي،" ڊاڪٽر شوار ٿيس مخاطب ٿي چيو.

"ڇا اهو ممڪن آهي ته توهان جاچ ڪري ڪا شاهدي ڪٺي ڪجي؟" ڊيوڪ الائو ٿي چيو.

"ڇو نه ته مون انسان کان ڇتي سگهجي ٿي." ڊاڪٽر شوار ٿيمبوڙ سان چيو!

"مونکي ياد ٿي وشواس آهي ته مونکي ٻڌڪ ڪرڻ لاءِ ٿي مون ڊاڪٽر ٽوچ ڪاڻ ٿيسي ٿوابڄ لاءِ چيو. هاڻي ان ڳالهه ۾ شڪ ٿي نٿو سگهي."

ڊيوڪ جي ٽولي ٿي ڀڳو جون ٽولي ون ڇڪڙا لڳيون.

ڊاڪٽر ٽوچ ٿيس آڪ ڏيندي چيو، "ته ڊيوڪ ڪهاڻي اهڙو ٿيڻ اڳو ته، ڳالهه شڪ مان ڪٿي ڪا آهي. اهڙو جي ته ڇا سان هن وقت موجود جي جاسوسي کان اهو آهي، تو انسانيت ان انسان کي جهڙو آهي جو ڪو ٿيس ڄاڻو ڏٺي رهيو آهي؛ آهي ته ٿو هاڻي سهڪار جي سڄڻ ضرورت آهي. ۽ هڪ ڳالهه جو ڏيان رکجو ته اسان جي هن ڳالهه جي ڪنهن کي خبر نه پوي؛ ته ته اهو انسان ڄاڻو ڏئي نڪ ڪري ڇڏيندو ۽ جوني لڪ ٿي ويندي...... ۽ ڪيستائين؟ جيستائين ڪاڻ ڪي ٻي متاثر موقعو ملي."

هاڻي ڊيوڪ جي دماغ ۾ ڊاڪٽر جي ڳالهه ٻڌي

"ڇا سندس موت مان ڪنهن کي فائدو پهچي سگهندو؟"

"فائدو، بلڪ نقصان ٿيندو. منهنجي دنيا لٽجي ويندي. وڃڻ جي تياري پوري ۽ سندو سگهي ها ويندي. الدوا ڊيوڙي جي هڪ ٿي سگهندي ڏي، جدا ٿي ويندي...... پر...... پر...... توهين اهڙا سوال ڇو ٿا پڇو؟" هن ڏڪندڙ آواز ۾ چيو.

"ڏيرج ڪريو ۽ همت کان ڪم وٺو. ان جي سبب جي ڪري جلد ختم ٿي ويندو. بس باقي هڪ سوال، ڇا جوليءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ خوش هئي؟"

"تمام خوش."

"ڇڱو ڀلا توهين اهو ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته، مون توهان کان اهڙا سوال ڇو پڇيا ٿي."

ڊيڪ صرف ڪنڌ سان "ها" ڪئي.

"ڳالهه هيئن آهي" ڊاڪٽر ايج چيو، "اسين ٻئي جڏهن لٽجي اسي پهتا آهيون، مون ان ۾ ڪا غلطي ڪئي هجيئون، انهي خيال کان ٿي توهان کان اهي سوال پڇيا ويا. اسان معلوم ڪيو ته مريض کي زهر ڏنو ويو وجي. ۽ اهو زهر اهڙي ته ٿوري انداز ۾ جيئن انهن ڏسڻ ۾ اچي ته مريض قدرتي موت جو شڪار ٿيو آهي ۽ نه هڙاد و طريقي سان."

ڊيڪ وسوسي ويو، ۽ ازخود چئي ڏنائين، "جوليءَ"

آهي. راجا صاحب جي ڏيءَ رجيءَ ٻاهر شڪ اٿر ا. ٻالڪ، شايد ڪهڙ نه رکي سگهي. باقي اهو ڊيوڪ ڪمار بس هوتي ٺيڪ انسان ٿيندو؛ جو ڄڻ هو مونش جو مسڪين آهي، تنهن ڪري دل وڃان سان اسانجو ساٿ ڏيندو."

ڊيوڪ ڪمار کي ڪوٺائڻ وڃڻ ڊاڪٽرن جا ڳنڀير چهرا ڏسي هو دل ئي دل ۾ ڏڪي ويو. ڪنهن وڏڙي جو اشارو ڪري، ڊاڪٽر شيام آئي ڪرنيءَ جو دروازو ڇڏيءَ طرح بند ڪيو ۽ هو ٽهائين ديوان ڏسي ويو. ڊاڪٽر تيج بهادر چيس، "ڊيوڪ ڪمار، پرگيا ڪريو ۽ جيڪو جيڪي ڪجهه توهان ڪنهن ٻڌايو ويندو سو توهين دل ۾ ئي رکندا."

ڊيوڪ ڪنڌ سان "ها" ڪري، خاموش ٻيٺو رهيو.

ڊاڪٽر شيام سندر ستدس دل وٺندي چيو، "ڊيوڪ ڪمار، ٻالڪ اهڙي قسم جي آهي جا ڳڻپ رهندي نه اسين ڪامياب ٿيندا سين. اهڙي ٻالڪ ڪان صرف توهان کي واقف ٿا ڪريون. اسانجي ڪاميابي يا ناڪاميابيءَ تي ئي جوليءَ جي جيئڻ ۽ مرڻ جو مدار آهي."

"ڊيوڪ ڪمار، توهين ٻڌائي سگهندا ته عيسن جوليءَ جو ڪو دشمن آهي ڇا؟"

"جوليءَ جو دشمن؟ اهو توهين ڇا ٿا چئو، ڊاڪٽر صاحب!؟"

ڪارڻ هلاڪ زهر آهي. ۽ جنهن ڪيس زهر ڏنو آهي اهو ان زهر جي اثر کان پوري واقف آهي. ڇو ته زهر اهڙي ته ٿوري انداز ۾ ڏنو ويو آهي جيئن ماڻهو بيمار ته يڪدم ئي پوندو. پر سندس موت هڪدم نه ٿيندو“

”ڀلا هيءَ ٺيڪ ٿي سگهي ٿي يا نه؟“

”ٻئي ڳالهيون ممڪن آهن ۽ ڊاڪٽر شيام. هن زهر جو ٿورو انداز پڻ هڪ يا ٻه ڏوز نقصان نه پهچائيندو. پر چار پنج ڏوز ته انسان جو خاتمو آڻي ڇڏيندا. تنهن ڪري اسانکي ڪيئن به ڪري زهر ڏيندڙ جو پتو ڪڍڻ گهرجي، جيئن هيءُ زهر مريض جي شرير ۾ وڌيڪ نه وڃي. نه ته هوءَ بچي نه سگهندي. تنهنڪري اسانکي بلڪل خبرداريءَ ۽ چالاڪيءَ سان جاچ ڪرڻي پوندي. ۽ هيءَ ڳالهه صرف اسان ٻنهي تائين محدود هجي، نه ته قاتل خبردار ٿي ويندو ۽ اسين ڪجهه به نه ڪري سگهنداسين.“

”مان توهان سان بلڪل شامل آهيان.“ ڊاڪٽر شيام چيو.

”ڊاڪٽر شيام، هن ڪمن کي همراز ڪجي؟ ڇو ته ان بنان اسين هن ڪم ۾ سڦل نه ٿي سگهون.“

ڊاڪٽر شيام سوچيندي چيو: ”راجا صاحب ته مريض جو ڪو به رشتيدار ڪونه ٿئي، تنهنڪري اهو ته خاص ڪم جو ڪونه ٿيندو. مريض جي ماءُ ته تمام ٻڍي

ٻنهنجو واهو جدا ٻنهي لئي ٿو لکان. ٻوءِ ٻنهيءَ طرح سان
ثابت ٿيندو ته ڪهڙو مرض آهي."

ٻنهي ڊاڪٽرن ٻنهنجا واها جدا ڪاغذن تي لکيا؛
اهي ٻوڙا هڪ ٻئي سان بدلائي پڙهيائون ته حيرت ۾
هڪ ٻئي طرف نهاريائون! ٻنهي جو واهو، مريض لاءِ
ساڳيو هو. مريض کي بلڪل ٿوري انداز ۾ زهر ڏنو
ويو آهي!

ٻئي ڊاڪٽر گنڀير ٿي ويا.

"ٻر هيءَ ته خوفناڪ ڳالهه ٿي، ڪنهن اهڙن ڪيو
آهي؟ ڀل چوڪ ۾ ته زهر ڪرڻ مريض کي ملي ويو
آهي؟"

"ڪير ٿي ٿو سگهي ڊاڪٽر شيام؟"

"مان اٽڪر چئي سگهان. مان ڪيترن سالن کان هنڌجو
فيملي ڊاڪٽر ٿي رهيو آهيان. مون کي ته اهين ڏسڻ ۾
ٿو اچي ته جوليءَ جهڙيءَ سباجهيءَ ڇوڪريءَ جو ڪو
دشمن ڪونهي."

"متان ڪنهن نوڪر جي شرارت هجي. مون هڪ
اهڙو ته ڪيس ڏٺو هو جنهن ۾ نوڪر مالڪ کي زهر
ڏنو هو."

"ٻر هتي اهو بلڪل ناممڪن آهي ڇو ته جولي ته
مالڪياڻي ڪانهي."

"ٻر اها ته ٻڪ آهي ته جوليءَ جي بيماريءَ جو

ڊاڪٽر شيام چيو، "مريض جي حالت اکين سان ڏسي توهين خود اهو اندازو ڪڍندا. منهنجي صلاح آهي ته توهين مريض کي جاچڻ وقت منهنجي ٻڌايل ڳالهه تي ڌيان ۾ نه آڻجو. ائين سمجهجو ته توهين کي ٻاهران ڪيس ڏسڻ آيا آهيو. پوءِ پنهنجو رايو ڏجو ۽ ٻڌاريجو جو اسين ٻئي پنهنجا رايا هڪ ٻئي سان ڀيٽيندا سين."

ڊاڪٽر تيج بهادر قبول ڪيو. ڪهڙ ٻهڄ شرط هڻ سڌو مريض جي ڪمري ۾ وڃڻ چاهيو.

سوالن مٿان سوال هو پڇندو ويو ۽ جواب به ڪيس ملندا ويا. البت هو مريض کي جاچيندي جاچيندي مشڪل ڪيتر ٿي ويو.

مريض کي جاچي هو سڌو پنهنجي ڪمري ۾ ويو. ڊاڪٽر شيام اڳيئي اتي سندس انتظار ڪري رهيو هو.

ڊاڪٽر تيج اندر گهڙي ڪمري جو دروازو اندران بند ڪيو ۽ ڊاڪٽر شيام سان مخاطب ٿي چيو: "منهنجي مرضي آهي ته اسان ٻنهي جون ڳالهيون ڪو نوڪر ٻڌي."

"ٺيڪ آهي." ڊاڪٽر شيام ورائيو.

"مون مريض جي تپاس ڪئي ؟......" وچ ۾ ئي ڊاڪٽر شيام کيس ڪٽيندي چيو، "معاف ڪجو. مهرباني ڪري هيئن ڪريو. توهان کي جيڪا ڳالهه معلوم ٿي آهي اها هڪ پني جي پرزي تي لکو. مان ته

"جي" دليپڪ مختصر جواب ڏنو.

"مريض جي حالت اڳي کان ته بدتر ٿي ويئي آهي. تنهنڪري مان ٻئي ڪنهن هوشيار ڊاڪٽر جو راءِ ٻڌڻ لو چاهيان."

"ته ڊاڪٽر صاحب جلد......" اڏوليءَ مان دليپڪ چيو، "ڏ ارج ڪرايو......" ڊاڪٽر دليپڪ جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو، "ٻيگران سڀ چڱي ڪندو ۽ دوائون ڏنهين فرق ڪين جڏهين الاهي حڪم ٿئي. جوليءَ جي جان بچائڻ لاءِ مان هرڪا ڪوشش ڪندس. منهنجي صلاح آهي ته حڪم ڏيار موڪلي ڊاڪٽر ليبج بهادر کي گهرائي وٺو. هو وڏيڪ آزمودگار آهي. موڪلي سچ پچ هن ڪيس حيران ڪري ڇڏيو آهي. موڪلي اڳ اهڙي ڪيس جو آزمودو ڪونهي."

ڊاڪٽر ليبج بهادر کي حڪم ڏيار موڪلي ويئي. جوليءَ جي حالت راجا صاحب کي ته چنتا ۾ وجهي ڇڏيو. ۽ الدرا ديوي ته ڏاڍو مجهيل ٿي لڳي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو سوال ڊاڪٽر ليبج بهادر اسٽيشن تي پهتو هو. ڪو ويچار ڪري، ڊاڪٽر شيام پاڻ ڪيس اسٽيشن تي وٺڻ ويو. ڪار ۾ جيئن هو گهر اچي رهيا هئا ته هن مريض جي خبر چار پڇي. ڊاڪٽر شيام جيڪو حال ڪيس ٻڌايو تنهن ڊاڪٽر ليبج بهادر کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو.

صبوح جو ديپڪ ننڊ مان البت دير سان اٿيو.

ڪاڏي جي ڪمري ۾. ديپڪ، راجيندر ۽ رجني ٽيبل تي اچا چانهه پي رهيا هئا ته اندرا ڏاڍي سڏڪندي اندر آئي ۽ گهٻراهٽ وچان چيائين، "جوليءَ جي حالت ڏاڍي خراب ٿي وئي آهي."

اهو ٻڌي راجا صاحب گهٻرائجي ويو. چيائين "ڏاڍي ڇا ٿيو؟"

ديپڪ جي اکين ۾ انتظار هو. هن اندري چيو ته، "دادا هلو ته روبرو هلي ڏسون." هلندي هلندي ڪين اندرا ڏاڍيءَ ٻڌايو ته جوليءَ کي اڄ ڏاڍو ئي ستايو ۽ چوي ٿي ته ٽڙي اصل صفا ٽوٽ ٿي ٿي وڃي ۽ دل پيئي ڌڪ ڌڪ ڪري. اهو ٻڌي راجا صاحب ديپڪ کي ڊاڪٽر کي فون ڪرڻ لاءِ چئي پاڻ اڪڙو اڪڙو اندرا ڏيويءَ سان گڏ جوليءَ جي ڪمري طرف ڀڳو. پٺيان پٺيان رجني به حيرت کائيندي اچي رهي هئي. راجيندر جو جوليءَ ۾ موهه ٿي ويو هو.

ايتري ۾ ڊاڪٽر شيام به اچي پهتو، ان وقت جولي بيهوش ٿي وئي هئي.

ڊاڪٽر مريض جي حالت ڏسي البت ڏهلجي ويو ۽ ديپڪ کي پاسيرو اڪيلائيءَ ۾ وٺي وڃي چيائين، "ڇا ٽوهان سان ٿي سندس شادي ٿيڻ واري آهي؟ مان ڪنهن مطلب سان اهو سوال پڇي رهيو آهيان."

ڪتاب جو عنوان لڪائي ڇڏيو هئائين، سو ڏکي رهيو هو.

دليپ جو ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڪين ڇڪيو. هن پاليو ته ڪو فاحش عشقي افسانو هوندو. انهيڪري لڳي رجني شايد ڪتاب لڪائي رهي هئي. دليپ مشڪي ڏنو ۽ هڪ ڪٻٽ طرف وڌندي چيائين، ”مان به ڪو ڪتاب ڪڍي ٿو وڃي پڙهان. هاڻي تون به وڌيڪ نه ويهه، رات جا ٻه ٿا لڳن.“

”ٺيڪ آهي، تون پڻ پنهنجي پسنديءَ جو ڪتاب ڳولهه. مان به وڃي ٿي پنهنجي ڪمري ۾ سمهان. هينئر البت ڪجهه ٿڪ به پئي محسوس ڪريان.“ ائين چئي هوءَ اهو ڪتاب ڪڍي لئبرريءَ مان ٻاهر نڪري وئي.

دليپ به هڪ ناول کڻي وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پڙهڻ لڳو. ڪتاب ڪافي دلچسپ لڳس سو وقت جو پتو ئي ڪين پيس.

اچانڪ کيس ائين محسوس ٿيو ته سندس ڪمري جي ٻاهران ڪو دٻيل قدمن سان هلي رهيو آهي. ڪتاب مان سندس نظرون کڄي وڃي سامهون پيل ٽيبل گهڙيال تي پيون. ان وقت رات جا ٣½ لڳا هئا. ڪجهه وقت هو وري ڪتاب پڙهڻ ۾ لڳو ۽ قدمن جي آهٽ کي پوءِ سمجهي خاص ڌيان نه ڏنائين.

لاچار ٿي، ڪنهن ڪتاب پڙهڻ جو ويچار ڪري لئبرريءَ ڏانهن هليو. لئبرريءَ ۾ ان وقت روشني ڏسي وائڙو ٿي ويو. ايڏو دير سان رات جو ڪير لئبرريءَ ۾ ويٺو آهي. اهو سوچي، ڊيل قدمن سان هو اڳتي وڌيو ۽ دروازي وٽ ڪن لڳائي آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر اندر سناٽو هو ۽ سندس ڪنن تي ڪنهن به قسم جو پڙلاءُ نه پيو. تڏهين به هن بلڪل خبرداريءَ سان بنا آواز جي لئبرريءَ جو دروازو کوليو.

ان وقت گهڙيال ٻن جا ٺڪاءَ هنيا.

سامهون، ميز تي ڪنڌ جهڪائي ڪير پڙهي رهيو هو. ماڻهن جي آهٽ ٻڌي هن ڪنڌ مٿي ڪيو ته ڊاڪ حيران ٿي ويو. هوءَ رجني هئي.

"ارڙي، رجني تون هن وقت تائين هتي ڇا پئي پڙهين؟"

رجني، لئبرريءَ ۾ ڊاڪ کي ڏسي ڪجهه گهٻرائجي وئي هئي. ڪتاب مٿان هڪدم ڪٽي پنهنجو هٿ رکيائين ۽ پاڻ سنڀالي، سپاويڪ لهجي ۾ چيائين، "ننڊ نٿي آئي، سوچيم ته ڪجهه پڙهان ته من ننڊ اچيم."

"ڪهڙو ڪتاب ويٺي پڙهين؟" ڊاڪ دستوري لهجي پڇيو. "ڪو ناول آهي." رجنيءَ آواز کي سپاويڪ ڪندي چيو. پر ساڳئي وقت سندس هٿ، جنهن سان

نه بيمار ڪرائي. دادا اجايو توکي پريشان ڪيو.“

”رجني ڏس نه هوءَ ڪيترو نه ڪمزور ٿي وئي آهي!“

”پريمين کي پنهنجا معشوق هميشه ڪمزور نظر ايندا آهن.“

رجنيءَ طنز ڀري آواز ۾ چيو.

پر دليپ پنهنجيءَ ڌن ۾ لڳو چوندو رهيو،

”رجني هيئنر ڊاڪٽر آيو هو ۽ اندرا ديويءَ کان پڇيائين ته سندس خاندان ۾ ڪنهن کي ٽي - بي ٿي هئي ڇا؟“

”جوليءَ کي ٽي - بي ٿيڻ جو امڪان نظر اچي ٿو ڇا؟“ رجنيءَ منتظر ٿي پڇيو.

”نه، نه، اهڙي ته ڪا ڳالهه، ڊاڪٽر ڪونه ڪئي. پر جوليءَ لاءِ پورو آرام ۽ خبرداريءَ لاءِ تاڪيد ڪري ويو آهي. ڪيس هيئنر سٺي هٿن وس آهي. رجني، اوهين جوليءَ جي پوري سنڀال ڪنديون نه؟“ دليپ جڻ ڪيس التجا ڪندي چيو.

”اها به ڪا چوڻ جي ڳالهه آهي! اهو ته منهنجو فرض آهي دليپ.“ رجنيءَ وراڻيو.

ڊاڪٽر جي دوا عجيب اثر ڪيو. ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي جوليءَ جي حالت سڌرڻ لڳي.

هڪ رات دليپ جي ننڊ ڦٽي پئي. پلنگ تي ليٽي هو پاسا ورائي رهيو هو. رات ٿي وڌي پيس.

"ٺيڪ."

ڊاڪٽر حيران ٿي ويو. پوءِ اچي ديپڪ کي چيائين، "آثار ته سٺا، جهڙا ڀيا ليکن، هو بيماري خاص وڏي ڪونهي. سندس ٿاڪ ۽ آرام تمام ضروري آهي."

"مهرباني ڊاڪٽر صاحب! سچ ته اهو آهي ته مان کيس ڏسندي ئي ٻجي ويو هوس. خبر ناهي ڇو ڊاڪٽر هن جي مغز ۾ اهو خيال گهر ڪري ويو آهي ته هوءَ بچندي ڪونه."

"عجب آهي! اهڙو خيال ڇو؟ ها توهين گهٻرايو نه. مان کيس، هڪ انجيڪشن هڻان ٿو ۽ ڪورامين لکي ٿو ڏيان اهي ڪورامين ڏينهن ۾ ٣ دفعا کيس پاڻيءَ سان وٺائجو. اميد ته جلدي ٺيڪ ٿي ويندي."

ڊاڪٽر کي در تائين ڇڏي ديپڪ جيئن واپس ٿي موٽيو ته سامهون رجني ايندي ڏٺائين.

رجنيءَ البت حيرانيءَ مان چيو، "ديپڪ تون ڪڏهين آئين!؟"

"اڄ ٿي آيو آهيان. دادا جونيءَ جي ناچاڪيءَ جو خط لکيو ته مان هڪدم هليو آيس. ويچاري ڏاڍي بيمار آهي. عجب ته تو ڊاڪٽر کي به نه گهرايو هو."

ديپڪ البت ڏک ڀري لهجي ۾ چيو.

"ديپڪ ڊاڪٽر لاءِ مون گهڻو چيو، پر جونيءَ خاص ضرورت نه سمجهي. حقيقت ۾ جوني اهڙي خاص

آهي. مان هينئر ئي تو ڊاڪٽر شيام کي فون ڪريان."

جوليءَ کيس گهڻو ئي جهليو پر ڊاڍي هڪ به نه ٻڌس ۽ ڪلاڪ اندر ئي ڊاڪٽر شيام اچي پهتو. هو تمام هوشيار، آزمودگار ۽ همدرد ڊاڪٽر هو. سندس هٿ ۾ شفا هئي ۽ هو راجا صاحب جو فئملي ڊاڪٽر به هو.

جوليءَ کي جاچيندي ڊاڪٽر گهٻرائجي ويو. مريض جي حالت کيس البت منجهاري ۾ وجهي ڇڏيو.

اندرا ديوي جوليءَ جي کٽ جي ڀرسان ئي ويٺي هئي. ڊاڪٽر کانئس پڇيو، "توهان جي خاندان ۾ ڪنهن کي سل، ته ڪين ٿي هئي؟"

"نه ڪو. جيتري قدر خبر آهي ته ڪنهن کي به اهڙي بيماري نه ٿي هئي."

ڊاڪٽر ڪجهه غور ڪري ٻيو سوال ڪيو، "مريض کي ڪو صدمو نه ڪونه پهتو آهي؟ ڪا اهڙي ڳالهه ٻولهه نه ڪانه ٿي آهي، جنهن ڪري کيس گهڻو ڏک ٿيو هجي؟"

"نه نه، ڊاڪٽر اهڙي نه ڪا ڳالهه ڪانهي. هيءَ ته هاڻ اڄ ڪلهه خوشيءَ ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته جلدي سندس شادي ٿيڻ واري آهي."

"شادي سندس مرضيءَ جي برخلاف ته ڪانه ٿي رهي آهي؟"

خبر ڪونه ڏني اٿو؟"

"بيماريءَ جو ڪو خاص سبب نه آهي، ڪونه سمجهجا ڊيوٽا. رڳو دل ۾ ڏاڍو ڊپ اٿم. اهو ئي نامعلوم خوف."

"ڇا خوف؟ ڪهڙو نامعلوم ڊپ؟"

"خبر ناهي ڇو مان دل ۾ ائين پيئي سمجهان ته مان لوڪي شايد نه پائي......"

"پڳلي، مون توکي هنڪان اڳ، به ڪيترو نه سمجهايو آهي ته الهي اجائي وهم جو شڪار نه ٿيءُ" ديپڪ پيار مان سندس هٿ جهلي وچڙ ۾ ڪپندي چيو، "پلا ڪڏهين کان تون بيمار آهين؟"

"هفتي کن کان، هڪ ڏينهن شام جو اوچتو اچي سيءُ پيم، پوءِ اکيون اچڻ لڳيون، ۽ ٻڙي سگهي تونس ٿي وڃڻ پر هاڻي نه بهتر آهيان."

پر ديپڪ سندس نرڙ تي هٿ رکندي محسوس ڪيو ته جوليءَ جو بدن اڃا به گرم هو ۽ سندس چپ سڪي تونس ٿي ويا هئا.

"ڪهڙي ڊاڪٽر جي دوا تي رهي آهي؟"

"ڪنهن خاص ڊاڪٽر کي نه اچا ڪونه ڏيکاريو اٿئون ڇو ته ان جي ڪا ضرورت نه سمجهيوسين، دادا به اڃا ڪالهه ئي ته ٻاهران واپس موٽيو آهي."

"ڪنهن هوشيار ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ تمام ضروري

محلات ۾ گهڙيو مس ته سامهون راجا صاحب گڏيس. کيس ڏسندئي راجا صاحب چيو، ”چڱو ٿيو ڊيپڪ جو تون هڪدم هليو آئين. اڄ جولي ڪجهه بهتر آهي، پر ڪالهه طبيعت اهڙي ته خراب ٿي وئي هئس جو مان ته گهٻرائجي ويس؛ پر اڄ ڊاڪٽر کي ماڻهو موڪليم مس ته وري بهتر ٿيڻ لڳي.“

راجا صاحب جي ڳالهه ٻڌي، ڊيپڪ جي چهري تي چنتا ۽ پريشانيءَ وچان پگهر جون بوندون چمڪڻ لڳيون. راجا صاحب سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو، ”ڊيپڪ پٽ، چنتا جي ڪا ڳالهه ڪانهي. تون پريشان نه ٿيءُ. سائين سڀ چڱي ڪندو ۽ هاڻي هل ته توکي جوليءَ وٽ وٺي هلان.“

ڊيپڪ راجيندر سان گڏجي سندس ڪمري ۾ ويو. ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ پلنگ پيو هو. جنهن تي جولي سمهي پيئي هئي. سامهون دريءَ مان سج جا ڪرڻا مٿس پئجي رهيا هئا، انهن جي پرڪاش ۾ ڊيپڪ ڏٺو ته جولي ڳري ڪنڊا ٿي وئي هئي. سندس منهن اهڙو ته پيلو ٿي ويو هو جو ڏسندئي ڊيپڪ گهٻرائجي ويو.

جولي کيس ڏٺو ته سندس چپن تي مسڪراهٽ نمودار ٿي.

”جولي، تون اهڙي بيمار آهين؟ مون کي ڪا

نوڙو چوڏهن ماهن پوري ڪندي ٻار اتان هلي ويئي.

* * *

هڪ مهني کانپوءِ......

چانڊوڪي رات ۾، نورمحل جي هڪ شاندار ڪمري ۾ ديپڪ ڪجهه، سوچي ٻهڪندڙ ٻار سان مرڪي رهيو هو. سندس شاديءَ ۾ باقي ۴۲ ڏينهن وڃي بچيا هئا، ۽ هو سوچي رهيو ته ڪيترو نه چڱو ٿئي جيڪڏهن اهي ۴۲ ڏينهن، ۴۲ منٽن ۾ بدلجي وڃن!

پر انسان جيڪي ڪجهه سوچيندو سو جيڪڏهن هميشه سچ ٿي پوي ته دنيا ۾ جيڪر ايترو ڏک ئي نه رهي. هن سنسار جو دستور ته ڪجهه اُبتو نظر ٿو اچي، انسان سوچي هڪڙي ڳالهه، پر ٿئي ٿي ڪا ٻي ڳالهه! غيب کان ڪير واقف آهي؟

ديپڪ ٻهڪندڙ منهن ٻارن ۾ ٿي هو ته نوڪر اچي سندس هٿن ۾ رکيو وڌو. هن هڪ خط کيس ڏيندي چيو، "ٻاهران هي خط اوهان لاءِ آيو آهي."

ديپڪ هٿ وڌائي لفافو ورتو ۽ چٺي ڪڍي پڙهڻ لڳو. خط پڙهڻ شرط سندس چهري جو رنگ ئي اڏامي ويو. خط جوليءَ جي بيماريءَ جو احوال کڻي آيو هو. راجا صاحب کيس ڊوڙي اچڻ لاءِ لکيو هو.

* * *

ٽئي ڏينهن سويل ئي ديپڪ اچي اندرپور ۾ پهتو.

پڪ نڪ رجنيءَ ڏانهن نهاريندي رهي. ڪيس جڻ پنهنجن ڪنن تي اعتبار نٿي آيو. هو رجنيءَ جي اکين ۾ شوخي ڏسي هوءَ روئڻ لڳي. ۽ روئندي ئي چيائين، "رجو آخر مون تنهنجو ڪهڙو ايذاءُ ڪيو آهي؟ تون اڄ به اصل اهڙي ڪين هئين؟ توکي ڇا ٿي ويو آهي؟" اهين چئي هوءَ ڪيس وڃي ڪ چنبڙي پيئي ۽ سڏڪا ڀرڻ لڳي. هو سندس سڏڪن جي، پٿر دل رجنيءَ تي جڻ ڪو اثر ئي نه ٿيو.

جوليءَ سڏڪندي چيو، "رجو تون ۽ مان هميشه پيٽرن والاگر گڏ رهيا آهيون. تون پهريان نه اهڙي بيدرد ڪالهه هئين ۽ نوه هاڻي ڇو ٿي پيئي آهين؟ ياد اٿيئي نه ننڍپڻ ۾ جڏهين مان پينگهه مان هيٺ ڪري پيئي هئس ۽ مٿي مان رت وهڻ لڳو هو، تڏهين تو ڪيتري نه پيار مان پنهنجي لٽين فراڪ مان ٽڪرو ڦاڙي منهن جي زخم کي پٽي ٻڌي، رت کي بند ڪيو هو. مان نه تنهنجي اهاڻي ساڳي پڻ جولي آهيان نه."

جوليءَ جي اڙڪن رجنيءَ کي جڻ پساڻي ڇڏيو هو پر رجنيءَ جي دل ۾ ڪا اهڙي آگ لڳل هئي جو هن رڪائيءَ سان وراڻيو، "اهي اجايا سجايا ۽ واهياٽ خيال توکي هيٺئر ڪرڻ نٿا سونهن. ننڍپڻ جي نه ڳالهه ٻي پي هئي ۽ تنهن هوندي به اسانجي خيالن ۾ فرق نه ننڍپڻ ڪان ئي هو." اهين چوندي، جوليءَ کي

ڇڏيندو، انهيءَ لاءِ جوليءَ کي پائيندو آهي، توڪان
پوءِ، هو سمورو ڌن دولت ۽ راڄ، ڊيڪ ۽ جوليءَ
کي ڏيئي ڇڏيندو.“ اندر مان ڪيس اهو جواب مليو.

”نه نه، اِئين آپگهات ڪرڻ ٺيڪ نه ٿيندو. ڊيڪ
۽ جوليءَ کي گڏ سکي ڏسي مولڪي موت کانپوءِ به
قرار نه ملندو.“ چڱو جي آپگهات نه ڪريان ته پوءِ ڀلا؟
اهي سوال سندس من ۾ جوليءَ لاءِ سخت نفرت پيدا
ڪري ڇڏي.

اهڙا وچار سندس دل ۾ سڄو وقت اٿي رهيا هئا.
۽ جيئن وقت گذرندو ٿي ويو تيئن سندس من ۾ جوليءَ
لاءِ ڌڪار وڌندي ئي رهي.

جولي جڏهن رجيءَ جي هلت چلت ۾ ڪجهه
نفرت جو اظهار ڏٺو ته سوچڻ لڳي شايد ڪانئس ڪا
خطا ٿي وئي آهي جنهنڪري رجي مٿس ناراض
آهي.“

هڪ ڏينهن ڪنهن ڳالهه تان رجيءَ کي اهڙو غصو
اچي ويو جو هوءِ پنهنجي نفرت وڌيڪ لڪائي نه
سگهي ۽ امالڪ چئي ڏنائينس.

”جولي منهنجي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي.
الاجي ڪهڙي اشڀ گهڙيءَ ۾ او هين محلات ۾
پير رکيو.“

اهو ٻڌي ٻهران نه جولي حيرت ۾ اچي وئي ۽

لاءِ باغ ۾ نڪري پيئي. پر باغ جي اڱڻ ۾ سندس اشانت من کي شانت نه ڪري سگهي. خيال ڇنڊي ڪندي سندس اکين ۾ ڳاڙهي پوڻي آيو، ڳوڙها اکڙين جي ڪنارن کان ٻاهر نڪري سندس ڳلن تان ڪرندا رهيا. سندس دل روئندي رهي. روئي روئي جڏهن هوءَ ٿڪجي پيئي ته ساوي گاهه تي ڪٽي پاڻ اُڇلائين.

جيڪڏهن سندس جاءِ تي ڪا ٻي ڇوڪري هجي ها ته ضرور پنهنجي ماءُ، ڀيڻ يا ساهيڙي سان کي پنهنجي اندر جو حال ٻڌائي ها يا ڪنهن ٻئي هنڌ دل وندرائڻ لاءِ وڃي هلي ها. پر رجني جو ايمان ۽ غرور اهو سڀ سهڻ لاءِ هرگز تيار نه هو. هوءَ ڀلا ڀيڻ کي ائين ڪيئن چوي ته، "جنهن سان منهنجي محبت آهي، جنهن لاءِ مان مري رهي آهيان، اهي کي منهن جي ذري به پرواهه ناهي، هو ته ڪنهن ٻئي سان شادي ڪري رهيو آهي!"

هن دنيا کي پنهنجي دکي دل جو داستان ٻڌائڻ بدران دک ۽ پيڙا اندر ئي اندر سهڻ وڌيڪ پسند ٿي ڪيو. ڪيترائي دفعا ڪيس آپ-گهات ڪرڻ جو به ويچار آيو.

"جيڪڏهن مان مري وڃان ته؟" هن پاڻ کان سوال پڇيو.

"سوچا، ٿورا ڏينهن ماڻهو ياد ڪندا، پوءِ وساري

هيس. اڄ مون سان گڏ، ذرا ساڙهيون نه پسند ڪري ڏي."

"تون ڇو نٿي ٿي نه ڪري مان هلان ٿي، ۽ مهنجي نيست توکي وٺندي لورينٽي؟"

"ڇوڇا ڇڏ، ڏاڍي ڪمي آهين تون. هل هاڻي مون سان." جوابءَ لاءِ مان ڇيو.

اٽي جيئن ڪمري ۾ گهڙ-ون ته سندن نظر اندرا ديويءَ تي اٿي جا ساڙهين جي ڍير ۾ چٽ ڍڪجي وٺي هئي. سندن آهٽ ٻڌي هن ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ رجنيءَ کي ڏسندي ئي سندس مهن ٽري ٻيو.

"ٻون اڃي وٺن، رجني، ڏاڍو ستو ڪئين. هاڻي ٻاڦ ۾ جاٽو، مهنجي نه جان ڇٽي!"

رجني لڪڙ ۾ ئي کي ساڙهيون چوندي هلي وٺي. هوءَ وڌيڪ اني ٻاهي نه سکهي سندس اندر جو طوفان ليزيءَ سان آلڊي جو روپ اختيار ڪري رهيو هو. ليڪن سندس جلدي وچٽ ٿي جوابءَ جو خاص ڌيان ڪين ڇڪيو. ۽ اندرا ديوي کي قدر حالتن کي لاٽي وٺي.

رجنيءَ لاءِ هيٺئر اندر جي ٻيڙا وڌيڪ سهڻ مشڪل ٿي ٻيٺي. هوءَ من ۾ چوڻ لڳي: "جي هن وقت وڌيڪ مان هتي رهنديس نه ٻڪ ٿي ٻڪ ڇري ٿي اونديس."

هوءَ مهنجي اشانت، وياڪل ۽ لتل من کي نارڻ

مان اهو وشواس نٿي ويهو ته هوءَ انهيءَ شاديءَ لاءِ خوش آهي. هڪڙي ڏينهن ڪيس پاڻ وٽ گهرائي سڀاوڪ نموني چيائين، "رجني ڌيءَ، منهنجي مرضي آهي ته جو تو هتان ئي شادي ڪري وڃي."

"جيئن توهانجي مرضي" رجنيءَ وراڻيو.

"مان ديپڪ کي هڪ سوکڙي به ڏيڻ ٿو چاهيان. هو ويچارو پيو سمجهي ته مان ساڻس ناراض آهيان."

"دادا، ائين ڇو ٿو سمجهي؟" رجنيءَ البت اڻ ڄاڻ مان پڇيو.

تڏهين راجيندر، ديپڪ سان ٿيل سڀ ڳالهه، رجنيءَ کي ٻڌائي. ڳالهه ٻڌي رجنيءَ صرف ايترو چيو، "اها توهانجي ڀل هئي."

"ٺيڪ ڌيءَ" راجيندر هلڪائيءَ سان چيو، "مان مڃان ٿو ته اها منهنجي چوڪ هئي. سڀ، پر سوکڙيءَ بابت تو ڪجهه ٻڌايو ڪونه، ته جوليءَ کي ڇا ڏجي؟"

پيءُ ۽ ڌيءَ جي وچ ۾ سوکڙيءَ بابت ڪافي بحث هليو پر راجيندر کي رجنيءَ جي دل ۾ اندر طوفان جو پتو نه پيو. هيئنر رجنيءَ جي من ۾ اهوئي خيال اڀري رهيو هو ته اندر جي پيڙا ڪيستائين هوءَ سهي سگهندي؟

تنهن وچ جولي به اچي اتي پهتي. ايندي شرط اچي چيائين، "رجني مان توکي ئي ڳولهي رهي.

پنهنجو پاڻ ئي پيدا ٿي او وڃي. شايد، الفت جي به ساڳي ڳالهه آهي. اها به خود بخود پيدا ٿي ويندي آهي." رجنيءَ چيو.

"اها ولي مون نه سمجهي؟" دليپ چيو.

"جن پريم ۾ شڪست کاڌي هوندي اهي ئي هيءَ پوري سمجهي سگهندا." رجنيءَ دليپ ڏانهن نهاريندي وراڻيو. دليپ کي رجنيءَ جي نگاهن ۾ ڪي اٿاهه غم نظر آيو. سندس جواب ٻڌي هو سوچ ۾ پئجي ويو ۽ بنا ڪجهه جواب ڏيڻ جي اتان هليو ويو.

* * *

رجنيءَ لاءِ هيئنر زندگيءَ ۾ ڪا به موج نه رهي. هن لاءِ جيون اڀوڳي ۽ نيرس بڻجي پيئي هئي. سندس اندر ۾ سڄو وقت جيڪا خيالن جي ڪشمڪش پئي هلي، تنهن نه سندس جيئڻ ئي جنجال ڪري ڇڏيو. ڏکار، ساڃهه، نراسائي ۽ پيڙا کي هردي ۾ دٻائي، ٻاهران خوشي ڏيکاريندي هن لاءِ هڪ زبردست تپسيا ٿي پيئي. ٻين کي نه دوکي ۾ رکي ٿي سگهي ليڪن پنهنجي شيطان ۽ بغاوتي من کي دوکو ڏئي نه سگهي. هر دم جلي خاڪ ٿي ويو هوس. کيس جيڪو درد هو، جيڪا اڻسهندڙ پيڙا هئي؛ انجو اندازو اهي ئي لڳائي سگهندا جن کي اهڙي ٿي گذري هوندي.

راجا صاحب کي نه رجنيءَ جي ٻاهرين هلت چلت

ديپڪ ته ڇوڪري اهڙو پيار ڪندو آهي؟"

جوليءَ پنهنجون ٻئي ٻانهون ڪٽي رجنيءَ جي ڳلي ۾ وڌيون ۽ لاڏ سان چيائين، "اُن مون کي ڇڙائين ڇو ٿي؟ ۽ مون کي خار ڪري لڳندا. مون کي خبر آهي ته اُن مون کي تنگ ڪرڻ ٿي چاهين. جڻ مان ٻوڪي سمجهان ٿي ڪاڻ ٿي." جوليءَ جي اهڙي معصوميت ڏسي هڪ ڪن لاءِ رجنيءَ جي دل ڀريو ۽ همدرديءَ سان ڀرجي ويئي ۽ ٻر الهٽي هوءَ ڪٺور ٿي ويئي. ؟ جوليءَ کي چيائين، "اُن ڪوڙي ته پاڳل آهين." ۽ ٻاڻ کي سندس ڀاڪر مان آزاد ڪندي چيائين، "مون کي هيءَ جند ٻالي پاڳلپڻ وٽيهي ڪري. چڱو ڀلا هاڻي هلان ديپڪ وٽ. ڪيس ته وڃي واڌايون ڏيان. ٻڌو ام ته هو هيئنر هتان جلد ئي وڃڻ وارو آهي."

۽ رجني اڃا ديپڪ وٽ هلڻ لاءِ اٿي مس ته ڏٺائين ته ديپڪ وٽس ئي اچي رهيو هو. ديپڪ پنهنجي گهر وڃڻ کان اڳ، ڪاليج موڪلائڻ آيو هو.

"ديپڪ، مان ته تو وٽ اچي رهي هيس. مبارڪون هجني. ڏاڍو چالاڪ آهين، هيترن ڏينهن ۾ ٻڌايئي ته ڪين."

"چالاڪيءَ جي ته هن ۾ ڪا به ڳالهه ڪانهي. مون سمجهيو ته اُن سمجهي ويئي هوندين."

"ڇڏيو ته ٻار ٿي ڪڍهن جو وس ته آهي. اهو

"مونکان لڪائڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي. سچ ٻڌاءِ تون ديپڪ کي پيار ڪندي آهين يا نہ؟"

جواب لاءِ اکرن جي ضرورت ئي ڪانہ هئي. ديپڪ جو نالو ٻڌندي ئي جوليءَ جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي، ڳل ڳلابي ٿي ويس ۽ ڪن جون پاپڙيون بہ لعل ٿي ويس. هن تمام جهيڻي آواز ۾ چيو، "مان کيس پراڻن کان بہ وڌيڪ پيار ڪندي آهيان. هو منهنجي دل جو ديوتا آهي."

"تو جهڙي ڇوڪري ۽ ايترو پيار!؟"

"ڇو رجني، پيار ڪن خاص ماڻهن جي تہ ميراث ڪانهي."

رجنيءَ جي دل ۾ ڄڻ جوالامکي اٿيو، سندس اکين ۾ خوفناڪ شوخي اچي وئي.

ان وقت نظارو اهڙو هو، جو جيڪڏهن ڪو چترڪار ڏسي ها، تہ يڪدم سندس برش هلڻ شروع ٿئي ها، ۽ هڪ عجيب ۽ عاليشان چتر ڪڍي وٺي ها ان حسين ڪنيائن جو چتر! هڪ ڪومل، شرميلي، پريم جي مجسم، البت ڪجھ ڪجھ سهميل. ۽ ٻي؟ مغرور، شوخ ۽ غمگين. ان چتر جو نالو رکي ها، "محبت" ۽ "نفرت."

اچانڪ رجنيءَ جوليءَ جي ڪلهن تي هٿ رکيا ۽ سندس اکين ۾ نهاريندي ڪومل آواز ۾ چيائين، "ڇا

لاءِ مهرباني، پر وچي دلهن کي نه الڳون مبارڪون ڏيان. هوءَ منهنجي سڳيءَ ڀيڻ مثل آهي."

پريتم کي اُلٽي ڇڏي، رجني جوليءَ کي مبارڪون ڏيڻ لاءِ اُتان هلي وئي.

وِچاري پريتم جون اُميدون دل ۾ ئي رهجي ويون. هن سوچيو هو ته رجنيءَ کي جوليءَ ۽ ديپڪ جي شاديءَ جو سماچار ٻڌائيندي رجنيءَ کي هڪوار وري منائڻ جي ڪوشش ڪندو. ليڪن پريتم کي معلوم نه هو ته رجنيءَ جي دل کي ڪيترو نه ڀاري صدمو پهتو هو.

* * *

جوليءَ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آئينده جي سونهري سنسار جا سپنا لهي رهي هئي ته رجنيءَ اچي کيس بيدار ڪري هن حقيقت ڀريءَ دنيا ۾ ڇڪي هيٺ آندو.

"سچ ٻڌاءِ جولي، تنهنجي ديپڪ سان شادي ٿي رهي آهي ڇا؟"

"ها رجني." جوليءَ لڄ وچان لعل ليندي، مختصر جواب ڏنو.

"تون کيس پيار ڪندي آهين جولي؟" البت ڪنور آواز ۾ رجنيءَ پڇيو.

. لب جي ماڙال جوليءَ، اکيون ڪٽي هيٺ جهڪايون.

نه هيءَ ڪهڙي عجيب "ماءُ" آهي جنهنکي پنهنجي
سڪي ڌيءَ جوليءَ کان وڌيڪ پنهنجي پاليل ڌيءَ
وجهيءَ جي سک جو خيال هو!

* * *

پريتم دليپ جو گهرو دوست هو. تنهنڪري صبوح
ايندي ئي هن اها خبر هنکي ٻڌائي. انهيءَ ۾ سندس
اهو به مطلب هو ته هو اهو راز وجهيءَ کي
پاڻ ٻڌائي نه ٿي سگهيو، سو ڀل پريتم جي معرفت وجهيءَ
تائين پهچي.

* * *

وجهي باغ ۾ اچن گلن جي ٻوٽي مان هڪ گل پٽي،
انهي سان واند ڪري رهي هئي ته پريتم کيس اچي
ٻڌايو ته دليپ ۽ جوليءَ جي شادي آڪٽوبر ۾ ٿيڻ
واري آهي. خبر ٻڌي هوءَ اهين بت جيان ڪڙي رهي،
جڻ ڪنهن ٻوٽيءَ مٿس ڇايا وڌي هئي. پوءِ ٻٽي هٿ
پاڻ ۾ اهڙو ته زور سان پڪو پائين جو گل جو ڪنڊو
سندس هٿ ۾ چپي ويو ته به هنکي سمجهه نه پيئي.
هن لاءِ دنيا ۾ زلزلو مچي ويو هو. ۽ سڄي دنيا کيس
هيٺ مٿي ڦرندي نظر آئي.

پر سندس اها حالت گهڻو وقت نه هلي. هن جلديءَ
پنهنجن ارمانن کي اندر ۾ دٻائي ڇڏيو ۽ لبن تي زوريءَ
ڦڪي مرڪ آڻيندي چيائين، "پريتم انهي شب سماچار

جوليءَ جهڙي ڇوڪريءَ لاءِ ٽون ئي لائق ور آهين.
منهنجي دل ۾ جوليءَ لاءِ ڪا اهڙو پيار آهي جهڙو
وجئيءَ لاءِ. ڪيئن سگهي ٿو ٿسي مان ايهڊ خوش ٿيندس.
تو اندرا ديويءَ کان ڪا موڪل ورتي آهي ڪا؟ جي ڪا،
ته هٿ وچ، هينئر ئي وڃي موڪل وٺندس."

ديپڪ هليو ويو، پر ڏاڍو غمگين. هو راجا صاحب
کي اهڙو پاڻيندو هو، جو سندس ڏک سهي ڪي سگهيو.
پر هٿ سندس دل جي مجبوري هئي. هو لاچار هو.
سندس وڃي، ڇو ۾ جولي ئي سوال هئي.

جڏهن ديپڪ اندرا ديويءَ وٽ ويٺو ۽ ڪالهس
جوليءَ سان شاديءَ ڪرڻ جي موڪل گهرائين ته
اندرا ديويءَ کان جهڙي وڏي لڪري ويئي. از خود ڪيس
چئي ڏنائين، "ديپڪ، مان سمجهان ٿي ته اين ڪرڻ
سان وجئيءَ جي دل کي سخت صدمو رسندو. مون
سمجهيو ته تنهنجو وجئيءَ سان اوڙ آهي. جوليءَ ته
ڪڏهن به اهڙي ڏيکاري ئي ڪا ڏني. خير، تو ويچاري
وجئيءَ جي ته دل ٽوڙي ڇڏي."

اندرا ديويءَ جي ان جواب ديپڪ کي ايهڊ حيران
ڪيو. پر هو، اهو شب سماچار، جوليءَ کي پڌائڻ لاءِ
جو مالدو هو، سو اندرا ديويءَ وٽ وڃڻ ڪا ٽرسيءَ
سڌو جوليءَ وٽ ويو، پر سندس دماغ کي اندرا ديويءَ
جي جواب اصل ڇڪر ۾ آڻي ڇڏيو هو سوچڻ لڳو

خبر آهي ته مان توکي ڪيترو نه پاليندو آهيان ۽ تنهن
جي هر هڪ ڳالهه پوري ڪرڻ چاهيندو آهيان."

"دادا موکي توهان جي موڪل کپي. منهنجي بابا
. موکي اجازت ڏني آهي......"

راجيندر کي کل اچي وئي ۽ کلندي ئي چيائين،
"سمجهيم، تون شادي ڪرڻ ٿو چاهين نه، سچ تنهنجو
رجنيءَ جو جوڙو ڏاڍو سندر لڳندو!"

"رجني! نه دادا، جولي." دليپ آڪڙ ۾ چيو.

راجيندر تي ڄڻ وڄ ڪري، هو هڪدم باهڻ
ميالي ٿي ويو ۽ ڏاوج سان چيائين، "ڇا هوءَ به راضي
هي؟"

"ها، دادا."

"نه ٻٽ هوءَ مان ٻه توکي موڪل ٿو ڏيان......
ا، باقي منهنجون اميدون برباد ٿي ويون." راجيندر
ڪجهه ترسي، وري چيو، "منهنجي چاهنا هئي ته
کي منهنجو آئينده جو وارث بڻايان ۽ تو کي ۽ رجنيءَ
ي هڪ ڏاتي ۾ ڏيڻ جي منهنجي مراد سڦل نه ٿي."
جيندر ڪوشش ڪندي به اندر جي نراسائي لڪائي
سگهيو.

دليپ وڌيڪ غمگين ٿي ويو.

کيس اداس ڏسي راجا صاحب سندس دل وٺندي
يو، "اداس نه ٿيءُ دليپ، مان توتي ناراض نه آهيان.

مونکي پنهنجي محبت جي ڳالهه اهڙو وقت ڳجهي رکڻ نه کپندي هئي. جيڪڏهن رڃيءَ کي منهنجي ۽ جوليءَ جي پيار جي ڄاڻ هجي ها ته هوءَ شايد پاڻ کي روڪي ها ۽ مونکي اڄ اهو دکدايڪ درشيه ڏسڻو نه پوي ها.

اڃا به وقت ويو ڪونهي. منهنجي بابا جي ته مونکي موڪل آهي. باقي رهي ڳالهه راجا صاحب جي، هينئر ئي تو وڃي ڪانئس موڪل وٺان. هاڻي جيترو جلد ڳالهه ظاهر ڪريان اوترو بهتر."

اهڙو سوچي دليپ سڌو راجا راجيندر وٽ اندر لنگهي ويو.

ايندي ئي چيائين، "دادا، مونکي اوهان کي ڪجهه چوڻو آهي، پر هت نه، ڪٿي اڪيلائيءَ ۾."

راجيندر اٿي پنهنجي ڪمري طرف هليو ۽ پٺيان دليپ به هليو. ڪمري ۾ پهچي، دليپ جڏهن اندران در ٻاڪو، تڏهن راجيندر چيس، "هاڻي فقط تون ۽ مان آهيون هت. چئه پٽ ڇا تو چوڻ چاهين؟"

دليپ کي همت ئي نه ٿي، هو چپ چاپ ميز تي رکيل پين سان راند ڪرڻ لڳو، پر سندس آڱريون تڏهن به ڪنبي رهيون هيون.

راجيندر سندس اهڙو حال ڏسي، مرڪندي چيو، "پٽ، لڄ نه ڪر، ڪهڙي نيت ڳالهه آهي؟ لڪي نه .

ديپڪ اداس منهن ۽ دکي دل سان اتان هليو ويو. وجئيءَ جي دل ۾ گهٽ ٻوساٽ اچڻ لڳي. سندس اکين ۾ ساوڻ ٻرجي آيو ۽ هو سڏڪاه لي اوڇڏي ڪري زار زار روئڻ لڳي. جڏهين سندس دل جو غبار ڪجهه گهٽيو تڏهين روئڻ بند ٿيس، ۽ هن اکيون کڻي آسمان ڏانهن نهاريو. ڇا نه غم هو انهن آب ـ ڪٽورين ۾! ڇا نه بيوسي هئي مغرور وجئيءَ جي نيڻن ۾!!

آڪاسي لغش تي براجمان چندرما، دنيا جا ڪيترا نه وچتر کيل ڏسيئا! پرٿويءَ جي رنگ منچ تي انسان جا عجيب رنگ ۽ امنگ پڻ ڏسيئا! ڪن جي ارمانن جو خون نه ڪن جي محبت جو مخول پڻ ڏسيئا. پر الاجي اچ جهڙو نظارو اڳ به ڏٺو اٿائين يا نه؟ اهڙو دکي جهڙو! اهڙي شڪست ڪاڏل دل!! اهڙي شوخ ۽ غرور واري ڇوڪريءَ جي بيوسي ۽ عاجزي!!!

وجئيءَ جي چڻ دنيا ئي لٽجي ويئي هئي. هوءَ سيني ۾ جڙ ويراني محسوس ڪري رهي هئي. ڇا عرش جا نواسي، ڇوٽ ڪاڏل دل جي الفت جي پيڙا محسوس ڪري سگهندا آهن؟

* * *

ديپڪ جو اٿڻ ئي ۾ وجئيءَ کي ڏکايو هو، سو ڏاڍو غمگين هو. من ۾ چوڻ لڳو، ”جيڪڏهين وجئي مولسان پيار ٿي ڪري نه ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه؟

"اوه! دلپڪ، مولڪي توهان اهڙي اميد ڪين هئي. هن صلاح ڏيڻ کان بهتر هو ته، منهنجي هن تقدير دل ۾ نشتر چڀائي، هميشه لاءِ خاموش ڪري ڇڏيان ها.

دلپڪ! تو منهنجيءَ دل کي جو ڪيڏو نه صدمو پهچايو آهي. اڄ تون شايد اندازو به نه ڪري سگهين!...... وجنيءَ ڇرڪ ڀريندي چيو. دلپڪ حيرت وچان ڏانهس نهاريندو رهيو. گهڙي ڏک سبب وجنيءَ جي اکين مان آنسون ڪرڻ لڳا، ۽ وجنيءَ جيئن ليئن انهن کي روڪيندي چيو، "هاءِ منهنجي قسمت! دلپڪ تون، جهنگلي سان ڪان مان دل وجان سان پيار ڪر......" وڌيڪ وجني چئي نه سگهي ۽ ڦڪي هٿياءِ روئڻ لڳي.

دلپڪ دنگ رهجي ويو. هن اصل ڪلپنا به نه ڪئي هئي ته ڪو هيئن ٿيندو! هنيليءَ وجنيءَ کي هيئن روئندو ڏسي کيس سمجهه ۾ ئي نٿي آيو ته، ڇا ڪري. ليڪن اڳتي وڌي روئندڙ وجنيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي، نهايت عاجزي سان چيائين، "وجني مولڪي معاف ڪر."

وجنيءَ آواز کي ضابطي ۾ آڻيندي مختصر جواب ڏنو، "تون وڃي سگهين ٿو."

چئي ته مان توکي پيار نٿو ڪريان. رجني تو ان مان رهي نٿو سگهان!

"رجني، تون شاديءَ جي لائق ٿي ويئي آهين. مان انهيءَ باري ۾ توکي ڪجهه چوڻ ٿو چاهيان. تون ان کي چرچو نه سمجهج." دليپ ڪجهه گهڙين لا سان چپ ٿيو.

"دليپ چئو نه ڇا ٿو چوڻ چاهين؟"

"رجني، پريتم توکي بيحد پيار ٿو ڪري. هو تنهن جي محبت ۾ جنهن پاڳل بڻجي پيو آهي. تون ڇو ڪين ٿي کيس منهن ڏين؟ پريتم هڪ لائق جوان آهي. منهنجي نظر ۾ ڪا ٿيس وڌيڪ ڀلو ور ملڻ مشڪل آهي. هو منهنجو هڪو دوست آهي، انهيءَ ڪري مان دعويٰ سان چئي سگهان ٿو ته هن کان بهتر ڇوڪرو توکي ٻيو ملي نٿو سگهي. تون ڇو نه ٿي سندس آڇ قبول ڪرين؟"

"ڇا؟!" دليپ جي ڳالهه ٻڌي رجني جڻ زخميل هرڻيءَ جيان تڙپي اٿي. "دليپ تون ٿو مونکي پريتم سان شادي ڪرڻ جي صلاح ڏين!!" درد ۽ حيرت ڀريل آواز ۾، رجنيءَ جڻ ڪڙهندي چيو:

"رجني، مونکي غلط نه سمجهه. مونکي تنهنجي سک جو ڏاڍو اونو آهي. پريتم مونسان پنهنجي دل جو حال اوريو آهي. هو تو مٿان فدا آهي. انهيءَ ڪري مان توکي اها صلاح ٿو ڏيان."

"هتي نه، باغ ۾ هل، ڳالهه اهڙي آهي جو ٻيو جيڪر نه ٻڌي."

رجني ماٺ ۾ ويٺي رهي.

"چڱو، جي هلڻ لئي چاهين باغ ۾ نه، نه هل، مان ڪنهن ٻئي دفعي ٻڌائيندو سانءِ." دليپ ڪيس ماٺ ۾ ويهندو ڏسي چيو.

"نه، نه، هل مان هلڻ لاءِ تيار آهيان." رجنيءَ ڪلندي اٿندي چيو.

هوءَ دل ئي دل ۾ خوش ٿي رهي هئي. اڪانت آستان ئي ٻنهي جي ڳالهين ڪرڻ لاءِ ٺيڪ جڳهه آهي.

باغ ۾ پهچي ٻئي هڪ هنڌ اچي ويٺا. دليپ چيو، "رجني اسان ٻنهي کيترو نه هڪ ٻئي جي سنگ ۾ گذاريو آهي، اسان مان هر ڪنهن جي دل ۾ هڪ ٻئي لاءِ آستان آهي."

"ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي؟" رجنيءَ چيو.

"رجني، مان لوڪي سکي ڏسڻ لاءِ چاهيان. تون منهنجي هڪ ڳالهه جيڪر مڃين."

"ڪهڙي ڳالهه؟" رجنيءَ پيار سان چيو.

"پهرين انجام ڏي نه مڃيندينءَ." دليپ ڄڻ التجا ڪندي چيو.

"چئه نه دليپ!" رجنيءَ ٻاهران نه مختصر جواب ڏنو، پر سندس دل وري ٻئي ڌڪاريو، دليپ جلد

ٿي ته جيڪر سڀ مهمان وٽس ايندا رهن. سندس خواهش پوري ڪرڻ لاءِ سڀئي ايندا رهيا. راجيندر مهمانن کي وندرائڻ جو تمام سٺو پروگرام ۽ بندوبست ڪيو. مهمان ڏاڍي مزي ۾ هئا پر رجنيءَ جي دل ۾ پريشاني هئي.

هڪ ڏينهن شام جو پارٽيءَ لاءِ ناچ جو پروگرام رکيل هو. پر رجنيءَ جو ان ڏينهن 'ڊانس' ۾ به من نه لڳو. هوءَ اداس من سان هڪ ڪنڊ ۾ پيل آرام ڪرسيءَ تي اچي ليٽي پئي، ته پريان هڪ طرف پريتم ۽ جوليءَ کي پاڻ ۾ ڳالهيون ٻوليون ڪندو ڏٺائين. رجنيءَ دل ۾ چيو، "ايشور ڪري ته هنن ٻنهي جو پاڻ ۾ پيار ٿي وڃي."

ڪاش! رجني هنن ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي ها!

پريتم پنهنجي پيار ڪهاڻي ديپڪ کي ٻڌائي چڪو هو. ڪيس خبر هئي ته جولي، رجنيءَ جي ساهيڙي آهي تنهڪري هو، جوليءَ کي مدد ڪرڻ لاءِ التجا ڪري رهيو هو.

رجنيءَ هنن ٻنهي کان نگاهه هٽائي جئين چوڌاري نهاريو ته سامهون ديپڪ کي ايندو ڏٺائين. ديپڪ وٽس پهچي، ڪرسي سيڙهي، سندس پرسان ويهندي چيو، "رجني مان توکي هڪ ڳالهه چوڻ ٿو چاهيان."

"چئو ديپڪ" رجنيءَ منتظر ٿي چيو.

سونهن ۽ سرس، اهڙي آهل هيئون. ۽ انهن مان ڪنهن ڏانهن به ڏسڻ جو ارواح نه ٿي، هوءَ حيران هئي!

* * *

آهل راجڪمارن ۾ مدوما جو سڀ کان لنيو پاءُ يعني راجا صاحب جو لنيو سالو مهيندر ڪمار ٻڌ هو. هو ٻهراڻ انظر سان ٿي جوليءَ تي هرڪه هاري وٺو هو. راجا صاحب مهيندر ڪمار جي دل ٽاڙي ورتو؟ جوليءَ طرف سندس رخ ڏسي دل ۾ خوش ٿيو. ڪيس مهيندر کان وڌيڪ ڪوبه لائق ور جوليءَ لاءِ لڀي سجهيو. موقعو وٺي راجا صاحب جوليءَ سان ان ٻاري ۾ ذڪر ڇيڙيو. ۽ جولي لاچاري سياه جي هوندي به نهايت نمرتا سان ان ڳالهه کان انڪار ڪيو. الدرا ديويءَ به جوليءَ کي ڏاڍو سمجهايو. ۽ مٿس زور ٻڌ آندو ته هوءَ مهيندر ڪمار سان شادي ڪري ڇڏي. پر جوليءَ کي پنهنجي ارادي تي پختو ڏسي هن ڪي به لاچار ساڻس سهمت ٿيڻو پيو. البت راجا راجيندر کي جوليءَ جو اهڙي رهنوار حيران ڪري ڇڏيو. پلا راجا صاحب کي ڪهڙي چاڻ ته جوليءَ پنهنجي من مندر ۾ اڳيئي ڏيوتا کي ابراجمان ڪري ڇڏيو آهي.

* * *

الڪاڙيءَ ۾ سالياني اينڪ پوري ٿي ته سڀ مهمان وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا. ۽ راجيندر جي خواهش

محبت، حاصل ڪندس يا موت جو دامن پڪڙيندس!"

رجنيءَ جي دل ۾ آيو ته چئي ڏيس ته سندس اميد ڪڏهن به سڦل نه ٿيندي. هوءَ ته اڳيئي ڪنهن ٻئي تي هوڪ هاري ويٺي آهي ۽ هوءَ کيس اهڙي چئي نه سگهي جو نه اڃا سندس پريم قبول ٿي ڪرڻ پيو هو. تنهنڪري چپ رهي.

ٻئي طرف رجنيءَ ڏايا حيلا هلايا جيئن ديپڪ ڪليءَ طرح کيس پنهنجي دل جي حالت ٻڌائڻ لاءِ تيار ٿئي. تنهنڪري پئي ديپڪ جي حاضريءَ ۾ هوءَ پريتم سان زور ڪري گهرو هلندي هئي جيئن ديپڪ جي دل ۾ حسد جي چڻنگ لڳي. پر ديپڪ جي دل ۾ حسد بجاءِ پاڻ خوشي پيدا ٿيڻ لڳي. جڏهن به ڏسندو هو ته پريتم ۽ رجني ڪنهن هنڌ پاڻ ۾ اڪيلا ويٺا آهن ته چاٻي پڇهي اوڏانهن نه ويندو هو. رجني خيال ڪندي هئي ته ديپڪ جي شايد اهائي مراد آهي ته پريتم سان ئي پريم ۾ جڪڙجي وڃان. پر انهن ڪڏهن به نه ٿيندو.

پر ديپڪ جو پاڻ طرف مائيٽرو ورتاءُ ڏسي ڏيهون پوءِ هوءَ وڌيڪ حيران ٿيڻ لڳي.

رجني هميشه پنهنجي رقيبا جي تلاش ۾ هوندي هئي. اڪل طرح کيس گولهڻ جي ڪوشش به ڏايي ڪيائين پر اڃا تائين ڪامياب نه ٿي هئي. ڪيترا ئي راجڪمار پرن ۽ راجائن جون مائيٽرين، هڪ ٻئي کان

دليپ ۽ پريتم هڪ ٻئي جا دوست هئا. دليپ نه گهڻو اڳو رجني ساڻ گڏ پيو نظر ايندو هو. پر پريتم دليپ جي ڪنهن به حالت مان اهو اندازو نه لڳائي سگهيو ته دليپ ڪو رجني کي پالئين ٿو. تنهن لاءِ هو سوچڻ لڳو ته منجهس ڪهڙي گهٽتائي آهي جو رجني ڏانهس ڪو به ڌيان نه ٿي ڏئي. ساڻس گڏ مهمان نوازي جي خيال کان گهمڻ ڦرڻ ويندي هئي؛ ڳالهيون ٻولهيون ڪندي هئي. پر عجب نه اهو هو جو جڏهين دليپ، پريتم ۽ جولي سڀ گڏ هوندا هئا تڏهين رجني ڏاڍي ناز نخري سان ساڻس کلي کلي، ڳالهيون ٻولهيون ۽ چرچا به ڪندي هئي؛ پر جڏهين ساڻس اڪيلي ويندي هئي ته بلڪل رکو نمونو وٺندي هئي.

پريتم تڏهين به نراس ڪونه ٿيو، هن دل نه هاري مڙس ٿي بيٺو ۽ هڪ ڏينهن جڏهين رجني اڪيلي ساڻس گڏ گهمڻ وئي تڏهين هن ٻوس تي پنهنجي دل کولي سندس اڳيان رکي؛ پر پريتم حيران ٿي ويو جڏهن رجني 'پشپ نگر' جي مهاراڻي ليکي کان صاف انڪار ڪيو.

پريتم ڇوته ڪانئيندي به نراس نه ٿيو. هن هڪ وار وري همت ڪري کيس چيو، "رجني اُون ٻراٻر مولکي پنهنجو لائق لئي سمجهين ٿو ۽ مان پاڻ کي تنهنجي لائق ڪرڻ جي هرڪا ڪوشش ڪندس. پوءِ پا نه پنهنجي

دليپ ته ڪجهه وقت اڳيئي هليو ويو هو. ڪيس ڪهڙو ڪجهه ڪم هو ۽ راجا صاحب ڪيس چيو هو ته هو پنهنجي ٻيءَ سان گڏ الي ٻاهري وڃي ۽ پڻي سندس مهمان ٿي رهن. راجيندر کي خبر هئي ته اهڙي موقعي لئي سڀني پرڳڻن جا ماڻهو موجود هوندا. ۽ هن چاهيو ٿي ته هر ڪو پلي رجنيءَ ۽ دليپ کي گهڻو وقت هڪ ٻئي جي ساٿ ۾ ڏسي.

الڪاپريءَ ۾ پڻهي سندرين، جوليءَ ۽ رجنيءَ پنهنجي حسن سان هلچل پيدا ڪري ڇڏي. نوجوان راجڪمار راجائون، جاگيردار ۽ پيا ڏاڍا سندن پريم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ڇڪ شرطون پچائڻ لڳا. پر مڙني ۾ 'پشپ نگر' جو حسين راجڪمار پريتم ته رجنيءَ جي محبت ۾ جڻ پاڳل ٿي پيو.

پريتم ناهوڪو جوان هو. ڪافي پئسي وارو ۽ طاقت وارو هو. تڏهين ۽ الائي ڇو هو راجا راجيندر کي پاڻ نه پوندو هو. اهي ٽن ماڻهو ۽ ڏاڍو حيران ٿيندا هئا. پاڻ ۾ شان ۽ مرياده جي ويچار کان جيتوڻيڪ هو سندس چڱو آءِ پاءُ ڪندو هو پر وهنوار ۾ ذرا رکائي ڏيکاريندو هوس. پريتم کي هن ڳالهه لهائين وڏي ڪاوڙ ڪيو، جڏهين ڏٺائين ته راجڪماري رجني به ساڻس هلت چلت ۾ پڻ جهڙولي لمونو اختيار ڪري رهي هئي.

ديپڪ ڏانهس نهاري مرڪي رهيو آهي.

هاءِ ڙي انسان جا من! تون به ڪيترو نه وچتر ۽ نڪمو آهين!! ديپڪ کي جوليءَ جي خيال ۾ خمار ۽ آٽي چڙهيو هو. سندس ڳٽن جو ايان ظاهر ٿي هو مرڪي رهيو هو...... ليڪن رڳو ديپڪ جي دل جي اها ڪيفيت ڄاڻي نه سگهي. هوءَ نه دل ۾ دل ۾ خوشي محسوس ڪرڻ لڳي ته ديپڪ ڪيئن چاهي ٿو، پر رڳو لڄ ڪرڻ جي ارادي سان ئي پنهنجيءَ محبت جو اظهار نٿو ڪري.

* * *

الڪابوءَ ۾ راج سڀا جي سالياني ميٽنگ شروع ٿيڻ واري هئي. انهي موقعي تي نه فقط ميمبر پنهنجن دوستن ۽ مٽن مائٽن سميت شامل ٿيندا هئا، پر راجائون ۽ جاگيردار وغيره پڻ شريڪ ٿيندا هئا.

انهي سڀا جو، راجا راجيندر کي سڀاپتي چونڊيو ويو هو.

هن خيال ڪيو ته انهي موقعي تي ڇو نه رڳو، جولي ۽ اندرا ديوي سڀ هلن.

اندرا ديوي ڏاڍا ٿڌا ڏيڻ لڳي، سندس مرضي هئي ته هوءَ ۽ سندس ڌيءَ جولي جيڪر نه وڃن پر راجا صاحب جي اڳيان سندس ڪو به اهڙو ٻيهي نه سگهيو ۽ هن ٻنهي کي به وڃڻو پيو.

---

ديپڪ لاءِ فڪرمند ٿيڻ لڳي. هوءَ سوچڻ لڳي، "سولهن اڳيان وشوامتر جي تپسيا ۾ ڏڪ نه جهلي سگهي سو هڪ رواجي انسان ديپڪ سندس حسن جي جادوءَ کان بيپرواهه ڪيئن رهي سگهيو آهي؟"

هڪ ڏينهن جڏهن ديپڪ ۽ رجني هڪ وڻ جي هيٺان ويٺا هئا ته هن آخر چئي ئي ڏنو، "ديپڪ، مان ڏسان ٿي ته ڪيترن ڏينهن کان تون ڪوهيل ڪوهيل ٿيو لڳين. جڻ ته تنهنجي ڪنهن سان محبت ٿي وئي آهي."

ديپڪ ماٺ ۾ رهيو.

ڪجهه وقت ترسي رجنيءَ وري ديپڪ کي چيو، "توکي جيڪر ڪهڙي استري وڻي؟"

سندس سوال ٻڌي ديپڪ جي اکين اڳيان جوليءَ جو منهڙو چهرو ڦرڻ لڳو ۽ هن جي اکين ۾ عجيب چمڪ اچي وئي. هن رجنيءَ ڏانهن نهاريندي چيو، "مونکي اها استري وڻي جيڪا سشيل ۽ سباجهي هجي، جنهن کي هٺ ۽ غرور نه هجي. حسن ضرور هجي. ٻي صورت ۽ سيرت جيڪر ٻنهي ۾ سهڻي هجي." اِترو چئي ديپڪ ٻڪ ٽڪ ڏانهنس نهاري مرڪڻ لڳو. ديپڪ جي ان مسڪ- مرڪ رجنيءَ کي اهڙو ته مدهوش ڪري ڇڏيو جو اچاتڪ هوءَ سمجهڻ لڳي ته اهي سڀ وصفون منجهس ئي آهن ۽ انڪري انهن گڻن جو بيان ڪنديئي

ڇڏيو. سندس چهرو هڪدم شوخ ۽ لعل ٿي ويو.

*　　　*　　　*

پارٽي کي لڳي ٣ هفتا ٿي ويا پر اڃا تائين ڊيپڪ ۽ جوليءَ جي ملاقات جي ڪنهنکي خبر ڪانه پيئي هئي. انهن وچ ڪيترا دفعا ڊيپڪ جوليءَ کان ان ڳالهه ظاهر ڪرڻ جي موڪل ٿي گهري پر هر دفعي جوليءَ کيس ائين منع ڪئي.

"ڊيپڪ، جيستائين اسان جو پيار ڳجهه آهي تيستائين سلامت آهي."

"اهڙو ويچار ڇو؟"

"ڇو؟ اهو جواب ڏيڻ لاءِ اڄ پر ڏينهن رات، سمهندي، جاڳندي، اٿندي ويهندي ڪو وري وري مونکي اهوئي ڇتاءَ ڏيئي رهيو آهي."

"الهي ويچار ڪئي ڇڏ. ڪنهن جي ڇا مجال جو اسان ٻنهي جي وچ اچي. راجا صاحب ۽ انهنجي ممي ته اسان ٻنهي کي اهڙو ٿا پيار ڪن، جو اسانجي سڪ ۾ وگهن وجهڻ ڪڏهين به پسند نه ڪندا."

پر ڪڏهين به جوليءَ ڊيپڪ جي ڳالهه نه مڃي. هوءَ ڪنهن نامعلوم ڊپ کان اداس رهڻ لڳي.

مذڪور سبب ڪري انهي جو پيار ڳجهوئي رهيو. اهوئي سبب هو جنهنڪري ڊيپڪ پنهنجن ٿي پيارن ۾ پيو لڳندو هو. ڊيپڪ جي ٿورن کان اڳاڙ رهي

ڪڇندي چيو، "ڇا دادا جي به شايد اها مرضي آهي نه؟"

"مان نٿو سمجهان. ڇو جو جيڪڏهين سندس مرضي هجي ها ته ڪڏهن نه مونکي ته اها اڃا ڪانهي. وڏي ڳالهه ته رجنيءَ سان منهنجي محبت ڪونهي ۽ ٻيو ٻن شاديءَ جي بندن ۾ ٻڌجڻ منهنجي اصول جي خلاف آهي. مان هيٺر ئي وڃان ٿو راجا صاحب سان سڀ ڳالهيون ڪريان."

"دليپ، هيٺر نه، ڪجهه ڏينهن ترسي پوءِ چئجانس فڪر نه ڪر" جوليءَ کيس ڄڻ التجا ڪندي چيو.

"جيئن توهانجي مرضي." دليپ مختصر جواب ڏنو.

* * *

ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد، هڪ ڏينهن صبوح جو رجني پنهنجي محلات جي باغ ۾ گهمي رهي هئي. سندس منهن تي اداسائي هئي. گلابن جي ٻاري مان هڪ ڳاڙهو گل پٽي هوءَ سنگهڻ لڳي ۽ باغ ۾ ٽهلڻ لڳي. ٽهلندي هوءَ سوچڻ لڳي، "اڄڪالهه ڇو دليپ مونکي نٿو چاهي. مان ته دليپ بنان جيئري نه رهي سگهنديس...... نه نه دليپ کي ٻئي جڳر تي پوندو...... جيڪڏهين ڪير منهنجي ۽ دليپ جي وچ ۾ ايندو ته مان ان جو سرو ناس ڪري ڇڏينديس......" ائين چوندي رجنيءَ هٿ ۾ جهليل گل ٽڪوري اڇلائي

ڪنڌ وڌيڪ هيٺ ڪري ڇڏيو.

ديپڪ جي خوشيءَ جو ڪو انت نه هو. هو آنند ڀري آواز ۾ چوڻ لڳو، "جولي، منهنجي مٺڙي راڻي! اڄوڪي رات مولڪي زندگيءَ ۾ ياد رهندي. هيءَ گهڙي منهنجي جيون ۾ سڀ کان وڌيڪ ملهائتي ليکبي."

هن ڏڪندڙ هٿن سان آهستي جوليءَ جو ڪومل هٿ پنهنجي هٿن ۾ دٻايو ۽ ان هٿ کي مٺي ڪٺي پنهنجن چپن سان چميو.

جولي جي سڄي سرير ۾ ڏڪڻي پيدا ٿي وئي. ديپڪ جي جسم ۾ به لرزش اچي وئي. ٻنهي جون دليون زور زور سان ڌڙڪڻ لڳيون ۽ ڌڙڪندڙ ٻه دليون هڪ ٻئي سان مليون، ڪجهه وقت لاءِ دنيا کي وساري پاڻ ۾ کوهجي ويون.

اوچتو جوليءَ سوال ڪيو، "ديپڪ اسانجو هڪ ٻئي سان پريم ڪرڻ ٺيڪ آهي؟"

"ڇو؟ اهڙو ويچار توکي ڇو آيو؟" ديپڪ منتظر ٿي پڇيو.

"اهو ويچار انهيءَ ڪري آيو جو ديپڪ، تون ۽ رجني جڏهين ٻالس ڪري پوري ڪٿي نه ماڻهن توهانجي جوڙي جي ڏاڍي ساراهه......"

"هڪڙا ڏي ماڻهن کي" ديپڪ وچ ۾ ڪٽيس.

"سبب ٻڌي ڇا ڪندس؟ ڪاش جولي تون منهنجي دل جي حالت سمجهي سگهين. جولي مان توکي ...... منهنجو توسان پيار آهي جولي. مان سچ ٿو چوان ته مون توکي جڏهن وقت پهريان ڏٺو ان وقت کان وٺي مون توتي هرڪو هاريو.

مان توکي هيئن اداس ڏسي سهي نٿو سگهان. منهنجي دل ۾ اچاڻان ڇا ٿيو ٿي. جولي منهنجي ڳالهه تي وشواس ڪر." ديپڪ وڌيڪ ڪجهه نه سگهيو؛ جولي خاموش نگاهن سان حيرت وچان ڏانهس نهارڻ لڳي.

ديپڪ همت گڏ ڪندي چيو، "جولي! تون ديپڪ جي جوت آهين. توکي منهنجو پيار سويڪار آهي نه؟ جولي انڪار نه ڪج. نه نه...... نه نه مون جهڙو دکي هن دنيا ۾ ٻيو ڪو نه ڏسندين." ديپڪ ايترو چوندي سندس بلڪل قريب اچي ويٺو هو.

جوليءَ جي سانت مان کيس ڪجهه وڌيڪ همت ملي ۽ هن ٿورو هيٺ جهڪي جوليءَ جي هٿ کي پنهنجن هٿن ۾ وٺندي، پيار ڀرين نگاهن سان ڏانهس نهاريندي جڳ التجا ۽ طلب ڪندي چيو، "جولي تون منهنجي ٿيندين نه؟"

جوليءَ جون نظرون حياءُ ۽ خوشيءَ وچان هيٺ جهڪي ويون. هن ڪنڌ سان قبوليت ڏيندي پنهنجو

رجنيءَ جو جوڙو نه جيس ليندو." نيڻان چيو اهي اکر سنڌس دل ۾ تير وانگر چڀڻ لڳا. هوءَ خود ٻاڻ کان سوال پڇي رهي هئي ته انهن اکرن ٻڌڻ سان ٻاڻ دکي ڇو ٿي ٿي؟

دل ۾ جي ڀاونائون پيدا ٿينديون آهن سي ڪڏهن دماغ نه سمجهي سگهندو آهي. انهي ڪري هوءَ پنهنجي دکي دل کي سانت ڪرائڻ لاءِ ڀاونيءَ مان پڇي ويٺي. انهي مجلس واري هال جي پرسان کي هڪ ننڍپ ڪوني هئي جتي اتي جلي رهي هئي. هوءَ هڪدم ڀڄي اچي اُن ڪرسيءَ تي ڌرام ٿي ڪري.

ايڪانت ۾ ويهڻ سان دل جو غبار گهوڙهن وسيلي نڪري درد کي گهٽ ڪندو آهي. انهي سبب هن ايڪانت ۾ رهڻ ئي بهتر سمجهيو. اچانڪ هن ديپڪ کي ڪمري ۾ گهڙندو ڏٺو، ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

"جولي، توهان ڀاونيءَ ڇو ڇڏي آئين؟" ديپڪ اينديئي پڇيو.

"ايڪانت کپي." هن ٿوري ۾ جواب ڏنو.

"تون اداس ڇو آهين؟...... اڙي، تون ته روئي رهين آهين! ڇو ڇا ٿيو توکي؟" ديپڪ ڏڪاري؟ لرزش ڀري آواز ۾ چيو.

جولي اکيون اگهي چيو، "سبب ٻڌي ڇا ڪندين؟"

ٿي، سو هوءَ نشست تي اٿان ۽ پٺي هلي ۽ ٻار ڊيپڪ اڪيلي اٿي چوگرد نهارڻ لڳو. آخر سندس مدورت پورو ٿيو. منوهر ٻور جي جاگيردارڻ جي پرسان ٿي جولي بيٺي هئي. ڪيتري نه حسين لڳي رهي هئي هوءَ!

رجني لڏي نيري رنگ جي ساڙهي ۾ هئي ته جولي وري گلابي رنگ جي ساڙهي ۾ چڻ ديوا ٿي لڳي. سندس منهن ۾ عجيب شانتي ۽ ڪوملتا هئي! اجا ڊيپڪ انهي طرف وڌيو ته وچ ۾ ئي راجيندر کيس روڪي ڇڏيو جو ساڻس آيل مهمانن جي ٻاري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻي هئس. ۽ ڊيپڪ جڏهين راجيندر سان ڳالهائي واندو ٿيو ۽ نڪڙ ۾ اڳتي وڌيو ته ڏٺائين ته جولي ان هنڌ تان غائب هئي، جتي ٿورو وقت اڳي کيس ڏٺو هئائين. هو حيران ٿي ويو. لٿين ناچ جي آرڪيسٽرا ۾ شروع ٿي. جوليءَ انهيءَ 'ڊانس' لاءِ کيس انجام ڏنو هو. ۽ جوليءَ جو پتو ندارد. هو هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳو. جيڪڏهين ڊيپڪ کي جوليءَ جي دل جو اندازو هجي ها ته هو ڪڏهين به عجب نه کائي ها.

ڊانس بعد، جوليءَ، ڊيپڪ ۽ رجنيءَ ٻاهر ماڻهن جا وايا ٻڌا هئا. سندس ڪنن ۾ ماڻهن جو آواز زور زور سان وڄڻ لڳو. هو چئي رهيا هئا. ”ڊيپڪ ۽

اندرا ديويءَ جو جواب ٻڌي ديپڪ پريشان نگاهه سان وري هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو.

"هيئن جوليءَ لاءِ ڇو پريشان ٿي رهيو آهين؟" رجنيءَ سندس ڀرسان پڇندي چيو،

"هوءَ به ڪنهن نه ڪنهن سان دل ٻهلائي رهي هوندي."

ديپڪ کي رجنيءَ جي ڳالهه دل سان نه لڳي. کيس ياد آيو ته جڏهن هن جوليءَ کي ٻڌايو ته راجا صاحب جي زبردست مرضي آهي ته هو پهريان ڊانس راجڪماريءَ سان ڪري ته جوليءَ جو منهن اداس ٿي ويو هو. سندس اها اداسائي ديپڪ ڀانپي ويو هو. لاچار هو ۽ ڏاڍو ششدر ٿي پيو هو. هو جوليءَ کي اداس ڏسي سهي نٿي سگهيو ڇو ته ديپڪ جو جوليءَ سان پيار هو. هو پنهنجو سڀ ڪجهه، تن من ۽ ڌن جوليءَ تان قربان ڪرڻ لاءِ تيار هو.

ديپڪ جوليءَ کي ڏسڻ شرط ئي مٿس مفتون ٿيو هو. سندس خيال ۾ اها سندس پهرين ۽ آخرين محبت هئي. شايد اهو ئي سبب هو جو حسن جي راڻي رجني اڳيان هوندي به هو جوليءَ کي نه ٿي وساري سگهيو.

جڏهن کيس تسلي بخش جواب نه مليو، ته هو خود سندس ڳولا ڪرڻ لڳو.

رجنيءَ جي ديپڪ سان هيٺئر پهرين ڊانس پوري

هوءَ شاهوڪار هئي ۽ دولت جو ڪيس اُڃو نه هو پر اهو سڀ ڪجهه هن محبت اڳيان تُڇ ٿي سمجهيو.

سندس دل ۾ دليپ جي محبت جي ميخ لڳي چڪي هئي.

جلسو شروع ٿيو. شروعات انگريزي ناچ سان ٿيڻي هئي. ”آرڪيسٽرا“ وڄڻ لڳي ۽ انتظام موجب پهريان ڊانس لاءِ دليپ رجنيءَ وٽ آيو.

سندن جوڙي تي هر ڪنهن جون اکيون کُتل هيون. هر ڪنهن جي زبان تي اها ئي ڳالهه هئي ته جوڙو ته واه جو آهي. راجا صاحب به ڪين ڪنڌ ڌُوڻي اهوئي ويچاري رهيو هو.

پهريون ناچ ختم ٿيو. سازندن ساهي پٽي. چوگرد رجنيءَ جي چرچا ٿي رهي هئي.

”رجني! جولي ڪٿي آهي؟ هتي ڏسڻ ۾ نٿي اچي.“ آلڌ مالڌ کي لڪائي، دليپ آواز کي سپاٽ لهجي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندي، سوال ڪيو.

ٻنهي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو پر جولي کين ڪٿي به نظر نه آئي. ايتري ۾ دليپ جي نظر وڃي اندرا ڏيويءَ تي پئي. وٽس وڃي دليپ ڪالهه جوليءَ لاءِ پڇيو.

”مونکي ڪهڙي خبر؟“ اندرا ڏيويءَ البت بيپرواهيءَ سان جواب ڏنو.

ڏٺو ۽ ائين ڪڏهن جي مرڪڻ لڳا. مرڪ جڏهن به وسڻ جو اهڃاڻ به ڪين هو. مرڪ جي مشعال سندن دلين ۾ روشني ڦهلائي، غم جي اونده کي لڙي ڪيائين.

* * *

پارٽيءَ جو ڏينهن اچي ويو. راجا صاحب محل کي سينگارڻ ۾ ڪابه ڪسر ڪونه ڇڏي هئي. هوشيار گويا ۽ سازندا گهرايا ويا هئا. ماحول، سازن جي جهڻڪي ۽ مٺي سنگيت سان گونجي رهيو هو.

مهمان به آيل استريون ڏاڍيون ٺهي ٺڪي سنهري آيون هيون. هار سينگار ۾ ته هرڪا اپسرا پئي لڳي. پر انهيءَ موقعي جي راڻي ۽ مجلس جي مور هئي رجني راجڪماري. ڪيس اڇي بلوري رنگ جي ساڙهي پيل هئي. چوٽيءَ ۾ سهڻو گل اٽڪيل هو ۽ ڪنن ۾ جهرمر ڪندڙ جهمڪا. اکين ۾ ڪجل ۽ ڳچيءَ ۾ قيمتي هيرن جو هار. آڱرين ۾ پيل منڊين جا هيرا روشنيءَ ۾ چمڪاٽ ڏئي رهيا هئا. سڀني جون نگاهون وري وري کڄي ڏانهس لڳي ويون.

دليپ ته ڪالهوڪي روسامي کان پوءِ ڏاڍو ڦريل ٿي نظر آيو. هن رجنيءَ جو ڏاڍو خيال ۽ مرضي پئي رکي.

رجني لاشڪ سهڻي هئي ۽ ساڳئي وقت هوءَ پنهنجي حسن جي جادوءَ کان بي خبر ڪونه هئي.

ڪري شايد ديپڪ جي دل ٽان ڪري ٿوان."

ديپڪ وري سوچيو ته رجني هن گهر جي مالڪياڻي آهي ۽ راجا صاحب جي سڪيلڌي ڌيءَ. راجا صاحب مونکي ڪيترو نه پاليندو آهي! سندس راجڪماريءَ کي ناراض ڪري مون چڱو ڪم نه ڪيو.

پنهي جي خيالن ۾ جو ساڳي ڳالهه آئي سو سندن پوڇڻ ۾ دير ڪا نه لڳي. رجنيءَ ديپڪ وارو ڏنل گل وارن ۾ اٽڪايو ۽ پنهنجي ڪمري مان واپس اچي ديپڪ جي پرسان ويٺي. ديپڪ مرڪي ڏانهس نهاريو. سندس وارن ۾ پاڻ وارو ڏنل گل ڏسي اندر ۾ خوش ٿيو، ۽ ٻاهران صرف مشڪندي چيائين، "واهه قادر تنهنجي قدرت! رجنيءَ جي سهڻن زلفن ته گل جي سونهن ۾ اضافو آڻــي ڇڏيو آهي. مان نه منجهي پيو آهيان ته ڪنهن جي حسن جي تعريف ڪريان. سهڻي ڇوڪري جي يا گلابي گل جي؟" ائين چئي هو وري رجنيءَ ڏانهن ٽڪ ٽڪ نهارڻ لڳو، ۽ چوڻ لڳو، "بس مون فيصلو ڪري ورتو. مان ته ٻاڳي صلح جي نشانيءَ گلابي گل جا ٿو شڪريه ادا ڪريان. نه نه، انهنجون شوخ نظرون ته منهنجي دل تي تيرن ڪهڙو ظلم ڪري وڌن ها......"

"بس... بس گهڻو ٿيو ڪري صاحب!" ائين ناز سان چوندي رجنيءَ مشڪي ڏنو. ديپڪ به مشڪي

ڪالهس نفرت ڪرڻ لڳندس." پر هن پاڻ چيو، "ائين نه."

دليپ جي زبان تي تالو آيو ۽ هو ڇوڪري واروني هو نه پر اوچتو روڪجي چيائين، "معاف ڪجو رجني، ائين تهذيب پرلو لٿو لڳي."

رجنيءَ کي انهي جواب جي آشا ڪانه هئي. انهن ڪري هوءَ ناراض ٿي ويٺي هئي.

دليپ ڪيس گهڻائي سڏ ڪيا پر هن جڳ نه پڙوني ڪونه ۽ سڌو وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي.

سندس پيءُ عقل وارو هو، سمجهي ويو ته هيءَ ڪنهن سان رسي آئي آهي. انهن ڪري هو به ماٺ ۾ رهيو. صرف هن ٽڪ ٽڪ ڪري پاڻ سان ڳالهائيندي چيو، "پريمن ۾ رسڻ ۽ وڙهڻ ته محبت جي نشاني آهي!"

رجني دليپ کي ڀائيندي هئي ۽ هن پنهنجو پيار هر ادا سان ظاهر به ڪيو هو. فقط اکرن ۾ نه انهجو اظهار ڪونه ڪيو هئائين. ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين ۾ به هوءَ دليپ جي مرضي موجب هلندي هئي. اهڙو قدر جو جڏهن دليپ کي ڪا ساڙهي سٺي لڳندي هئي ته هوءَ اهائي پائيندي هئي؟ هوءَ گهڻو وقت ڪوٺيءَ ۾ ماٺ ڪري ويهي نه سگهي. هن سوچيو ته "دليپ سان ناراض ٿي سهڻو ڪم نه ڪيو. انهيءَ

"منهنجي ناراض ٿيڻ جي ڪري ڪهڙي پرواهه!"

دليپ رجني جي اکين ۾ آنسو ڏٺا. دليپ دل جو ڏاڍو نرم هو. هن کان رجنيءَ جا اهي ڳوڙها ڏٺا نه ويا. هن نرمائيءَ سان چيو، "رجني هاڻي پڇي وڃ نه؟" هن پاسي ۾ لڳل هڪ گلاب جي ٻوٽي مان گل پٽي ڪيس پيار مان ڏيندي چيو، "هيءُ وٺ ؛ اڄ نه پاڻ ۾ صلح ڪريون."

"وڃي اهيءَ کي ڏي، جنهن سان ٻهراڻ ڀائرس جو انجام ڪيو هوءِ."

دليپ دنگ رهجي ويو. رجنيءَ کي اهي ۾ حسد اڀرڻ جو ڪهڙو سبب؟ هو ٻئي هڪ ٻئي جا دوست ٻالڪ هئا ۽ پرائي ڪداچت به ڪڏهين ڀل چڪا ؛ ڇرچي ۾ به دليپ رجنيءَ سان محبت جو اظهار نه ڪيو هو. پوءِ هيءُ حسد ڇو؟ هو ڪجهه سمجهي نه سگهيو.

ٿوري وقت خاموش رهي آخر رجنيءَ چيو، "تون سچ پچ منهنجي رسڻ جي پرواهه ڪرين ٿو؟"

"ضرور"

"نه پوءِ ٻڌاءِ اهي ڇوڪريءَ جو نالو ڇا آهي؟"

مهمانن ۾ ڪيتريون راجڪماريون ۽ اڇيون هيون ٺهڪري هوءَ نالو ڄاڻڻ لاءِ تمام منتظر ٿي.

"نالو ٻڌي ڇا ڪنديئن؟"

رجنيءَ کي جيءَ ۾ آيو چوانس، "اهيءَ لاءِ جو مان

جي شروعات توکي ئي ڪرڻي پوندي. تون رجنيءَ
سان گڏ پروگرام جي شروعات ڪج."

"ائين ڇو دادا؟" رجنيءَ پڇيو.

"منهنجي پياري ڌيءَ، مريادا ۽ ششن جي خيال
کان اهوئي سٺو ٿيندو. تون راجڪماري اڄوڪي
جلسي جي ميزبان آهين! اهڙي ڪري تنهنجو پهرين
ڊانس ۾ هئڻ ضروري آهي ۽ تو سان گڏ هوندو
دليپ ڪمار؟"

دليپ هٻڪندي چيو، "پر مون ٻئي ڪنهن سان
واعدو ڪري ڇڏيو آهي."

رجني ڪجهه اداس ٿي ويئي. راجا صاحب ڪجهه
ناراض ٿيو. هن جي دلي مراد هئي ته سنسار سمجهي
۽ اهڙيءَ ڳالهه کان واقف ٿئي ته هنن ٻنهي جو پاڻ ۾
پيار آهي.

هن چيو، "دليپ مان توکي مجبور ڪونه ڪندس
پر منهنجي اها مرضي آهي. ڇا تون منهنجي اها اڇا
پوري نه ڪندين؟"

دليپ لاجواب ٿي ويو. هن کي لاچار قبول ڪرڻو
ٿي پيو. راجا صاحب خوش ٿي هليو ويو.

پر رجني رسي ويئي.

دليپ کيس چيو، "راجڪماري، ڇا تون ناراض
ٿي وئينءَ؟"

جوليءَ کي چيو، ”جولي، تون هاڻي ڊانس نه مون
سان ڪندين نه؟“

پهرين ڊانس پارٽيءَ کان پوءِ لوليءَ جي ٽئي
ٿي. اها گهڻو ڪري جوڙن ۾ ٿي ڪئي ويندي آهي
۽ ڪيترائي جوڙا هڪئي هڪ ڊانس ۾ شامل ٿي
ٿيندا آهن. هر ڪنهن جلسي ۾ ۵ يا ٦ اهڙا ناچ رکيل
هوندا آهن.

جوليءَ ڊيڪ جو سوال ٻڌي ماٺ ۾ رهي. ڪيس
لڄ اچي وئي ۽ ڳاڙهي ٿي وئي، خوشيءَ سبب سندس
سنهن چپ ڏڪڻ لڳس ۽ اکيون ازخود هيٺ ٿي ويس.

”سچ، جولي مولڪي هيءَ انگلش ناچ اصل پسند
ڪرڻي، پر ڇا ڪجي، موقعي موقعي جي مهما پنهنجي
آهي سو جيئي تون مون سان ڊانس ڪرڻ قبول
ڪرين ته......“

جولي ڪجهه اچڻ ٿي چاهيو پر شرم کان هڪ اکر به
چئي نه سگهي، صرف هڪ دفعو شرميلي نگاهن سان
ڏانهس نهاريندي جڻ ته قبوليت ڏنائين. جوليءَ جي
نگاهن سندس سوال جو جواب ڏنو. اهو ڏسي ڊيڪ
بيحد خوش ٿيو.

انهيءَ ڏينهن شام جو جڏهين ڊيڪ وجهيءَ سان گڏ
وٺو هو، ته راجيندر اچي اکتو. ڊيڪ کي ڏسي
چيائين، ”ڊيڪ مان اوهانجي تلاش ۾ هوس. پڪ، ٿرتيه

۽ لوڻ جي نہ سگهيا ٿي ڄاڻن ۽ ٻار ٻارڙيءَ ڪلا ۽ سنگيت
۾ فقط ٻہ-ارڙي ٻار ٻهڙي ٽڪ سيکارڻ جو بندوبست
ڪري ڏنائين. جنهن ۾ جوڙيءَ کي ۽ رڄڻيءَ جي ٻڙڪ
ڪري سمجهيو وڃڻ هو تہ ڪري هنن کي ۽ هر قسم
جي سگهيا ملي. راجا صاحب پاڻ بہ خاص گهڻو پئسو
وڪڻڻواري ڪولہ هو. ڪيس ڏيءَ سان پيار ضرور هو.
البت سندس وهنوار ڪيس لواس ڪيو هو. جوڙيءَ جي
سياڻپ نہ ڪيس موهي وڌو هو.

هڪ ڏينهن راجا صاحب وڏي پارٽي ڪئي. پارٽيءَ
لي راڳ ۽ ناچ جو بہ بندوبست ٿيل هو. موقعو اهڙو
هو. مڙهو ٻاهر جو جاگيردار ڳال سميت اچي رهيو هو
۽ ٻرالت جي گورنر بہ پنهنجي پتني سميت شرڪت
اچڻ قبول ڪيو هو.

اهي ڪان وڏي اهميت وارو ڪهڙو موقعو لي ٿي
سگهيو! راڄ محل خوب سينگاريو ويو. مڙني ڏوستن
۽ مٽن مائٽن کي اولو موڪليو ويو.

گورنر صاحب گورو هو. جنهن ڪري انگريزي
ناچ جو بہ بندوبست ڪيو ويو هو. محل جي سڀ کان
وڏي ۽ عاليشان ڪمري ۾ اهو بندوبست رکيو ويو.
سڀ ماڻهو اهي ڏينهن جو انتظار ۾ هئا ۽ خاص ڪري
رڄڻي راجڪماري!

مجلس ڪان صرف هڪ ڏينهن اڳ موقعو وٺي ڊاڪ

هن چيو، "مان هڪ دفعو وري به معافي ٿو گهران رجني! توهنجو واڳ ٿهاپس دور دل ۾ دل گهائيندڙ هو."

"ٿو ڪي وٺيو؟" منتظر ٿي رجني پڇيو.

"ٿامر!" الساه سان دليپ جواب ڏنو.

"اها منهنجي خوشقسمتي آهي." ۽ رجني آنند وچان جهرڻ لڳي.

ان وقت هوءَ ٿهاپس سهڻي ٿي لڳي، ڳلن تي لالاڻ چانڊجي وئي هئس ۽ اندر ۾ عجيب آنند هوس. ڪشش ڪندڙ مسڪراهٽ چپن تي ناچ ڪري رهي هيس. دليپ ٻاڙ وساري منڊ تي ڪيس ڏسي رهيو هو، ته اوچتو سندس اکيون رجني جوليءَ جي اکين سان مليون. ڪيترو نه درد سمايل هو انهن نگاهن ۾! ۽ ڪيتري نه حيرت هئي انهن آب ڪٽورن ۾!!

دليپ جون نگاهون هڪدم جهڪي ويون.

رجني انهيءَ حادثي کان بيخبر رهي. هوءَ پنهنجي ئي ويچارن ۾ مگن هئي، "مون اڄ دليپ کي خوش ڪيو آهي. مون ڏٺي آهي سندس اکين ۾ وچتر روشني! ڇا اڄا به مان ڪيس نه جيتي سگهندس؟"

* * *

راجا صاحب پراڻن ويچارن جو ڪٽر هو ۽ لکو وري 'مانورن' سيتا جو پوڄاري هو. هن ٢٠ صديءَ جون سڀ ڳالهيون رجنيءَ کي سيکاريون. 'رائيدا-گر'

راڻي جي دل پٿر جي سخت ٿي ۽ ڪنهن خيس
ڳالهه اِي نه."

فيصلو آخر دليپ جي خلاف ٿيو. تنهن ڪري دليپ کي رجنيءَ کان معافي وٺڻي پيئي. پس رجني ڦري پيئي.

دليپ چيو، "ڇا هاڻي تون ڳالهائيندينءَ نه؟"

رجني وچين پيالي لئي وڌي. سندس ٻکيون ۽ سهڻيون آڱريون پيالي جي سفيد ٻوڙن تي لڙڪ لڳيون. دليپ ٽڪ ٽڪي نهاريندو رهيو.

پوءِ آهستي آهستي رجنيءَ ڳالهائڻ شروع ڪيو. سندس دل ۾ دليپ لاءِ پيار اڀري ٿي هو. باقي ۽ جو دليپ نماڻو ٿي کانئس معافي گهري هئي تنهن سندس دل تي گهرو اثر ڪيو هو. هوءَ مڪمل ئي دل سان آواز ۾ گيت ڳائڻ لڳي.

ان وقت سندس آواز ۾ اهڙو سوز هو جو دليپ جون اکيون ڀرجي آيون. هن محبت جا ٽانڊا ڇڙيا ۽ اناڙي ناوار جي پڪار سندر گيت ۾ هئي. دليپ جي دل مچلي اٿي ۽ هو بيخود ٿي ويو. اهڙيءَ حالت ۾ هن اٿلڪي ٽمڪي ۾ جوليءَ ڏانهن نهاريو ۽ وري سڄي ۾ سمائجي ويو.

سنگيت ۾ ڇا نه جادو آهي!

رات پورو ٿيو. دليپ جو اندر ۾ تيان سماڃ ٿيو.

"مولڪي تنهنجون هي عجيب ڳالهيون سمجهه ۾ نه ٿيون اچن."

"ائين ڇو؟" ڪئپٽن سان وجيءَ پڇيو.

جواب ۾ ڊيڪ ڪاغذ لکيو.

"تنهنجي انهن ڪاغذ سان مان واقف نه ٿيندس، توکي ٻڌائڻو ٿي پوندو."

اهو ٻڌي ڊيڪ ڪئپٽن سان چيو.

"تون منهنجو جواب ٻڌي سگهندين؟"

"وڏيءَ دل سان"

"نه ٻڌ! سوز ڀرئي سنگيت لاءِ سوز ڀريءَ دل جو هئڻ لازمي آهي. درد ڀرئي گيت لاءِ ڪومل ۽ ڀاوناميه هردو هئڻ ضروري آهي. ڇا اهڙي دل تو وٽ آهي؟"

"يعني تنهنجو مطلب آهي ته مان ڪومل نه، پر پٿر دل آهيان؟" وجيءَ شوخيءَ مان چيو، ڊيڪ ان سڌي حملي لاءِ تيار نه هو. هو پاڻي پاڻي ٿي ويو. عين ان وقت ڪمري ۾ جوليءَ قدم رکيو.

ڊيڪ کي ڄڻ مددگار ملي ويو. کيس ڏسي ڊيڪ چيو، "جولي، مان هڪ عجيب الجهن ۾ ڦاسي ويو آهيان. مون وجيءَ اڳيان پنهنجو هڪ وچار رکيو آهي. پر هوءَ ان تان ناراض ٿي وئي آهي. هاڻي تون منهن جي مدد ڪر."

جوليءَ ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي چيو، "وجئي

جلسا ۾ ڪندو هو.

* * *

راجڪماريءَ کي آئي سال ۾ گذري ويو ۽ پر
راجڪمار کي اڃا تائين اها خبر نه پئجي سگهي ته
دليپ رجنيءَ کي پيار ڪري ٿو يا نه؟ رجنيءَ جو دليپ
سان نينهن آهي، اها ڪيس پڪ ٿي وئي ها رجنيءَ ته
اڃا تائين ڪنهن به طرح پيار جو اظهار نه ڪيو هو. هوءَ
مغرور ۽ هٺيلي هئي. سندس ويچار هو ته دليپ پاڻ
پنهنجي پيار جو اظهار ڪري.

غرور سندس اکين تي ڪوها چاڙهي ڇڏيا هئا
تنهنڪري هوشيار ۽ چالاڪ هوندي به، هوءَ هيل تائين
دليپ جي دل ۾ سندس ڀاونائن کي سمجهڻ ۾
ڪامياب نه ٿي هئي. دليپ هن لاءِ ڄڻ هڪ پرولي
هو ۽ هوءَ ان پروليءَ کي سلجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش
ڪري رهي هئي.

هڪ ڏينهن ڪو اهڙو موقعو پئجي آيو.

دليپ چيو، "پڌو الم ٿيون ڏاڍو سٺو ڳائيندي
آهين رجني. اڄ هڪ راڳ ته ٻڌاءِ."

"ڪهڙي قسم جو راڳ توکي وڻندو آهي؟ وار وس
سان پرال جهڙڪي پڌي تنهنجي خون ۾ جنبش اچي
وڃي يا پيار وس سان ڀريل، جهڙڪي ٻڌڻ سان تنهن
جي دل رقص ڪرڻ شروع ڪري."

راجيندر وڌيڪ ٻاڦ روڪي نه سگهيو، اُمالڪ چئي ڏنائين، ”رجني تو ۾ نه ماءُ جهڙي ڪا به ڳالهه ڪانهي. هن جهڙو نه تهنجو سڀاءُ آهي ۽ نه خيالات، سندس لاءِ تهنجي دل ۾ ڪا به ڪومل ڀاونا به ڪونهي؟“

”دادا هنن ذرڙن ذرڙن ڳالهين لاءِ ڀلا ڪهڙا ’سينٽيمينٽس‘ (Sentiments) ليندا؟“ هن ذرا ٺنڍيءَ وچان چيو.

راجيندر کي جڏ اهڙو چيو ۽ هو ماٺ ٿي ويو.

موٽندي رجنيءَ دل ۾ پڪو ارادو ڪيو ته آئينده جولي ٿي ساڻس گڏ وڃي نه سگهو. جولي اهڙيءَ قسم جي ڇوڪري هئي. باقي کيس راجيندر جي ڳالهين ۾ ڪا به دلچسپي نٿي لڳي. هوءَ سوچڻ لڳي، ”راجيندر ۽ جوليءَ جا خيال ملن ٿا. باقي مون لاءِ ته ڏاپڪ ٿي سيڪجهه آهي.“

تنهنڪري اٿي پيري جڏهن راجيندر سندس سڀاءُ پرکڻ لاءِ، کيس گڏ هلڻ لاءِ چيو ته هن ٻهانو ٺاهي ساڻس گڏ وڃڻ کان ٽاري ڇڏيو.

* * *

رجني ناچ ۽ راڳ جي ايڏي شوقين هئي. سندس ”بالس“ سکڻ جو اهو شوق ته راجيندر پورو ڪيو، ۽ رجنيءَ جي زور ڀرڻ تي، سندس دل رکڻ لاءِ، راجيندر

سندس اکيون نير سان ڀرجي ويون. کيس ميدا جي ياد ستائڻ لڳي.

چانهه ڏيندي رجنيءَ لفرصت وچان چيو، "ڇا هن هيڏريءَ جڳهه ۾ منهنجي ماءُ رهندي هئي؟"

"ها" راجيندر مختصر جواب ڏنو.

"هن روايتي جڳهه کي مان تيرٿ آستان ڪيئن ڪري سمجهنديس؟" سندس جواب ٻڌي راجيندر ڇرڪ پريو. سندس دل کي گهڙي چوٽ پهتي؛ ۽ هو رجنيءَ لـي نهايت واله ٿيو. هڪ فيصلو ڪيائين ته وري هن ڪڏهن دل ڇوڪريءَ سان سندس ماءُ جي باري ۾ ڳالهه نه ڪندس. تڏهين به الائي ڇو از خود پڇي ويٺس، "ڏيءَ ڇا توکي ماءُ جي باري ۾ ڪجهه به ڄاڻڻ جي چاهنا ڪانهي؟"

"نه دادا. هڪ ته مونکي سندس ڪا يادگيري ڪانهي. ٻيو ته هيءَ دکدائڪ واقعا جيترو جلد وسرن اوترو چڱو."

"هيءَ سچ پچ پٿر دل آهي؟" اهو ويچار ڪندي هو باغ ۾ گهڙيا. اتي هڪ ڪنڊ ۾ گلاب جي گلن جو ٻوٽو ڏسي هن ٻيخود ٿي هڪ سهڻو گل چونڊي رجنيءَ کي چيو، "هيءَ ٻوٽو مون ۽ تنهنجي ماءُ گڏجي لڳايو هو. توکي هيءَ وڻيو؟"

"مونکي وڻي ٿو پر هن ۾ ڪا خاص ڳالهه نه ڪانهي."

نہ ڪرمل ۽ اوچ آهي!

* * *

ڪجهہ ڏينهن بعد رجني ۽ راجيندر گهوڙن تي سوار ٿي وڃي رهيا هئا. رستي تي راجيندر چيو، "رجني خبر اٿئي نہ مان توکي ڪٿي ٿو وٺي هلان؟ اهو آستان تي جو تولاءِ پيار ۽ پريت سمان آهي."

"منهنجي لاءِ ڪاڻ جڳهہ پيار پريت سمان ڪونهي موکي نڪاڻ ۽ پيرلن ۾ ڪوڙ وشواس ڪونهي." ۽ هوءَ کلڻ لڳي.

سندس اهي وقتائتي ڳالهہ راجيندر جي دل کي صدمو پهچايو. هو ڪجهين ۾ هن وري چيو، "پر ڪڏهن لاءِ ڪٿي پيار نہ ۽ هجي، هو تولاءِ مها پيار آهي. تون اوڏانهن ڏسين هلين جتي منهنجي ماتا رهندي هئي."

ليڪن هن دفعي بہ راجيندر ڪي تراس اٿو پيو. انهن لفظن جو جيڪو اثر ٿيڻ کپندو هو سو رجنيءَ تي نہ ٿيو. بس پوءِ وري سڄي رستي تي هن اکر بہ نہ ٻوليو.

رجنيءَ دل ۾ اهو ٿي سوچيو، "هرو ڀرو موکي چوڻ دادا الي وٺي هلي. خبر ناهي سندس ڪهڙي مرضي آهي؟"

دروازي وٽ لهي، راجيندر جيئن گهوڙو ٻڌو نہ

راجيندر ڏاڍي سوچ ۾ پئجي ويو ته اهو ڪيئن ٿيو جو هيءَ ميدا سان ڪافي مشابهت لڳي رکي. هن ۾ شوخي هٺ ۽ غرور ڪٿان آيو؟ ميدا ڪيڏي نه فراخدل هئي! ۽ رجنيءَ جي ته ڳالهائڻ ۾ به شوخي ۽ مغروري آهي.

اهي ويچار ڪندي هو وڃي دريءَ اڳيان بيٺو. اندري ۾ دل ۾ هلڪو ٿڙڪو ٿيو.

"اندر اچ نه"

۽ اندر جونيءَ کي گهڙندو ڏسي راجيندر کي عجب لڳو. جوني آهستي آهستي، هٽڪندي لڄ ۾ لعل ٿيندي ونس آئي.

پنهنجو هٿ البت هيٺ جهڪائيندي حياءَ وچان چيائين، "مان پنا ڪرڻ جي لکي آئي آهيان تنهن لاءِ معاف ڪجو. ممي مونکي سڀ ٻڌايو آهي. توهين ڪيڏا نه فراخدل آهيو! توهان جي شڪرگذاري ڪرڻ لاءِ منتظر ٿي رهي هيس اهي ڪري ٿي آئي آهيان."

* * *

ڪيڏو نه مٺو هو سندس آواز! راجيندر جي ڪنن ۾ ڄڻ ڪنهن ساز جو آلاپ وڄي رهيو هو جڏهن جوني وڃي هلي، تڏهين به سندس اکر راجيندر جي ڪنن ۾ پئي لڳا. هو سوچڻ لڳو ته، "جوني ڪهڙي نه پياري پياري سندر ۽ مٺي سڀاءَ واري آهي. سندس دل ڪيتري

"خوش ٿيو نه هيس. ٻيو اڄوڪي زندگي البت ايڏي ؟ اي مزي هئي." رجني وراڻيو.

"ٺس ڏيءُ! ڪپڙا ، مٺايا وغيره جيڪي ڪجهه کپيئي سو سڀ پلي خريد ڪر. اهو سڀ خرچ مان ڪندس. توکي پنهنجي کيسي خرچي جدا ملندي. ۽ توکي جيڪڏهن ڪنهن به ڳالهه ۾ امداد ٻوي، جي صلاح کپي ته ڪنهن ماءُ سمجهي ڪانئس پڇي صلاح وٺ."

"تنهنجي صلاح جي ڪهڙي ضرورت آهي بابا! هوءَ نه هاڻي پيري ئي وڃي آهي. هنکي اڄ ڪلهه جي فيشن جي ڪابه خبر ڪانهي."

رجنيءَ جي انهي جواب راجيندر جا طاق ٿي لڳائي ڇڏيا. پر هن ٻاهران ان ڳالهه جي ڪابه ڏيکاري نه ڏيندي چيو، "خير جيئن توکي ٺيڪ لڳي تيئن ڪر پر هڪ ڳالهه ڪڏهن به نه وسارج ته جيڪا به شيءِ يا ڪپڙو لٽو پنهنجي لاءِ وٺين سا جوتيءَ لاءِ به ضرور وٺج. هوءَ تنهنجي پيءُ ٿي آهي. ڏاڍي سڀاجهڙي ڇوڪري آهي."

رجنيءَ جو منهن ٽامڙي هٿي ويو. ڪجهه ترسي چيائين، "دادا، ٻيو به ڪجهه چوڻو اٿو؟ موکي واليبال لاءِ وڃڻو آهي."

پر راجيندر صرف ڪنڌ سان ناڪار ڪئي ۽ هوءَ هلي وئي.

هو جهڙيڪي ڏسي هوءَ ڦولي نه سمائي. راجيندر اندرا ديويءَ کي ڇٽي ڇڏيو هو ته هيل ٿائين جيئن وڃني ۽ جولي پنهنجون والکو ٻيئون اپنيون آهن ليڪن هيمشه به اٿين لي رهنديون ۽ مان به جوليءَ کي ڌيءَ والڪو لي ڪري سمجهندس.

* * *

هڪ ڏينهن راجيندر وڃيءَ کي ٻاڪ وٽ اڪيلو سڏايو. اهو پهريون لي دفعو هو جو ٻيءَ ۽ ڌيءَ ٻاڪ ۾ اڪيلا لي ڪڏيا. ڪيس ايندو ڏسي راجيندر چيو، ”خبر اٿيئي اڄ مون لوڪي ڇو ڪهرايو آهي؟“

”نه دادا“

”توهان هت مزي ۾ آهيو؟“

”تمام مزي ۾“

”ڌيءَ، مونکي اهوئي کپي ته توهان سدا خوش رهيو. تنهنجي لاءِ مون ڪافي پئسا رکي ڇڏيا آهن. جيئن وٽيئي ليئن خرچ ڪاءِ، پر توهان اڃا ننڍي آهيو انهڪري اجايو فضول خرچ نه ڪج. منهنجي دلي چاهنا آهي ته لوڪي اهڙو خوش ڏسان.“

”ها دادا، مان هت ته اهڙو خوش آهيان. توهين ڪو اونو نه ڪريو.“

”چو، توهان اندرا ديويءَ وٽ خوش ڪونه هئين ڇا؟“ راجيندر انتظار پرڻي لهجي ۾ سوال ڪيو.

"منهنجو پيءُ ڪهڙو نه نيڪ انسان آهي" جوليءَ هڪ موقعي تي رجنيءَ کي چيو، "ماڻ، نه منهنجي دولت سان، ۽ نه منهنجي قسمت سان وس تي ڪريان؛ پر اهڙي پتا حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي وشڪ ضرور ڀاڳي رهڻو آهي. جيڪڏهن هو منهنجو پيءُ هجي ها ته، ماڻ جنم ڀر سندس پوڄا ڪندي رهان ها."

"شوق سان هيئن ٿا ڪري سگهين!، ماڻ پرو نه سمجهنديس."

اهڙي نموني انهي ۾ ڪيترن قسمن جون ڳالهيون ۽ ڪيترن افسانن بابت چرچا ٿيندي رهي. پر ڪڏهن به ڊاڪٽر جي باري ۾ چرچا نه ٿي هئي. فقط هڪ ڏينهن جوليءَ رجنيءَ کان پڇيو هو، "ڊاڪٽر منهنجي پتا جو ڪو مالڪ آهي ڇا؟"

رجنيءَ کيس جواب ۾ چيو، "نه، سندس دوست جو پٽ آهي."

"ڏاڍو سٺو انسان آهي." جوليءَ چيو.

بس وڌيڪ ڳالهه جو سلسلو نه هليو. ڇو جو جوليءَ رجنيءَ جي منهن جو ڀاءُ ڏسي وڌيڪ ڳالهه ڇيڙڻ ٺيڪ نه سمجهيو.

* * *

محلات ۾ ٿئي لاءِ ٽي ڪمرا سٺيءَ طرح سجايا ويا هئا. پر رجنيءَ جو ڪمرو خاص ئي لڳ سان سينگاريل

---

ڪي وڌيڪ سوال پڇي. ۽ ڪجھ سوچي هن پاڻ کي روڪيو. هن جي دلي مراد اها هئي ته جيڪر ديپڪ جو سندس ڏيءَ رجني سان وراهه لڳي. ليڪن اڃان تائين هن اهڙو ويچار ديپڪ اڳيان ظاهر ڪونه ڪيو هو. سندس خواهش هئي ته ٻنهي ۾ اُرو ۽ ٻير پيدا ٿئي، هڪ ٻئي ڏانهن ڪجھ ڪشش محسوس ڪن ته پوءِ پنهنجي راهه ڏئي، ۽ ٻنهي ۾ محبت لئي ويندي انجي الاجي جو ڪيس پڪ هئي.

هنجي ويچار ۾ ڪنهن نوجوان ۽ خاص ڪري ديپڪ جهڙي خوش مزاج جوان جي، رجني جهڙي نوجوان حسينا سان محبت جي پيدن ۾ پڏجڻ مشڪل ڳالهه ڪانه هئي. ۽ راجيندر جي ويچار موجب ان ڳالهه لاءِ وقت جي ضرورت هئي. عجيب منطق آهي انسان جو! ڀلا وقت ۽ پريم جو پاڻ ۾ ڪهڙو سنبنڌ؟ جي پريم جو پيچ پوي ته پل ۾، نه ته سال به گذري وڃن!

راجيندر جڏهين ڏٺو ته ٻئي هڪ ٻئي صحبت ۾ گهڻو وقت لاڳيتا گهارين ٿا، ڪيس بيحد خوشي ٿيندي هئي. رجني گهوڙي سواري سکڻ جو شوق ڏيکاريو ۽ سو به ديپڪ کان سکڻ جو. پڙهڻ چاهيو سو به ديپڪ کان مدد وٺڻ جي خيال کان، راجيندر هي سڀ ڏسي بيحد خوش ٿيندو هو، ۽ ڪڇندو اصل به ڪونه هو

* * *

وچ ۾ ئي سوال ڪيو.

”ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي.“

اهو جواب ٻڌي راجيندر دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو.

”۽ جواني؟“

”اها ٻه سندر آهي. ٻنهي جي ڀيٽ ڪرڻ مشڪل آهي. گهٽ ۾ گهٽ مان ته ڪونه ڪري سگهندس. جيڪڏهين مونکي ڪو ديوتا راضي ٿي امرت ڏئي ۽ چوي ته هنن ٻنهي مان جيڪا وڌيڪ سندر هجي اها کي ڏي، ته مان جيڪر ٻنهي کي اڌو اڌ ڪري ورهائي ڏيان.“ ديپڪ وراڻيو.

”چڱو، ڪنوراج هڪ ڳالهه ٻڌاءِ، رجني جي شڪل موهڻي لڳي ٿي؟“

”نه اصل نه، شايد ماءُ وانگر آهي. سندس ماءُ ڪيئن هئي؟“

”تمام سندر! هوءَ سشيل، لڄاري ۽ سادگي پسند عورت هئي. پر رجني ڪنهن ٻه ڳالهه ۾ ساڻس نٿي ملي. نه هن جهڙيون اکيون، نه روش ۽ نه نمرتا. هيءَ ڏاڍي غرور واري آهي.“

”اهڙو سڀاءُ ته ٺاڪر صاحب جو هو.“ ديپڪ ڪنيري سان جواب ڏنو.

راجيندر جي دل ٿي جيڪر ديپڪ کان اڃان ٻه

۽ گهڻو شڪل ڏسي ڪلندي چيو، "سچ پچ، هوءَ ڪو، راز ڪونه لڪائي رهي آهي."

"ٻلي سکهيتو ۽ ٻر الاهي چيو دادا، مولکي الهن لڳندو آهي ته هر وقت هوءَ ڪنهن ويچار ۾ ٻڏل ٿي رهي."

راجيندر ڪلي چيو، "انهنجو چوڻ صحيح آهي، ڪيس هر وقت پنهنجي گذريل زندگي جي ياد اچي رهي آهي. باقي هوءَ ڪڇهارت ڀريل عورت نه ٿي لڳي سکهي."

"هوءَ ڪيستائين هتي رهندي؟" اهو سوال پڇندي ڊيڪ جي آواز ۾ اڻلکي لرزش اچي وئي هئي جيڪڏهن ڪو ٻيو انسان هجي ها ته هڪدم اها ڳالهه تاڙي وٺي ها.

"جيستائين مان ڪيس همت رکڻ لاءِ راضي ڪري سگهندس. ۽ رجني جي شاديءَ تائين ته اوس هنکي همت رکڻو پوندو."

"رجني جي شادي! مولکي نه شڪ آهي ته هوءَ ڪو جلدي شادي ڪرڻ لاءِ رضامند ليندي."

"ڇو؟" راجيندر اساه مان سوال ڪيو.

"هوءَ سولائي سان راضي ٿيڻ واري ڇوڪري ناهي. هيءَ ٻه ٻين خوبصورت ڇوڪرين وانگر......"

"ڇا تون ڪيس سٺو سمجهندو آهين؟" راجيندر .

۽ گهمي رهيا هئا. پوءِ ڪندي ديپڪ راجيندر کي
چيو،

"دادا، مونکي اندرا ديوي هڪ پرولي پيئي لڳي."

"ڇو؟ ديپڪ تنهنجو اهو وائو ڇو آهي؟ مونکي ته ڪا اهڙي ڳالهه منجهس نظر نٿي اچي. وچاري ڏکن ڏٺي آهي. اليئي ته ڏاڍي وڏي خاندان مان. ڪنهن وقت شاهوڪاريءَ ۾ ماڻهو منجهس حسد ڪندا هئا. پر شل نه ڪنهن جي قسمت ڦٽي. وچاري سڀ ڪجهه وڃائي ويٺي."

"سڀ ڪجهه نه دادا، هڪ رتن وٽس اڃا به موجود آهي؛ اها آهي سندس ڪڪي جولي!"

هڪ مدت لاءِ راجيندر حيران ٿي ويو. پر هڪدم پاڻ سنڀالي چيائين، "برابر تون ٺيڪ ٿو چوين. جولي سندر ۽ سشيل ڇوڪري آهي، سندس ڳالهائڻ ۽ هلت چلت ۾ عجيب ڪشش آهي. حقيقت ۾ هڪ انمول لعل آهي. پر تو منهنجي سوال جو جواب ڪونه ڏنو، توکي اندرا ديوي ڇو ٿي پرولي پاسي؟"

"دادا ائين لڳندو آهي ڄڻ ته هوءَ ڪو راز لڪائي رهي آهي. ۽ اداس به لڳندي آهي." گمڀيرتا سان ديپڪ وراڻيو.

"تون اڄ ڪلهه ڪو طلسمي يا جاسوسي قصو ته ڪونه پڙهي رهيو آهين؟" راجيندر سندس ڳالهه ٻڌي

سلڻ هلڻ لڳو. سندس ٻانهن ڏاڍڪ ۾ هلڻ لڳو. هٿن ٽن استرين کي گاڏيءَ مان هيٺ لهندو ڏٺو. هڪ وڏي اوسٽا جي ۽ ٻه ننڍيون نينگريون انڪل ١٤، ١٥ ورهين جون ٿي لڳيون. ٻئي ڄڻيون قدبت ۾ هڪجهڙيون ٿي لڳيون.

راجيندر جي من ۾ هلچل مچي ويئي.

ننڍي کيس ڏسندي "مُسڪي" ڪئي. راجيندر ائين ٿيو هو ڄڻ نه ڪو ٿڌو جو اولو هجي.

رجني ڏانهن اشارو ڪندي اندرا ديويءَ چيو.

"شرمان، هيءَ نوڪراڻي ڪٿي آهي، جا اوهين مون کي سواڳ ويا هئا جڏهن جو ٻالو ٻار وڃان مون واٽ مان ڦيرائي رجني رکيو آهي."

راجيندر اُساه وڃان اڪتي وڏي رجني کي ڳلي لڳائيندي چيو، "منهنجي منڙي راڻي!" ٻيو وڌيڪ هو ڪڇي نه سگهيو.

ڌيءَ ماءُ کي حاصل ڪري آنند ۾ هئي ۽ ٻيءَ ڌيءَ کي ٻاڪي آسون وهائي رهيو هو...

اندرا ديوي خوشيءَ ۽ عجب مان ماءُ ۽ ڌيءَ جو وچتر ميلاپ ڏسي رهي هئي. ٻهاري جوڙي هڪ ڪنڊ ۾ بيٺي راجيندر ۽ رجني کي ڏسي رهي هئي.

* * *

ڇهن مهينن بعد هڪ ڏينهن راجيندر ۽ ڏاڍڪ ٻاغ

سي ڪيترا دفعا خيال آيو هو ته راجا مهيندر جي اجازت سان ڪيس ڪڍي گهرڻ جو پڪ ڪري، پر مالڪ جي ڪجهه ٻيو منظور هو. انهيءَ وچ ۾ منورما راهه رهائي ڏسي وٺي. دلپڪ راجيندر کي ٻيا سمان پيارو هو. ڪيس جڏهن به فرصت ملندي هئي ته ٻنس اچي رهندو هو ۽ راجيندر کي ڪم ۾ مدد ڪندو هو.

راجيندر سڄي محلات کي سينگارڻ جو حڪم ڏنو جلدي راجڪماريءَ جي اچڻ جي خبر چوگرد پکڙجي وئي. سڀ ماڻهو راجڪماري کي ڏسڻ لاءِ منتظر هئا سندس سواگت ڪرڻ لاءِ انتظار ڪرڻ لڳا.

نيٺ راجڪماريءَ جي اچڻ جو ڏينهن به اچي پهتو!

راجيندر محل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويچار ۾ مگن ويٺو هو. سندس سامهون پٽ تي ميدا ۽ منورما جا فوٽا رکيا پيا هئا. هو ان وقت پنهنجي ڏيءَ جو ويچار ڪري رهيو هو ته هوءَ ڪهڙي هوندي؟ ڇا هوءَ ميدا جهڙي ئي سهڻي موهيندڙ ۽ سشيل هوندي؟

اوچتو دلپڪ اچي سندس ڌيان ۾ رخنو وڌو. ڪهڙ شرط چيائين، ”دادا، هو اچي ويون آهن، گاڏي ڦاٽڪ اندر به گهڙي آهي.“

راجيندر ماٺ ميٺ ۾ اٿي کڙو ٿيو ۽ تمام ڪنهيورا

۽ ٻوڪي اچا ۽ ممي ۾ ڪري ڪوٺيندا هئس. ممي منهنجا
هٿ ڏٺس، کهڙا نه سهڻا ننڍڙا ڪومل آهن، تون نه
هميشه ائين چوندي آهين نه اهي اوچ، خاندان جي
نشاني آهي."

"ها، ڌيءَ، مان ٻوڪي رجني ڪري پڪاريندي
هئس، ڇو جو مولڪي اهو نالو ڏاڍو پيارو آهي، اهو
منهنجي دل- گهريءَ ساهيڙيءَ جو نالو هو. منهنجو
سچو نالو نه راڻي آهي."

اهڙي ۾ ماليءَ جو وقت اچي ويو هو. ٻر رجني
اهڙو نه خوشيءَ ۾ هئي جو هڪ گهڙي به ڪالي نه
سگهي.

* * *

راجا راجيندر ڪافي شاهوڪار ۽ نيڪ انسان هو.
سندس نالو، وڏا وڏا ماڻهو به ڏاڍي عزت سان وٺندا
هئا، هو تمام ڏاترن هو اها ڳالهه چڱي طرح مشهور هئي.
انهيءَ راجا جي ڌيءَ ليلا پاڳن جي ڳالهه هئي.

* * *

جڏهن ڏينهن راجيندر الورا ديويءَ کي خط لکيو،
انهيءَ ڏينهن اچانڪ سندس جگري دوست راجا
مهيندر جو پٽ ديپڪ ڪمار ونس اچي نڪتو. هو
مدورما ۾ راجيندر جو لاڏلو هو. ڏاڍو ڏٺوان ۽ نيڪ
خصلتن وارو نوجوان هو. مدورما جي جهڙي راجيندر

”رجني، انهن چوٽ لوڪي سولهين لٿو.“

”مان جيڪي ٺيڪ سمجهنديس اهو چونديس ۽ ضرور...“

”اڙي جولي! تون روئين ڇو پئي؟“ اندرا ديوي وچ ۾ جوليءَ کي روئندو ڏسي، کيس مخاطب ٿي چيو.

”ممي تو اهو ڇو ٻڌايو ته رجني منهنجي پيٽ ڪالهي،“ جولي سڏڪا ڀريندي چيو؛ ”هيءَ ويندي هلي ته پوءِ مان اڪيلي ڪيئن گذاريندس؟“

”تون ڪا چري آهين،“ پيار وچان ماءُ کيس ڇنڀيندي چيو،

”تو اڄا سچي ڳالهه ڪٿي ٻڌي؟ ٻڌ رجني، هيءَ جو خط آهي سو انهيءَ جوٽي آهي. تنهنجي پتا لوڪي پاڻ وٽ سڏايو آهي. پر لوڪي مٿان منهنجي جدائي سٺائي، انهيءَ ڪري اسانکي ٻه ڪوٺايو اٿس. اسين سڀ گڏ ٿي رهنداسين، سمجهيئه ڌيءَ رجني.“

”سچ ممي!“ جوليءَ کلڻ جي ڪوشش ڪندي چيو؛ ”تڏهين ته رجني مونکان جدا نه ٿيندي نه.“

رجنيءَ جو جيتوڻيڪ جوليءَ ۾ اٿڙو موه ڪونه هو. پر جوليءَ جو رجنيءَ ۾ چڱو ساه هو.

”مان سچ پچ راجا جي ڌيءَ يعني راجڪماري آهيان؟“ رجنيءَ البت ڳراڻيءَ سان چيو، ”ممي، مان

وانگر پاليو آهي؛ اسر حقيقت ۾ توهين ٻئي منهنجون ڌيئرون نہ آهيو. رجني تون منهنجي ڌيءَ ناهين!“

”تنهنجي ڌيءَ مان ڪالهہ آهيان! نہ ممي، ائين نہ ڇئہ!“ ”ڪيئن وڏڪ اڪايان ان ڳالهہ کي؛ منهنجي پياري رجني، اها سچ آهي نہ مون توکي پاليو آهي. پر تون حقيقت ۾ منهنجي ڌيءُ نہ آهين.

تون راجا راجيندر جي راجڪماري آهين، جڏهين تن سالن جي هئينءَ تڏهين هو توکي مون وٽ سونپي ويو هو.“

”راجا راجيندر جي ڌيءَ!“ عجب وچان رجنيءَ اندرا ديويءَ ڏانهن نهاريندي چيو، ”ممي تون مونسان ڇرچا چولي ڪرين؟“

”رجني، مان ڇرچو نہ، پر سچ ٻڌائي رهي آهيان. ان راز کي ٻڌائڻ ۾ مونکي جيڪا، پيڙا ٿي رهي آهي، اها مونکي ئي خبر آهي. ٻڌ، تنهنجي پتا هڪ شادي ڪئي هئي پر ڪن سببن ڪري ڪجهہ وقت لاءِ اها شادي ڳجهہ رکڻ ٿي چاهيائين.“

اندرا ديويءَ جي ڳالهہ ٻڌي رجنيءَ ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو پر هُن کيس ماٺ ڪرڻ جو اشارو ڪيو.

پوءِ اندرا کيس سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي.

”اها منهنجي ماءُ جي ڇوڪ هئي. کيس شادي لڪل نہ رکڻ کپندي هئي.“

ٿي ٻاراڻن ٿيون. هوءَ ڪجهه سوچڻ لڳي ۽ ٻڙ ٻڙ ڪندي چوڻ لڳي، "مون جهڙي ويچاري آهي اهڙي نوڪ آهي."

اوچتو رجني جي ٽهڪن سندس ويچارن ۾ ڀنگ وجهي ڇڏيو. کيس ياد آيو ته اهو خط اڃا ته سندس هٿ ۾ موجود آهي. هن سڏ ڪيو. "جوئي ؟ رجني هيڏانهن اچ."

هوءَ وري اچي ڪرسي تي ويٺي. اوچتو سندس چهرو ڪنهن ڊپ کان مرجهائجي ويو.

"ممي، ڇا ڳالهه ڪهڙو ڪم اٿيئي؟" رجنيءَ سندس ويجهو ايندي چيو.

رجنيءَ جو آواز ٻڌي، الڊوا ڊيوي پاڻ سنڀاليندي چيو، "ٻڌايانءِ ٿي ڌيءَ. هيئن اُتاولي نه ٿيءُ، مان جيڪي هينئر چوندس ان جو لاڳاپو اسان سڀني سان آهي ۽ خاص ڪري رجني توسان."

"واهه ممي! تڏهين مون لاءِ ته ڪا خاص ڳالهه آهي" رجني اُمنگ ۾ ايندي چيو. پر ماءُ جي گمڀيرتا ۽ اداسائيءَ کيس چوٽ پهچائي.

"مون توهان کان هڪ راز لڪائي رکيو هو. انهيءَ ڪري جو ان ڳجهه کي ٻڌائڻ ڪري اسان سڀني جي خوشي ۾ رنڊڪ ٿي پيئي. ان راز جو لاڳاپو توسان آهي ڌيءَ رجني. مون اوهان ٻنهي کي ٻڌائجن سگهين ڌيئڻ

ٻُٽجي ويا هئس ۽ وار به اڳ وانگر اڇا ٿي ويا هئس.

سندس سهڻين اکين مان غم لياڪا پئي پاتا. ڪيس هن جي اچڻ جي سُڌ نه پيئي. جولي آهستي آهستي سندس ڀرسان وڃي سندس اکيون ڍڪي بند ڪيون.

”منهنجي منڙي ڏيءَ جولي ...“ ائين چئي الدرا ڌيري جوليءَ جا هٿ ڍڪي پري ڪيا.

”ممي، تو لاءِ سڀ کان وڏي خوشي ڪهڙي ٿيندي؟“

هڪ ڊگهو ساهه کڻندي الدرا ڌيري چيو، ”منهنجو پُٽ!“

”نه ممي، ائين نه چئو.“ روئڻهارڪي ٿي جولي آهستي چيو؛

”هي ڏس هڪ خط لکنوءَ مان آيو آهي.“ رجهي ڪيس خط ڏيندي چيو، ”ممي ڇا اسان جو ڪوئي مٽ مائٽ رهندو آهي ڇا؟“

الدرا ڪجهه به جواب نه ڏيئي ماٺ ميٺ ۾ خط ورتو ۽ خط وٺڻ وقت سندس هٿ ڏڪي رهيو هو. هن خط ڏسي ڍڪي هيٺ رکيو ۽ پنهنجي جڻين کي واند ڪرڻ لاءِ چيائين. جڏهن ٻئي جڻيون وري ٻاهر هليون ويون تڏهن هن خط کولي پڙهيو.

خط پڙهي هوءَ اٿي اچي دريءَ وٽ بيٺي. سامهون لهار پالين نه ڏ تاڻين پٺي ٻيڙيون نديءَ ڪناري ڳالهين ۾ مگن هيون. هوءَ هڪ ٽڪ ڏانهنس لهارڻ لڳي. ڪيس

مان جيڪر انگريس ٿيان! ڪيڏو نه لطف آهي ان زندگيءَ ۾!"

"توکي ممّيءَ جو خيال ڪونهي رجني؟ اُهنجون هيءَ ڳالهيون ٻڌي هوءَ ڪيڏو نه ڏکي ٿيندي."

"ممّيءَ جي اون آهي جو نه، ٻار سڄي عمر ته ساڻس گڏ ڪونه رهندو. جولي، ڇا تون ڪڏهن به پيار يا شادي جي باري ۾ ويچار ڪونه ڪرين؟"

جولي ماٺ ۾ رهي ۽ هڪ لڄ جي لهر جوليءَ جي حياءَ واري مکڙي کي وڌيڪ شرميلو ڪري ڇڏيو. اکيون ۾ سامهون نهالي کي ڏسي ٿي ان طرف وڃڻ لڳيون.

رجني ڊوڙي ڪانئس خط ورتو. صرف هڪ ئي پنو هو. رجني خط ڏسي نراس ٿي وئي.

"جولي، مون سمجهيو ڪا نيبد وغيره هوندي ٻر هيءَ الائي ڪنهن لکنو مان خط لکيو آهي..."

"لکنو مان؟ موهنکي ته خبر ڪانه هئي ته ممّيءَ جو ڪو مائٽ اُتي به رهندو آهي؟"

"موکي به اهڙي خبر ڪانهي. اڄ ته هلي ممّي کي خط ڏيون."

الدراد ٻوڙي مشين تي ڪپڙن سبڻ ۾ مشغول هئي. وقت سان گڏوگڏ هن ۾ به ڪافي ڦيرو اچي ويو هو. شڪل اڃان به سهڻي هئس ٻر چهري ۾ گهڻو وڌيڪ

ڳالهه مان وڌون پيٽي ڪيا ٿن. اهو سٺو سياڻو نه آهي."
جولي" مرڪندي چيو.

رجني کي سندس اهو اپديش نه وڻيو سو ڳالهه ٽارڻ لاءِ هن ڪجهه گنگنائڻ شروع ڪيو.

سندس گهر هڪ جهوپڙي جي ڀرسان سندر باغ جي وچ ۾ هو، گهر ڏانهن نهاريندي جولي چيو، "اسان کي ايشور گهڻو نه سندر گهر ڏنو آهي."

"توکي سندر لڳندو هوندو، مونکي ته گهر ۾ جيل هڪ سمان پاسندو آهي. مونکي ته گهر کان ٻاهر هٽ مزو ٿو اچي."

"جيل ڏٺو ڪونه اٿيئي، تڏهن ٿي اٿين چوان. هڪ دفعو جيل ڏسي اچ ته تفاوت جي خبر پئجي ويندئي."
مشڪندي جولي چيو.

رجني ڪري جواب نه ڏنائين هڪ ٻوٽي کي اکڙ لاءِ ان جي پنيان ڊوڙڻ لڳي. ٻوٽي پڪڙي جولي کي چوڻ لڳي، "تون آهين سنياڻي، توسان گهڻي ٻيٽ؟ پر شڪر ايشور مونکي تو جهڙو نه ناهيو."

جولي خاموش رهي.

رجني چيو، "چو؟ سالت چر لي وئين؟ حقيقت ۾ جيڪي مان چوان ٿي سو ٺيڪ آهي نه؟ منهنجو من هن نموني گهر ۾ ٿئو اڳي. مونکي ٻيون سٽهيون ۾ تئين ٽيشن وارين ڊرامون، گهڻو ۽ لاڪ ڪيئن. ڪاش

ڪشمير جي هڪ ننڍڙي ۽ سهڻي ڳوٺ ۾ ٻه ڇوڪريون گهمي رهيون هيون. چنچل، الهڙ ۽ بيحد سندر!

ٻنهي جا روش هڪٻئي سان ڪافي مليا. عمر ۾ لڳ ڀڳ ساڳي ئي هين. ۽ اهڙي مشابهت هوندي به هڪ فرق ضرور هون. هڪ سياهه جي سڀاجهي، نماڻي ۽ مٺڙي هئي ۽ ٻي سياهه جي شوخ ڪجهه ڪٺور ۽ مغرور هئي.

”ڪاش! مان جيڪر راجڪماري هجان ها ته ڪيترو نه سکي هجان ها!“ شوخ مزاج واري ڇوڪريءَ وڏي آواز ۾ چيو. ماڻهو کيس رجهي ڪري چوندا هئا.

”تون ٻُل ٿي ڪرين رجو.“ مٺي آواز ۾، سڀاجهي سياهه واري ڇوڪريءَ موٽ ۾ کيس چيو، ”سکي ٿيڻ نه ليڪ انسان جي وس آهي، ٻاهرين ڳالهين تي هرويرو انجو مدار ناهي.“

”واهه جوڳي، تون نه شاعراڻيون ڳالهيون ٿي ڪرين“ رجهيءَ مذاق ڪندي چيو،

”تون نه آهين هرحال ۾ خوش، ساڪياڻ دليءَ جي صورت.“

”تون به ٻاهر کي نهايت خوش رکي ٿي سگهين. پر تو جي ڳالهه تي پيٽي انڪي ۽ جوش ڪانهن، هر

سان هن راڄ کي پنهنجي لاءِ هڪ ڪوٺي سندس همٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺي سموري شڪتي گڏ ڪري چيو،
”لالا! منهنجي آخرين آس پوري ڪندا؟“

راڄ ٻارن وانگر ڏُڙڪا ڏيندي ڪنڌ سان ”ها“ ڪئي.

”راڻي کي وٺي اچي پاڻوٽ رهائجو. اها ئي منهنجي تمنا آهي. افسوس مان ڪيس ماءُ جي ممتا ڀري محبت نه ڏئي سگهيس......“ ۽ هوءَ ڦڙڪي وئي،

* * *

جڏهين راجيندر منورما جا سنڌ لڏيءَ ۾ اسروان ڪري موٽيو نه هو اڳيون راڄ نه رهيو.

* * *

—•◆•—

ٻچاڙيءَ جي ڳالهه ڪئي ۽ ميندا جي موت جو احوال ٻڌايو ته ڪومل دل منورما روئڻ لڳي...... ڳوڙها اکهندي چيائين، "وچاري ننڍڙيءَ ڪڪيءَ جو ڪهڙو ڏوهه! ڪيس ماءُ جو پيار به نصيب نه ٿيو. توهان وڏي چوڪ ڪئي! اوهانکي گهران ئي مولکي سڀ ڪجهه ٻڌائڻ کپندو هو. سندس هڪ ماءُ مري ويئي ته ٻي ماءُ جڳهه پرڻ لاءِ هئي نه. ماءُ جي نشڪام محبت جو ملهه نه سمجهي ها. اڃان به وقت آهي، جلدي وڃو ته نه، اسين ٻئي گڏجي هلنداسين ۽ مان ڪيس وٺي ايندس. آهي نه وري به منهنجي هرد ۽ ڏاتق جي ٻالڪا نه!"

واهه! ڀاڳيه ناري، اڃان تنهنجي خون ۾ اها ٻٽي ڀڳتي ڀرپور آهي. مبارڪ آهي تنهنجي هردي جي وشالتا کي!

ٻه ٻندي جي من ۾ هڪڙي ته صاحب جي من ۾ ٻي. وڏالا جي ليلا وچتر آهي! رنگيءَ جا رنگ ڪير سمجهي سگهي!!

منورما جي اِڇا پوري نه ٿي. هوءَ سنتان جي سک کان نراس ٿي رهجي ويئي. بسنت ۾ زبردست وبا اچي پيئي. ان جي چپيٽ ۾ منورما ۽ راج ٻئي اچي ويا. راجيندر ته اُلي ڪڙو ٿيو پر منورما ڏک جهلي نه سگهي.

آخرين وقت جڏهن ڪيس ٿورو هوش آيو ته اِشاري

"ها آهين نہ سهڻين پر نہ نہ ......" راجيندر هٻڪڻ لڳو.

"ڇو نا ٻاڻ روڪيو، پيارا؟ مونکي ٻڌاءِ، ڇا توهان جو مونتي وشواس ڪونهي؟"

"تو ۾ نہ منورما وشواس اٿم، پر ڊپ اٿم نہ ڪٿي مان نہ وشواس گهاتڪ بڻجي پوان؟"

"هڪ پتورتا استريءَ جو پتيءَ ۾ شڪ ٿي نٿو سگهي، مونکي توهان جي پريم جو قسم!"

"سچ؟" مشڪندي راڄ چيو.

"ها سچ. ڇو نہ منهنجو وشواس آهي تہ شاديءَ جو بندڻ هڪ پوتر ناتو آهي، هڪ نازڪ ڏور آهي، جا انيس هوندي بہ تمام پڪي آهي، اها ڳنڍ ڪچي سٽ جي ناهي. اهو ڌاڳو پڻ آتمائن کي ڳنڍيندي هڪ ڪري ٿو. سندن دک سک چنتائون ۽ فڪر الڳ الڳ نہ پر گڏيل ٿي رهن ٿا. تنهنڪري جيئن منهنجي سک ۾ ساٿ ڀاڱي آهين ڪيئن ٿين دک ۾ مونسان ڇو لڪايو؟"

"منو... منهنجي ۾ هڪ پاپ ڪيتا آهي."

"پيارا، جلدي ٻڌ تہ مان بہ توهانجي دک جو بوجهہ گهٽ ڪرڻ ۾ ڪجهہ مدد ڪري سگهان."

"اون نہ ساڪيات ديوي آهين منورما!" ائين چئي هن پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي. جڏهن هن

اوه، مان ته ڪيترو نه نيچ آهيان! جنهن ڏينهن کان ڪيس الهداد ٻوءِ وٽ ڇڏيو اٿم انهن ڏينهن کان پوءِ هڪ دفعو به ڪيس ڏسڻ نه ويو آهيان! اڄ ١٠ سال ٿي ويا آهن! ڪيس پاڻ تي غصو اچڻ لڳو؛ هو پاڻ کي ڌڪارڻ لڳو؛ سوچڻ لڳو،

"هي گناهه ڪيئن معاف ٿي سگهندو؟ ان جو پڇتاءُ ڪيئن؟" هو سوچڻ لڳو، "ته راڻيءَ کي پاڻ وٽ وٺي اچي يا نه؟ منوروما کي سڀ ڪجهه ٻڌائي يا نه؟ منوروما کي صدمو نه رسندو؟ مان سندس اکين ۾ ڪري نه پوندس؟"

چنتا چتا کان به خوفناڪ ٿيندي آهي. چتا مردي کي جلائي ڀسم ڪندي آهي ۽ چنتا جي آگ زنده انسان کي! راجيندر جي سرير کي چنتا جي باهه جلائڻ شروع ڪيو. هو ڏينهون ڏينهن ڳرندو رهيو.

منوروما کان راجيندر جي اها حالت لڪي نه سگهي. هن ڪيترا دفعا راتين جو ڪيس جاڳندو ۽ ڪهڙي ويچار ۾ ڏٺو هو. آخر دل جهلي، هڪ ڏينهن ڏاڍي پيار سان پڇڻ لڳيس، "سوامي! اوهان کي ڪهڙي ڳالهه ستائي رهي آهي؟ مون کي ٻڌائيندا ڪو نه؟"

"ڇا ٻڌي ڪندين؟"

"ڇو؟ مان اوهان جي اڌ سرير ناهيان؟ ڇا مان اوهان جي دک سک جي ساٿڻ ناهيان؟؟"

ڪن ماڻهن جو اهو ويچار آهي ته جي شادي ڪانپوءِ جلدي نه ٿي، ته ٥-٦ سالن جي اندر جي سنتان جي پراپتي نه ٿئي، ته پوءِ ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن سان ضرور صلاح ڪرڻ گهرجي.

پر هت هنن سالن جي ته ڳالهه ئي ڪانه هئي. پر ٻيا آٺ سال گذري ويا. منورما غمگين هئي، راج به چنتا ۾ هو. سندس ويجها عزيز ۽ دوست به البت فڪرمند پئي لڳا. خود جاگيردار ڪيس صلاح ڏيندي چيو، "پٽ خاندان قائم رکڻ لاءِ پٽ جو هئڻ ضروري آهي، تنهنڪري پتر سنتان جي خيال کان تون ٻي به شادي ڪر."

انسان ڪيترو نه نادان ۽ سوارٿي ٿو ٿئي؟ جيڪڏهن اولاد نه ٿيو ته ان ۾ استري جو ڏوهه؟

راجيندر ان ڳالهه ۾ شامل راءِ نه ٿيو. پر وقت گذرندي هو نراسائيءَ جي ساگر ۾ ٻڏڻ لڳو.

اهو قدرت جو قانون آهي ته تمام گهڻي ڏک ۾ يا بيحد گهڻي سک ۾ پنهنجن تمام پيارن جي ياد ضرور ايندي آهي. راج کي به مينا جي يادگيري ستائڻ لڳي. سندس پاري ۾ هڪ اکر به منورما يا ٻئي ڪنهن سان ڪونه ٻوليو هئائين. جڏهين مينا جي ياد آيس، تڏهين ان سان گڏ هڪدم ياد اچي وس مينا جي. آخرين نشاني واٽيءَ جي. هو سوچڻ لڳو:-

"پرماتما ان بي انصافيءَ جو بدلو ته نه ورتي رهيو آهي؟"

ڳالهه هئڻ هئي. راجيندر جيئن وهاڻو کنيو ته ان جي هيٺان هڪ فوٽي تي نظر پيس. فوٽو ڏسي کيس اعتبار نه آيو ڇو ته اهو فوٽو سندس ئي هو.

منورما جهيڻي آواز ۾ چيو، "مونکي معاف ڪجو، توهان جو هيءُ فوٽو مان لڪائي اوهان وٽان کڻي آئي هيس." ٻڌي راج حيرت ۾ حيران ٿي ويو. ڪيترو نه مورک هو راجيندر! پريم ۾ ايڏي ئي سمجهي!!

*　　　*　　　*

پوءِ راجيندر کي خبر پيئي ته پهرين ملاقات ۾ ئي منورما پنهنجي دل کيس ارپي ڇڏي هئي.

پريم جو درشن ئي منورما جي بگڙيل صحت جو علاج هو. هاڻي ٿوري وقت ۾ ئي هوءِ بلڪل ٺيڪ ٿي ويئي. پنهنجي سڪيلڌي ٻار جي صحتمند ٿيڻ تي ماءُ ۽ پيءُ بيحد خوش هئا. منورما خود به الي آنند ۾ هئي ۽ راج ان کان به وڌيڪ!

جاگيردار کي دل گهريو ناٺي مليو، منورما کي من جو ميت مليو ۽ راجيندر جو سونهري خواب سچو ٿيو.

*　　　*　　　*

پوڄا، ٽئين راجا ۽ راڻيءَ جي، دل کولي سواگت ڪيو. جتان ڪٿان واڌايون وري ويئون. راجيندر جو گهر سرڳ بڻجي پيو. هو اڳيون ڳالهيون وساري ويٺو ڏندرال ڏينهن کيس ياد نه رهيا. انهن ڪيترا سال هو منورما جي محبت جو جام پيئندو رهيو.

هئي ۽ منورما جي ماءُ ٻيءَ کيٽرن کي ٻڪ ۾ ڏني هئي ۽ منورما راضي نه ٿي. هن کليو انڪار ڪئي هئي.

راجيندر جي هڪ دوست کيس چيو، "مان سمجهان ٿو ته منورما جي اوس ڪنهن سان محبت آهي."

"ٿي سگهي ٿو." هن جواب ڏنو، ۽ اندرئي اندر انهيءَ منش تي رشڪ ٿيڻ لڳس.

سندس ٻئي دوست چيو، "اڙي راج توکي خبر ناهي ته منورما وچاري ڪيٽرن ڏينهن کان بيمار آهي. کيس شايد ٻره جي ٻاهه لڳل ٿي ڏسجي."

منورما جي بيمار ٿيڻ جو ٻڌي هو پاڻ کي روڪي نه سگهيو ۽ کيس ڏسڻ لاءِ سندس گهر پهچي ويو. راج کي ڏسندائي منورما جي چهري تي اڇلڪي مشڪ نمودار ٿي وئي. منورما ليٽي پئي هئي. راجيندر کي ڏسي هن اٿڻ جي ڪوشش ڪئي.

راجيندر سندس ٻنيءَ کي آڌار ڏيڻ لاءِ جيئن وڌايو ڪٿي ناهي رکڻ ٿي چاهيو ته حيران ٿي ويو. هن ڪاشيءَ ڏٺي. سمجهيائين ته سپنو او لهان. ۽ نه، هيءَ ته حقيقت هئي.

منورما ڏانهس نهاري وري اکيون هيٺ جهڪائي ڇڏيون.

ني سال ٿيو هجي، سو اهڙو جلد، شاندار ڪاميابيءَ سان اهڙي ٻڌ تي رسي اها وڏي فخر جي ڳالهه هئي.

مدورما اهي سڀ ڳالهيون ٻڌي گدگد ٿي رهي هئي. مبارڪون ڏيڻ لاءِ هوءَ خود راج جي گهر آئي. پر اُن وقت راجيندر کي مسافري جي تياري ڪندو ڏسي کيس حيراني لڳي؛ راجيندر جي پيلي مُنهن کي ڏسي تهائين وڌيڪ عجب لڳس. کيس عجب کائيندو ڏسي راج ٻڌايس "ته هوا جي ڦيرگهير لاءِ ٻاهر ٿو وڃان."

"هن نهايت همدردي ظاهر ڪئي؟ پر ٻال دل سان ائين نه چيائين، "شل اوهين جلد واپس موٽي اچو جيڪو گهڻو وقت ٻاهر نه رهو."

* * *

راجيندر هليو ويو ته پنهنجيءَ تندرستي سڌارڻ لاءِ ۽ پنهنجي اشانت هردي کي شانتي ڏيڻ لاءِ جڏهين هو روانو ٿيو تڏهين ڏاڍو اُداس هو. مدورما جڏهين ساڻس موڪلائي ڪئي ته هوءَ به اُداس هئي.

قدرت جو کيل عجيب آهي. ٻنهي جي ٻاهه ٻنهي طرفن کان لڳي چڪي هئي ۽ راج کي مدورما جي خبر نه هئي. هيٺئر هن جو من جڳ سنسار ۾ لڳوڻي ٿي.

ٻن مهنن ڪانپوءِ جڏهين هو واپس آيو ته مدورما جي ٻاري ۾ طرحين طرحين جون ڳالهيون ٻڌائين. وڏن وڏن ماڻهن مدورما سان شادي ڪرڻ جي چاهنا ظاهر ڪئي

سندس ڪشمير ڀيڄڻ جي ٿيڻ ڏينهن، ميدا پنهنجي ٽن سالن جي راڻيءَ کي ڀيڻ جي حوالي ڪري، پنهنجي پياري ڀيڻ جي گود ۾ آخري دم ڏنو.

آخري وقت ۾، ٻلڪل جهيڻي آواز ۾ راجيندر کي چيائين، "منهنجا ديوتا، اوهان سڀ ڪجهه، مون لاءِ قربان ڪيو، پر منهنجي محبت اڻ پاس رهي. ليڪن مان هميشه بيحد خوش آهيان. توهين هاڻي آزاد آهيو، ڪنهن راجڪماريءَ سان شادي ڪري پنهنجو راجمحل سينگاريو."

راجيندر جي دل کي سخت صدمو رسيو. ڇا سوچيو هئائين؟ ٿي ڇا پيو؟ وچتر آهي وڌاتا جي ليلا!! ڪيس جلدي پنهنجي راست ۾ ڀيڄڻو هو. تنهن ڪري ترت ٿي ٻلڪل خبرداريءَ سان پنهنجي سڪيلڌي ڌيءَ جو بندوبست شريمتي اندراديويءَ سان ڪري هو واپس موٽي آيو.

ميدا جي موت سندس من کي اونهو گهاءُ ڪيو هو. ٻاهران ته هو هر ڪم ۾ دلچسپي وٺي رهيو هو. قدم قدم تي ڪاميابي سندس چرڻ چمي رهي هئي، پر دل ۾ هو نهايت غمگين هو. ڪيس ڪنهن ڳالهه لاءِ امنگ نه هو، سندس دل ٽٽي چڪي هئي. "اپ سپاهي" جون چولڙون ٽيون، الهيءَ ۾ نه راجيندر کي چولڙو ويو. هڪ انسان جي لاءِ، جنهنکي سپا ۾ صرف هڪ

ڪڏهن به راجيندر سان نه سليو. ڪيس غم ۽ جدائيءَ
جو گهڻو لڳي ويو ۽ هوءَ اندر ئي اندر ڳرندي رهي،
جهرندي رهي ۽ رُندي رهي؛ آخر جنهن جو انديشو
هو سو ئي ٿيو. هوءَ بستري داخل ٿي پئي.

سندس بيماريءَ جو ٻڌي راجيندر ڏايو دکي ٿيو.
هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته هڪدم ڪشمير وڃان
ليڪن اهو ڪري نه سگهيو؛ ڇو ته هڪ ڏينهن اوچتو
گهوڙي تان ڪرڻ سبب سندس ٽانڊي کي سخت ڌڪ
لڳا ۽ ڏينهن ٻن ۾ سندس مرڻو ٿي ويو. ويچارو هن
لاءِ اڻ ڦندو سڪندو هليو ويو.

آخر سمي به راجيندر ۾ اکيون کولي چيائين، "راج.
منهنجا پت، منهنجي آخرين تمنا اها آهي ته تون موهنا
سان شادي ڪري سڄو گهر آباد ڪرين. اها آس منهنجي
پوري ڪندين ته منهنجي آتما کي سک ملندو ......"
ائين چوندي هو هميشه لاءِ ماٺ ٿي ويو هو.

١٥ ڏينهن بعد جيئن ئي راج، ڪريا ڪرم ۽ ٻين
ڪمن مان واندو ٿيو ته هو سڌو ڪشمير روانو ٿيو هن
ن ۾ اهو پڪو ارادو ڪيو ته "هاڻي مان پورن آزاد
آهيان ۽ مان موهنا کي شان مان سان وٺي اچي سڀني
ڏيان منهنجي پتنيءَ جي روپ ۾ سڀاڪار ڪندس."
ڪو تمنائون جي پورت ٿيڻ جون هجن ته دنيا ۾ جيڪر
ڍو دک هجي ئي نه. هت ته قصو ئي اور ٿي پيو هو.

راجيندر جهڙي سوڀ لاءِ ھرڪو سرھو ھو. جڏھن راڄ جو چاچو ڏيوان ٿيڻ لاءِ خود جاگيردار وٽ کھي ويو تڏھين سندس نيڻ ۽ آزمودگار لکاھن اھا ڳالھ ٽاري ورلي ۽ منورما دل سان راڄ کي چاھي ٿي ۽ ھونئن راجيندر کي ٻيٽي خوشي ھئي. ھن نہ فقط چوانڊڻ ۾ سوڀ پاتي ھئي پر ڳڏوڳڏ ٻيا جو اُميد ۽ پراھت ڪير ھٽائين. کيس خبر ملي تہ مينا ھڪ ڪڪيءَ جي ماءُ ٿي آھي. جلدي راجيندر ڪو پاڻو ڳولھي ڪشمير روانو ٿيو. مينا سندس سوڀ جو ٻڌي ڏاڍي سرھي ٿي ۽ پر ھو گھڻو وقت اتي ٽڪي نہ سگھيو ۽ جلدي واپس موٽي آيو.

ھينئر ٻئي ٻنھيءَ جي وچ گھراڻي اچي کان گھٽجڻ لڳي. راجيندر ڪم ۾ مشغول رھندو ھو ۽ مينا کي تمام دير دير سان خط لکندو ھو. ھن بيحد ڪوشش ڪئي تہ سندس دل جي بدليل حالت کان مينا بي خبر رھي. پر ھو اھو ڀيد مينا کان گھڻو وقت لڪائي نہ سگھيو. مينا جي دل راجيندر جي خطن مان سندس اھو رخ کي پاڻي ويئي.

ھوءَ استري ھئي ۽ استري جي دل پنھنجي پتيءَ جي اندر کي سمجھڻ ۾ گھڻو ڪري غلط نہ ويندي آھي. سمجھي ويئي تہ ھاڻي ھوءَ پنھنجي اعليٰ پتيءَ جي شاہ-راہ تي ڪنڊي سمان آھي پر ھن اھڙو واپار

”پلا تون منورما سان ڪين ڳنڍبين ڇ؟“ سوال پڇي راجيندر گهٻرائجي ويو. جيئن ايئن ڪري چاچي کي کي جواب ڏنائين ته آزمودگار چاچو راج جي ڳالهائڻ جي لوع مان سندس دل جي ڪيفيت ڄاڻي ويو.“

راجيندر کان سڀ ڳالهيون پڇي چاچو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ آخر کيس چيائين، ”جاگيردار صاحب ضرور تولاءِ دل وجان سان ڪوشش ڪندو ۽ هن ڪوشش ڪئي معنيٰ ڪاميابي تنهنجي ٿي.“

* * *

ان رات ٺاڪر صاحب ڏاڍي آنند جي ننڊ ڪئي. کيس هاڻي پڪ ٿي ته ان غريب ليڊرن جي نيهن جو نشو راجيندر تان لٿو آهي ۽ هو منورما ۽ جاگيردار جي مدد سان ضرور چونڊن ۾ جيتيندو. پوءِ سڀ جاگيردار پنهنجا دوست ٿي ويندا ۽ راجيندر منورما سان شادي ڪري ڪنهن ڏينهن ضرور راج سڀاپتي ٿيندو ۽ منهنجي خاندان جو نالو امر ڪندو.

* * *

راجيندر آخر چونڊن ۾ شاندار سوڀ پائي. جاگيردار پڻ ڪامياب ٿيو.

راجيندر راج سڀا جو ميمبر ٿي ويو. راج سڀا ۾ گهڻو آسان ڪم نه هو. اها رياست جي راجائن ۽ وڏن وڏن جاگيردارن جي هڪ خاص سڀا هئي.

راجيندر چولهه ٻاري ۽ سڀ ڳالهيون ڪري مدورما کي ٻڌايون. هو ڳالهائيندو رهيو. ائين ٿي لڳو جڻ سندس اکين جو خزانو اکٽ هو. آخر ۾ هن چيو، "ڀلا اوهين ئي ٻڌايو ته منهنجون هي اميدون ۽ تمنائون اجايون آهن؟"

"هرگز نه، مان نه ائين چوندي آهيان ته جو ٻوش وڏيون اُميدون ٿو رکي، سو مرد ڪوتاهي جي لائق

"نه پر اوهين مونکي مدد ڪريو نه..." راجيندر ٽاهي."

ڏانهس نهاريندي، ٽهڪندي چيو.

"وڏي خوشيءَ سان مان اوهان جي مدد ڪنديس. ۽ جڏهن وقت توهان جي ڪاميابي جو شڀ سماچار ٻڌنديس، تڏهن وقت مونکي جيتري خوشي ٿيندي ايتري مان ٿي سمجهان ٿي ڪنهنکي ٿيندي." مدورما ورائيو.

پر اٻالو راجيندر ان پوشيدي ٻوليءَ ۾ مدورما جي دل جو ظاهر ڪيل اُمنگ سمجهي نه سگهيو.

"راجڪمار، سڀاڻي اوهين ماني اسان وٽ اچي کائجو." ائين چئي مدورما کانئس موڪلايو.

راجيندر اٿي بت بڻجي بيٺو رهيو، هو ايستائين مدورما کي ڏسندو رهيو جيستائين هوءَ نظرن کان غائب ٿي وئي. جڏهن واپس گهر موٽيو ته دل جو درد پاڻ سان کڻي موٽيو.

* * *

ڪڏهين اها ساڙهيءَ واري ڇوڪري وڻن جي جهڳٽي مان نڪري ٻاهر آئي.

راجيندر هڪدم ڪيس سڃاتي ورتو. هوءَ مدورما هئي. هو گهوڙي تان ٽپ ڏيئي لٿو ۽ مدورما طرف وڌڻ لڳو. مدورما جو منهن ٽڙي پيو. هن عجب ۽ خوشيءَ ڀري نوع ۾ چيو "راجڪمار! توهين ڪڏهين موٽيا؟" پوءِ ڪتي ڏانهن نهاري چيائين، "نائيڪو! توکي دوست ۽ دشمن جي خبر هئڻ گهرجي." ۽ پنهنجن سهڻن ۽ ڪومل هٿن سان نائيڪو جي پُڇَ‍ءَ تي هٿ ڦيريندي راج کي چوڻ لڳي، "مونکي نائيڪو لاءِ معاف ڪجو"

"اڙي واه، هو ته پنهنجي ٻولي ۾ منهنجي آجيان ڪري رهيو هو." راجيندر ڪتي ڏانهن نهاريو ۽ وري ڏانهس مخاطب ٿي چيو، "مان توهان وٽان ٿي ٿي ٿيو اچان. منهنجي هڪ وينتي قبول ڪندا؟"

"وينتي نه، آگيا چئو!" مدورما ناز سان چيو. پوءِ سامهون ٻٿي ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "اچو، هتي اچي ويهو نه."

جيڪڏهن راجيندر ٿورو وقت اڳ آزمودگار هجي ها، ته مدورما جي انهن ناز وارن نيڻن جي خاموش ٻولي سمجهي سگهي ها. پر نه هو آزمودگار هو ۽ نه رنگين مزاج. هن نه ڪڏهين خواب ۾ به اهو نه سوچيو هو ته مدورما جي دل ۾ هن لاءِ الفت جي چڻنگ لڳي چڪي آهي.

اچي سندس ڪمري ۾ ويٺو. راجيندر هڪدم اٿي ويٺو ۽ تمام اداس آواز ۾ چيائين، "مان هيتري لڳو مدد ڪريان، تنهن به حرام لي وٺي الم ۾ سڦلتا جو ڪو نشان به نظر نٿو اچي. نيٺ مان ڇا ڪريان؟"

چاچس سندس همٿائيندي دلاسو ڏيندي چيس، "همت ايترو جلد نا اميد ٿيڻ نه کپي. محنت ڀلا تون ڪرين ٿو، پر راجيندر ۾ رڳو محنت ڪافي ناهي. توکي اها ته چڱي طرح خبر آهي ته منوهر پور جو جاگيردار سپاهين ٿيڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش پيو ڪري. تون وڃي سندس مدد ڪر ۽ کيس پنهنجي مدد لاءِ ٻاڻ واٽي ڪر. هن جي ڌيءَ منورما کي به خوش ڪر ته اها به تنهنجي ڏاڍي مدد ڪري سگهندي."

چاچي جي صلاح موجب راجيندر ٻئي ڏينهن تي جاگيردار وٽ پهچي ويو. جاگيردار ۽ سندس زال کيس ڏسي بيحد خوش ٿيا ۽ جڏهن راجيندر پنهنجي ڳالهه ظاهر ڪئي ته تهائين وڌيڪ خوشي ٿين.

جاگيردار وٽان موٽندي اوچتو سندس گهوڙو ڊوڙو ٽڪيو ۽ کيس ڪتي جي ڀونڪار سندس ڌيان ۾ پئي، وڃي چڙهيو.

هن گهوڙي کي سنڀاليندي چوڪي جيئن سامهون نهاريو ته هڪ وڻ جي پاسان هڪ ڪتو نظر آيس، ۽ وڻ هيٺان کنهن جي ساڙهي به نظر چڙهيس.

جڏهن ڪتي وري زور سان ڀونڪڻ شروع ڪيو

جيڪڏهن اوهانجي راه ۾ مونکي جيون ۽ قربان ڪرڻي پوي ته مان پنهنجو پلو پاڪ سمجهنديس. پر نه قرباني طلبي ٿو. اوهان مون لاءِ ڪيڏو نه تياڳ ڪيو آهي!" ائين چوندي مينا جون اکيون آنسن سان ڀرجي ويون."

*　　　*　　　*

هفتي جي ٽيڪ پڇاڙيءَ ۾ راجيندر آنندپور موٽي آيو. ٺاڪر صاحب گهر ۾ ڪونه هو. هو ڪنهن ضروري ڪم ٿيان ٻاهر ويل هو. راجيندر پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. هو ڏينهن رات هڪ ڪري، سخت محنت ڪرڻ لڳو، پر ڪڏهين به ڪاميابيءَ جو آسرو ڪٿي ٿي نظر آيس.

هيڏانهن شاديءَ جون تياريون به آهستي آهستي ڍل ليون لڳڻ لڳيون، پر هو ٻه هر مهني پوري وقت تي مينا کي خرچ لاءِ پئسا موڪليندو رهيو. ڪڏهين ڪڏهين سٺن ڪپڙن، ڪتابن ۽ چاڪليٽن جا پارسل به مينا جي نالي خود پاڻ ڪري اماڻيندو هو. چوڻين لاءِ بيحد محنت ۽ مينا جي جدائيءَ جي غم کيس ڏاڍو اداس بڻائي ڇڏيو هو. ٻاهران مرڪندي به هو اندر جي غم کان نجات پائي نه سگهندو هو.

هڪ ڏينهن شام ٿڪجي ٽٽجي راجيندر اچي پلنگ تي ليٽيو. ڏاڍو غمگين ۽ پريشان هو. اوتري ۾ چاچس

هيڏو مان اوهانکي اصل نه روڪيندس.“

”ميڏو تون مولکي وڃڻ لاءِ چئين نه ته پو اهو به ڪو وڃار ڪيو اٿئي نه هڪوار جي اوڏاهن وڃس نه وري جلد واپس ورڻ مشڪل ٿيندو.“

”مولکي الهيءَ جي ڳڻتي ڪانهي. هڪ سشيل ۽ پتوررت استريءَ کي پنهنجي پتيءَ جي راهه ۾ رنڊڪ ٿيڻ نه کپي. توهين وڃي سنسار ۾ پنهنجو نالو روشن ڪريو ۽ وقت گذرندي ممڪن آهي ته نيٺ توهانجو چاچو مونکي معاف ڪري ڇڏي.“

”اهو ته هو ڪڏهين به نه ڪندو. مان چاچي جي سڀاءَ کي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. پر مونکي اهو ارمان ڪونهي ڇو ته مون ڪو پاپ ڪون ڪيو آهي مينو.“

”پر مان پنهنجي ٿوري سک خاطر توهانجي اُنتيءَ جي مارگ ۾ ڪنڊو ٻجڻ نٿي چاهيان.“ مينا نمرتا سان چيو.

”پر هت تون اڪيلي رهي سگهندينءَ؟“

”اڪيلي ڇو آهيان. نوڪر چاڪر جو آهن. مان سدا پو اوهان جوئي ڌيان پيئي ڪندس. هميشه اوهانجي ڪلياڻ ۽ سک لاءِ پرارٿنا ڪندي رهندس ۽ جڏهين مولکي اها خبر پوندي ته منهنجي راڄا جو نالو ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويو آهي تڏهين منهنجي فخر ۽ خوشي جو ڪو انت نه رهندو.

۽ ۽ ۽. مونکي اها ڄاڻ آهي ته جوانيءَ جو نشو عجيب ٿيندو آهي. مان پڻ ان کان واقف ٿيڻ ٿو چاهيان. جوانيءَ جو مارڳ انوکو ۽ رنگين ٿيندو آهي. هر جيئڙو منهنجو آزمودو آهي انهيءَ مان ائين ٿو سمجهان ته حسين استريءَ جي نازن اکيان پرش ٻاٽکي وساري وهندو آهي. سندر عورت جو ساٿ پرش لاءِ شراب مثل آهي. پر تون ڪافي سمجهو ۽ سياڻو آهين تنهنڪري هڪ ڳالهه کان توکي واقف ڪرڻ مان پنهنجو فرض ٿو سمجهان. تون اڃان نوجوان آهين، توکي پنهنجو آئيندهه روشن ڪرڻو آهي. هن وقت موقعو املهه اٿئي. راج سڀا جون چونڊون ٿيڻيون آهن. وجهه سونهري اٿئي. اهو وجهه هٿن مان وڃائيندين ته پوءِ ڏاڍو پڇتائيندين. وڪان اميد ته هن هفتي جي پڇاڙيءَ تائين تون هت پهچي ويندين؟"

هو خط پڙهي ئي رهيو هو ته مينا اچي سندس پٺيان بيٺي. سندس ڪلهن تي هٿ رکندي ڏاڍي لاڏ سان پڇيائينس:-

"ڪنهن جو خط آيو اٿوَ؟"

"چاچي جو" هن مختصر جواب ڏنو

"ڇا لکيو اٿس؟" مينا مرڪندي سوال ڪيو.

راجيندر مائٽ ميٽ ۾ ڪيس خط پڙهي ٻڌايو.

خط ٻڌي مينا چيو، "توهان کي هڪدم وڃڻ کپي.

قدرت جو بي نقاب حسن ۽ شباب ڏسي مينا جو مکڙ ٽڙيو - ڦلگام جي اوچن ۽ برف سان ڇانيل پهاڙن کي ڏسي بيحد خوش ٿيو - جڳهه بسند چمڻ واري؛ ڏاڍهن وڻندي، وسٽي لي قدرت جا راحت بخش نظارا ڏسندي مينا جو بي اختيار اٿڻي شڪر جو چوڻ، ٻڙ؛ راجيندر کي ياد آيو. مينا جون ان وقت چيل لڪون اڄ بہ راجيندر جي ڪنن ۾ پئي ٻڌيون :-

محبوب جو ساٿ ۽ قدرت جو شباب
۽ پون سندو لائاليٰ رباب
تو سڻائي اڪ ٿي آلاپ
نہ جنت اڄ ٿي آ جنت پرتم ساٿ آ

*　　　*　　　*

جيتوڻيڪ هو سڄو سال مينا سان گڏ ڪشمير ۾ رهيو پر ايڏي عرصي ۾ ڪڏهين بہ مينا سان ڪو ڪهرو اکر نہ ڳالهايائين، ۽ ڪڏهن بہ سندس هلت تي پنهنجو ناراضپو ظاهر نہ ڪيائين. هو ڪيس خوش رکڻ جي هرڪا ڪوشش ڪندو هو.

اچانڪ هڪ ڏينهن راجيندر کي چاچي جو خط مليو. خط بلڪل ننڍڙو هو پر ان جي هرهڪ اکر ۾ چاچي جي صورت جهلڪي رهي هئي. هن کيس خط ۾ لکيو هو تہ :-

"مان اها ڳالهہ پڇي سگهان ٿي تہ تون سڄو سال ٻاهر ڇو رهيو آهين؟ جيڪڏهين واجب سمجهين تہ ٻڌائج

شاليمار باغ جي وري هڪ حوض ٺهيل آهي جنهن ۾، ڏاڍي سهڻي ڍنگ ۾ ڦوهارا ٻيا وهندا آهن. راجيندر جڏهين ميرا کي انهن سهڻن باغن جو سئر ڪرايو هو، تڏهين سهڻن گلن ڦلن جي وچ ۾ اُٿل ميرا، راجيندر کي جهڙي اڻ-ڏٺي ٻٽي ڀاسندي هئي. ۽ هو امنگ ۾ اچي ڪيس ڇڪي ڪٽي ڇاتيءَ سان لڳائيندو هو. ان وقت حياءَ وچان ميرا جا ڳل وڌيڪ گلابي ٿي ويندا هئا ۽ هوءَ مٺي لڄ ۾ راجيندر کي چيڀڙندي هئي ته راجيندر مستخور جوان جيئان، ڪيس پڪڙ اٽڪو ڪري، وري ڪٽي گلي لڳائيندو هو ۽ ڪن ۾ چوندو هوس:-
”پنهنجيءَ کي ٿو پيار ڪريان ڪنهن ٻئي کي ٿورائي.“

* * *

وري سندس اڳيان چشمشاهي جو نظارو اچي بيٺو.

چشمشاهي گلستان جي وچ ۾ هڪ وڏو حوض ٺهيل آهي جنهن مان امرت جهڙو جل جو جهرڻو ڳڙ ڳڙ ڪري پيو وهي، راجيندر کي ياد آيو ته ڪيئن نه هن ان امرت جل جو ٻڪ ڀري ميرا کي ٻاڪ پيئاريو هو!

انهن ڪالپوءِ ٻيون انيڪ تصويرون سندس ذهن ۾ ڪڙيون لڪڙيون ڦرڻ لڳيون. سرينگر ۾ سينگاريل شڪارن ۾ ڊال، نگينا ۽ جهلم نديءَ جا سئر، ٻيڙيءَ ۾ ترندڙ باغات (Floating fields) ڏسي ميرا جو ٻاڏيڙي ڪڪيءَ واڪر عجب کائڻ. گل مرگ ۽ کلن مرگ ۾

جون اهي يادگيريون، سيما جي چپن جيان ڦرڻ لڳيون.

سندس اکين اڳيان آگري جو هڪ نظارو اچي بيٺو. سندن شاديءَ جي ٻئي ڏينهن پورڻماسي هئي. آسمان ۾ جڏهين چنڊ پوري آب تاب سان چمڪڻ لڳو تڏهين هيءَ پرڻيءَ لي راجيندر پنهنجيءَ چندرما جهڙيءَ سهڻيءَ ڪنوار کي، الفت جو امر يادگار ڏيکارڻ لاءِ، تاج-محل ۾ وٺي ويو هو. تاجمحل جي اڇي سنگمرمري فرش تي سيما جڏهين ممتاز بيگم جو مقبرو ڏٺو تڏهين ممتاز جي پيار جي ڪهاڻي ٻڌي سندس اکيون آليون ٿي ويون ۽ جيئن هن ٻڏل نگاهون کڻي راجيندر ڏانهن نهاريو تيئن جذبات وچان، راجيندر ڪيس ٻاڪ ڏانهن ڇڪيندي پٽڪي ۽ چيو: "منهنجو اسانجو پيار به امر رهندو."

* * *

وري سندس اکين اڳيان ٻيو چِٽ اچي بيٺو. سرينگر ۾ نشاط ۽ شاليمار باغن جي سونهن بينظير آهي. نشاط باغ ۾ ٻوڪرلي هر پرڪار کان دلفريب آهي. باغ پٺيان بڻيل هڪ اوچو، پهاڙ آهي جتان جهر جهر وهندڙ پاڻي، سنگمرمر جي تڪن تان لڙڪندو وهي وڃي لوڊال-پڙي سان ملي. اهو نظارو مگن ڪندڙ آهي ۽ عاشقن جي دلين ۾ نوان امنگ اڀاريندو آهي.

ر، ٻنهي پيار ڀري واتاورڻ ۾ سکي گهڙيون جيئن گذارڻ لڳا. سکي - گهڙيون کين سونءَ سمان پياريون رهيون هيون.

*　　　*　　　*

هن ڪڻ ڀنگر ۽ بدلجندڙ سنسار ۾ ڪا به ڳالهه دائمي ساڳيءَ حالت ۾ نٿي رهي. جيئن وقت اڳڙو اڳڙو گذرندو رهيو، تيئن راجيندر جي دل جي حالت به بدلجڻ لڳي. مينا ۾ موهت ڪرڻ جي ڪشش ضرور هئي، پر انهيءَ ڪشش کي قائم رکڻ جي طاقت منجهس نه هئي. شاديءَ کان اڳ جوڙي کي هڪٻئي جي پوري خبر نه هوندي آهي. پر جڏهين ٻنهي کي پل پل گڏ گهارڻو پوندو آهي تڏهين ٻنهي جا عيب ۽ اوڻايون، گڻ ۽ چڱايون لڪري نروار ٿينديون آهن.

راجيندر کي ڪڏهين ڪڏهين اهو ويچار ايندو هو ته راڄ جي خيال کان هن مورکتا جو ڪم ڪيو جو ٻاراڻ ۾ محبت ۾ اچي دل جو سودو ڪري ويٺو. پر هڪ منٽ لاءِ به ڪڏهين هن اها ڳالهه مينا اڳيان ظاهر نه ڪئي. هن مينا کي ڏکي ڪرڻ نٿي چاهيو.

هو سچي سال مينا سان گڏ ڪشمير ۾ رهيو ۽ کيس خوب ڪشمير جو سير ڪرايائين. ان وقت ڪيئن نه مينا کيس موهيندڙ ۽ تمام پياري لڳندي هئي! اڄ به ان ٻاراڻ محبت جي رنگين ۽ سونهري سمي جي تصوير ڪندي هو ٻاهر ڪوهجي ويو. ۽ سندس ذهن ۾ ماضيءَ

"ڏس مٺڙي مان توکي هاڻي اڪيلو اٿو ڏسي سگهان. تنهنجي مدد ڪرڻ ۽ توکي خوش رکڻ منهنجو پهريون فرض آهي... پر هڪ ڳالهه آهي." راجندر هٻڪندي چيو "اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟" مينا پڇيو.

"اسان جي شادي ڪجهه وقت تائين ڳجهي رهندي."

مينا ڪو جواب نه ڏنو.

راجندر چيو، "مينا، مينا اسين ڪيڏانهن ڀڄي هليا هلنداسين. تون وشواس رک. وقت گذرندي اسان جي شادي گپت نه پر ظاهر ٿيندي. ان وقت مان ڪنهن جي نه ڊڄي ۽ آنند وچان توکي پنهنجي محلات اندر وٺي ايندس. هاڻي مٺو تون ائين ظاهر ڪر نه تون پنهنجي ڪنهن ڏوراهين مائٽن وٽ آگري ۾ وڃي رهندين..."

* * *

وقت بادشاه آهي. سمو هڪ سمان نه آهي. انسان جي من تي حالتن جو زبردست اثر ٿو ٿئي. راجندر کي، هڪ سال اڳ جا ٿيل واقعا، اڄ سپني وانگر پئي لڳا. لڏهين، هن چاچي کي پهاڙن تي گهمڻ جو بهانو ڏئي، پاڻ کي رياست جي ڪم کان فارغ ڪيو هو. پوءِ آگري ۾، مينا سان اڪل نموني ۾ شادي ڪري، 'هني مون' لاءِ ڪشمير روانا ٿيا.

ڪشمير جي سرينگر شهر ۾، ڊال ڍنڍ ۾، هڪ عاليشان گهر - ٻيڙيءَ ۾، مينا ۽ راجندر، پتيءَ پتنيءَ جي روپ

نه ايندو. تون دلگير نه ٿيءُ، جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي چڪو. ان لاءِ انسان ڇا ٿو ڪري سگهي؟"

مينا سڏڪا ڀريندي چيو، "اوهين به نه وڇڙي ويندا."

"مان ڇو توکان وڇڙجي ويندس. هيئنر نه مان ٻاقي به توکي پاڻ کان پري نه رکي سگهندس."

"ماڻهو مولڪي ڇڏي رهيا آهن نه هيءَ جڳهه هاڻي مولڪي ڇڏڻي پوندي. هن ۾ لشون ماستر اچي رهندو."

"پوءِ تون ڀلا ڪيڏانهن ويندينءَ؟"

"جيڏانهن ايشور وٺي هلندو."

"ڇو، تنهنجو ڪو مٽ مائٽ ڪونهي ڇا؟"

"نه، توهان کانسواءِ ٻيو منهنجو ڪير به ڪونهي ۽ هاڻي اوهالکي به ڇڏڻو پوندو. ڪي ٻيا ڇون نه الائي آشرم ۾ هلي وڃ نه ڪي وري ڇولم ٿا نه ماستري ڪرڻ شروع ڪر." ائين چوندي مينا اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳي.

واچيندو پاڻ روڪي نه سگهيو. هن دل ونديءَ آواز ۾ چيو، "تراس نه ٿيءُ منهنجي مينو. جيڪڏهين تون پنهنجو واهو ڏين ۽ دل ٻڌين نه اسين شادي ڪري ڇڏيون."

"شادي! پوءِ توهانجو نه سڀڪجهه برباد ٿي ويندو. نه نه، ائين ڪڏاڇس نه ٿيندو. منهنجي چنتا نه ڪريو."

۾ سالت ڪولہ ھئي. ھنکي لڪل ملاقاتون پسند نہ ھيون. ۽ اهڙي ڪابہ ڳالھہ، جنھن ڪري ماڻھن ۾ چوپولو مچي، کيس بلڪل نٿي وڻي. سندس ميدا سان محبت ھئي ۽ کيس شاديءَ جو وچن بہ ڏيئي چڪو ھو. ۽ ڪنھن طرح ساڻس گڏجڻ ۾ بدنامي ٿيڻ جو ڊپ ھو. ھو آزاد بہ نہ ڪولہ ھو جو ھڪدم ساڻس شادي ڪري، ڇا ڪري؟ اھائي پريشاني کيس ہي حال ہٽائي رھي ھئي.

جيئن وقت گذرندو ويو تيئن کيس ائين پئي لڳو ڄڻ تہ ھن ڪا بيوقوفي ڪئي ھئي ۽ ہر ھاڻي ڇا ٿيندو؟ ھن پنھنجي وچن کي اڄ ڪلھہ جي جوانن وانگر خسيس ڳالھہ نٿي سمجھي، ھن لاءِ پنھنجي وچن کي شري رامچندر وانگر، "پران جاءِ پر وچن نہ جاءِ" جھڙي اھميت ڏني ٿي........

جنھن ڏينھن ھن ماستر ستيش سان ڳالھائڻ ڪرڻ جو ارادو ڪيو، تنھن ڏينھن شام جو اوچتو، "ھارٽ فيل" سبب ماستر صاحب جو موت ٿي پيو......

جڏھين ماستر جي موت کانپوءِ راجيندر ميدا سان گڏ ٿيو تہ ھوءِ نھايت غمگين ڏاڍي ۽ اداس ھئي. سندس اکيون روئي سڄي پيئون ھيون.

راجيندر کيس آٿت ڏيندي چيو، "ميدا دکي نہ ٿيءُ مان جو آھيان. منھنجي جيڏي ڪوبہ ڪشت ٿولي

ٻڌي. گهر ۽ مولڪي لوڪان جدا لڪو ڪري سگهي.
ها، مولڪي پنهنجي راڄ کان خارج ڪري سگهندو ؟
ٿيو؟ ان وقت مدهنجو ڇا حال ٿيندو؟ مان خود ڪجهه
۽ ٿو سوچي سگهان.“

استرين جي اها خاص ڪمزوري (گُڻ) آهي جو هو پنهنجي پتيءَ يا پريميءَ جو دک ڪڏهين ۽ برداشت نه ڪري سگهنديون آهن.

”نه، پوءِ مولڪي پنهنجي نصيب تي ڇڏي ڏيو.“ ميرا روئندي چيو.

”اهو ناممڪن آهي.“ مدڪر ارادي سان راڄ وراڻيو.

ميرا اکيون اگهندي چيو، ”ناممڪن آهي؟ اوهين مولڪي پيار ڪريو ٿا، مان ڪيترو نه خوش آهيان. مان زندگيءَ ڀر اوهانجو انتظار ڪندي رهندس.“

”پر ميرا خبر ناهي ڪيترو وقت لڳي!“

”مولڪي انهي جي ڪابه پرواه ڪانهي.“

”ٿي سگهي ٿو توکي سالن جا سال انتظار ڪرڻو پوي.“

”مولڪي ڏپ ڪونهي.“

جواب ٻڌي راجيندر آنند وچان ڏاڍهس ڀاڪر لڳو ۽ سندس دل کي خوشيءَ سان ڪڏ عجيب همت ۽ آلت مليو هو.

* * *

ٿورا ڏينهن پاڻ ان شانتي هئي پر راجيندر کي اندر

سان چيو، ”چاچو نهايت عجيب انسان آهي. هو اِم ۾
سندس وشواس ئي ڪونهي.“

ميرا اچا ۽ خاموش رهي.

”۽ شاديءَ بابت ته سندس خيال نرالا آهن. هو
انهن سڀني ڳالهين مان ڪو خاص فائدو ڪونهي. مطلب
ڳالهه جو هيءُ آهي ته کيس اسان ٻنهي جي شادي
قبول ناهي.“

ميرا جو چهرو سفيد ٿي ويو. هوءَ پن وانگر ٿر ٿر
ڪنبڻ لڳي هئي ڳالهائڻ چاهيو، پر هڪ اکر به نه اُکليس.

”ٻپ ۾ هيئن سائي پيلي نه ٿي ميرا ڪجهه ته ڌيرج
رک، ڪجهه همت کان ڪم وٺ!“ راجيندر ميرا جي منهن
۾ نهاريندي سندس هٿ پڪڙيندي، نرماڻيءَ سان چيو.

پر ميرا جي ڪن جڻ ڪجهه ٻڌو ئي ڪين. سندس
ڪنڌ هيٺ ٿي ويو ۽ سندس اکين مان ٽپ، ٽپ ڳوڙها
زمين تي ڪرڻ لڳا.

راجيندر کي ميرا ڪڏهين به اهڙي سندر نه لڳي
هئي جهڙي ان وقت.

نيرو پيرال ليڙ، ڏکندڙ سنهرا چپ، جهڪيل ڪنڌ
۽ اداس چهڙو جڻ ته سندس سونهن کي ٻيڻو ڪري
رهيا هئا.

”روءُ نه منهنجي راڻي!“ راجيندر پيار وچان سندس
ڳوڙها اُگهندي چيو، ”تو منهنجي سڄي ڳالهه ئي ڪونه

ڪجهه هفتا اڳ، هو خوشمزاج ۽ تمام آنند ۾ هوندو هو ۽ هينئر؟ اداس ۽ وياڪل، موڳو ۽ منجهيل!

”ڇا محبت جو اهوئي انجام ٿيندو آهي؟“

هو وري وري پاڻ کان اهو سوال پڇڻ لڳو. نيٺ راجيندر خيال ڪيو ته انهن ڳالهين جو سبب مينا سان ئي آهي، تنهنڪري سندس رايو وٺڻ گهرجي.

اهو ويچار ڪري، هو ٽڪڙو ٽڪڙو ماستر صاحب جي گهر طرف هلڻ لڳو. هلندي هلندي اچانڪ مينا جي سڌ ڪيس ٻيهاري ڇڏيو. هو تلاءَ جي ڪناري پرسان گل چونڊي رهي هئي. مشڪندي چيائين، ”اوهان کان موڪل وٺڻ بنا ڏسو مان اوهان جا گل چونڊي رهي آهيان.“

”ڇا خود مولڪي حڪم ڏيئي سگهي ٿي، تنهن کي منهنجي اجازت جي ڪهڙي درڪار؟“ راجيندر مشڪندي کيس اهو جواب ڏنو، پر اوچتو سندس اها مشڪ غائب ٿي وئي. کيس ڪجهه ياد اچي ويو ۽ چوڻ لڳو، ”مينو، مولڪي توسان ڪي ڳالهيون ڪرڻيون آهن.“

”ڇـ ڪي خاص ڳالهيون آهن؟“

”ها، تمام مکيه. مون توکي چيو هو ته ته مان چاچي کي خط لکندس. ڪالهه ان خط جو جواب اچي ويو آهي.“

مينا ماٺ ۾ ڏانهس نهاريندي رهي. راج گنڀيرتا

باقي وقت ڪيئن گذريو تنهنجي ڪيس ياد گيري ۽ رهي مٺس منورما جي حسن جو خمار چاليل هو. گهڻي دير بعد جڏهين گهر موٽيو ۽ چاچي جو خط پڙهيائين تڏهين سندس نشا ئي ٽٽي پيا. هن ورور ڪري چوٿون دفعو خط پڙهيو:-

”پيارا پٽ،

مولکي ته عجب ٿو لڳي ته تون اهڙا اجايا سوال پڇي صرف مس ۽ پنن جوني زبان ٿو ڪرين يا سچ پچ ڪجهه ويچار به ڪرين ٿو.

ودوان ۽ سياڻو انسان ڪوبه ڪم آگي پيڇي جاچڻ کانسواءِ نه ڪندو آهي. هو هرڪو قدم سوچي ويچاري پوءِ کڻندو آهي. جواني ديوالي آهي. هو ٻم ۾ مست ٿي الٽ ۾ اچي غلط قدم کڻڻ پڻ پيمان جو ڪم ناهي.

تون شادي ڪرڻ ٿو چاهين ته اهڙيءَ استريءَ سان وواه ڪر جا اوچ خاندان جي هجي، جا سماج ۾ تنهنجو درجو وڌائي، تنهنجو شان برقرار رکي. توکي اهڙيءَ استريءَ سان شادي نه ڪرڻ گهرجي جنهنجي ڪري توکي گهٽتائي محسوس ٿئي ۽ توکي پنهنجن مٽن ۽ مائٽن کان منهن لڪائڻو پوي. تون، اميد ته مولکي هن اوسٽا ۾ دک نه ڏيندين ۽ پنهنجي پوام صدقي مولکي پوڙا نه پهچائيندين.

چاچي جو خط پڙهي راجيندر الجهن ۾ پئجي ويو.

راجيندر ڀوڳن تي پيو منورما کي ڏٺو هو. قداور شاندار، مرڪ لڳندي! سنهڙا، سهڻا ۽ ڳاڙها چپ، نشيلا نيڻ ۽ گلابي ڳل! انسان هئي يا پري جو ٽڪر!؟

ايشور جي ڪنهن کي حسن عطا ڪري ته ڪمال ڪري ٿو ڇڏي!

راجيندر زندگيءَ ۾ گهڻئي سندر نازنينون ڏٺيون هيون، پر اهڙي لاثاني ۽ بيمثل حسن جو تاج ڪٿي سندس اکين درشن نه ماڻيو هو. هو جڻ خوابي دنيا ۾ ڀٽڪي ويو. ان سوچيءَ سنسار مان سجاڳ تڏهين ٿيو، جڏهين ڪنهن سريلي ساز جهڙو آواز سندس ڪنن تي پيو:

”نمستي!“

هن پاڻ سنڀاليو ۽ اٿي بيهي نهايت فهميدي نموڙي ۾ ”نمستي“ جي موٽ ڏنائين

منورما وڃي ماءُ جي ڀرسان ويٺي ته سندس چوگرد ڇهل پهل مچي ويئي. پر راجيندر خاموش، پنهنجي ئي خيالن ۾ مگن اڪيلي ويٺو رهيو.

هو منورما جي سونهن ڏسي حيران ٿي ويو هو. اهڙا ڪي ورلي پرش هوندا جن حسن جي چقمقي ڪشش اڳيان سر نه جهڪايو هوندو. هو سوچڻ لڳو: اهو ڪهڙو نه ڀاڳوان پرش هوندو، جنهن سان هيڙي خوبصورت ناري شادي ڪرڻ قبول ڪندي!“ ڪيس ان شخص جي ڀاڳ تي رشڪ اچڻ لڳو.

چاهيان ٿو. جيڪر تنهنجي محبت ۾ ئي ورتو هجان ته لاچار مريادا جي خيال کان وڃڻو پوڻو. مونکي وشواس رکُ مينو، منهنجي جيتري توسان محبت آهي اوتري ٻئي ڪنهن سان ٿي نٿي سگهجي.“

راجيندر جي انهن پريم ڀريل اکرن کي ٻڌي مينا جي رڳ رڳ رقص ڪرڻ لڳي.

*　　　*　　　*

منجهند جو جڏهين راجيندر جاگيردار جي گهر پهتو ته هن دل کولي سندس آجيان ڪئي. ٻيا به جيڪي مهمان اتي آيل هئا تن به ساڻس گڏجي بيحد خوشي ظاهر ڪئي. جاگيردار ته سندس سواگت ڪرڻ ۾ حد ڪري ڇڏي. آخر به ته هو هڪ وڏي راڄ جو وارث هو ۽ اڃا تائين ڪنوارو هو.

اڃا مانيءَ ۾ ڪجهه دير هئي. مهمان ناچ ۽ رهاڻ ڪري رهيا هئا. راجيندر ٻن فوجي عملدارن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. اوچتو سڀني مهمانن جون نگاهون وڃي دروازي ۾ کتيون.

راجيندر به انطرف ٽڪ ٽڪ ڏسڻ لڳو. دروازي وٽ هڪ نهايت حسين ڇوڪري بيٺي هئي. سندس سونهن مان ائين پئي لڳو جڻ ته وڌاتا واندڪائيءَ جي وقت وڏي شوق سان سندس رچنا ڪئي هئي.

”اها ئي منورما آهي.“ هڪ آفيسر ٻئي کي چپن ۾ چيو.

جي راجڪمارن ۽ داسين جو اچارو ناٽ ۽ ادمبر منهنجي دل کي پاڻ نه ڀوندو آهي.

منهنجو راجا مونسان جهوپڙي ۾ ڪڏ هجي نه مون لاءِ اها جهوپڙي نه محل سمان آهي.“

سندس اهو جواب ٻڌي راجڪمار ٻڌل اکين سان ڏانهس نهارڻ لڳو. ڪجهه وقت ٻئي خاموش رهيا. آخر راجيندر مينا ڏانهن نهاري مشڪي چيو. ”چڱو ڀلا مان هاڻي هلان ٿو.“

”ايترو جلدي؟ اڃان توهان کي آئي وقت ڪهڙو ٿيو آهي؟“

”مونکي تمام پري وڃڻو آهي.“

”ڪٿي؟“

”منوهرپور جي جاگيردار وٽ اڄ منجهند جي ماني آهي.“

مينا اهو ٻڌي سانت ٿي وئي.

ڪيس مات ۾ ڏسي راجيندر چيو، ”جي تون چوين ته مان ڪٿي نه وڃان.“

”نه، نه، مان توهان کي ڇو جهليندي آهيان؟ ڀلي وڃو. ٻڌو اٿم سندس ڌيءُ منورما ايتري سهڻي آهي.“

”ٻڌو ته مون به اٿين آهي.“ راجيندر مرڪندي ورائيو، ”پر مينا سو ڇا؟ توکي هن جي سونهن تي رشڪ ٿو ٿئي ڇا؟ مينا منهنجي دل ۾ وڃڻ لڳي ناهي،

تاهم پڻ تہ ڏاڍي هوشيار آهين. مان سمجهان ٿو تہ ڪڏهن راجا کي بہ اهڙا لذيذ طعام نصيب نہ ٿيندا هوندا.“

”پر منهنجي راجا کي تہ ملن ٿا نہ! سچ ٻڌايو اوهان کي وڻيا؟“ مينا ناز سان پڇيو.

”تمام“ راڄ مرڪندي وراڻيو.

”هي سڀ مون ئي ٺاهيو آهي، اوهان لاءِ دلپسند کاڌو تہ ٺاهڻ مان جلدئي سکي ويندس.“

راجيندر وري مرڪي ڏنو. سندس استري ٻڌي، ايڏي وڏي راڄ جي مالڪياڻي ٿي کيس پاڻ کاڌي ٺاهڻ جي ڪهڙي ضرورت پوندي؟ پر هو وري هڪدم گهيرو ٿي ويو. ممڪن آهي تہ هوءِ راڄ جي راڻي نہ ٿئي ۽ خود مونکي ئي وارث ٿيڻ کان هٿ کڻڻو پوي ۽ بلڪل رواجي ماڻهو جي حيثيت ۾ ساڻس شادي ڪرڻي پوي.

”اوهين اچانڪ سانت ڇو ٿي ويا؟“

راجيندر مينا جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺندي چيو، ”مينا هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ. جيڪڏهن مان غريب ٿي وڃان ۽ راڄ تان هٿ کڻڻو پوم تہ ڇا تون مونکي پيار ڪري سگهندينءَ؟ مونسان گڏ محلات بدران جهوپڙيءَ ۾ گهاري سگهندين؟“

”پيارا پر اهو فرق رهندو ئي ناهي، منهنجا راجا! مان پاڻ اوهان کي وڌيڪ پيار ڪندس. سچ تہ اهو آءُ تہ مونکي راجمحل کان ڏاڍو ڏپ ٿيندو آهي.“ الي

سڪول طرف هلڻ لڳو. ڪيس ڏسي ماستر چيو، ”راج ڪمار اڄ اوهين اداس ڇو پيا لڳو؟“

”نه، مان نه اداس ڪونه آهيان.“

”اوهانجو چهرو ڪجهه ملول پيو لڳي. پڪ ٿي ٿڪ رات جو دير تائين اوجاڳو ڪيو اٿو ڏسجيو. اچو اندر چانهه پي ڪجهه چست ٿيو.“

اندر ويندي ئي ستيش ميبا کي چانهه تيار ڪرڻ لاءِ چيو. پوءِ وري راجيندر سان ڳالهائڻ لڳو. ٿورو ترسي، ڪيس چيائين، ”راجيندر بابو معاف ڪجو، سڪول جو وقت پرجي آيو آهي. پڙهڻو ٿي گهر اٿو، توهين هٿ وهو ۽ مونکي جيڪر وڃڻ جي آگيا ڏيو.“

”اوهين وڃو نه؟ مون اوهان سان ڪي ڳالهيون ڪرڻ ٿي چاهيون. چڱو هيئنر نه، نه ڪنهن ٻئي وقت ڪنداسين.“

”جيئن اوهان جي مرضي.“ ائين چئي، ماستر صاحب، سڪول روانو ٿيو.

راجيندر اندر گهڙندي ئي ميبا کي ڏٺو هو. هوءَ ميز جي پرسان بيٺي هئي. ميز تي ڪنهن لاءِ تيار ٿيل نيرن رکيل هئي. ڪيس ڏسندي ميبا کلي چيو. ”مونکي پڪ هئي ته اڄ اوهين ضرور ايندا. هاڻي ڪجهه کائڻ شروع ڪريو.“

راجيندر نيرن کائي خوش ٿيو ۽ چيائين، ”واه! مان

ٻئي خوش هئا، تمام آنند ۾ هئا ۽ خوشيءَ وچان ٻنهي جا پير زمين تي ئي نٿي ٽڪيا.

ميرا جي ڪهڙو وقت پڇي، راڄمند ۾ سندس هٿ ٻڪڙي التجا ڪندي چيو، ”هاڻي مان هلان ٿو ليڪن هڪ انجام مونسان ڪر. هيٺئين ڳالهه کي ڳجهو رکج، ڪنهن سان به اهو راز نه سليندين؟“

”ڇو؟“ شڪبندي ميرا جهيڻي آواز ۾ سوال ڪيو

”جيستائين اها ڳالهه دل ۾ سانڍج، جيستائين مان چاچي کي قبول ڪرايان“

”ڇو، هو ناراض ٿيندو ڇا؟“

”هو ڇا ڪندو تنهن بابت هيئر مان ڪجهه به چئي نٿو سگهان، پر اها پڪ سمجهه ته هاڻي ڪوبه توکي مون کان جدا نٿو ڪري سگهي.“

ان رات گهڻي دير تائين جاڳندي ۽ ويچار ڪندي، آخر سمهڻ کان اڳ هن چاچي کي پتر لکيو، خط لکڻ بعد کيس ڪجهه آلت مليو. کيس اهائي اميد هئي ته چاچس موٽ وچان کيس انهيءَ شاديءَ لاءِ موڪل ڏيندو. انهن ويچارن ۾ ستوي تي اچان ليٽيو مس ته نوڪر اچي کيس هڪ خط ڏنو. اهو پتر کيس منهوهر پور جي جاگيردار لکيو هو. جنهن ۾ کيس پٽي ڏينهن مڪهند جو ماليءَ لاءِ دعوت موڪلي هئائين.

ٻو ٻاهت ليندي ٻئي هــو آليو ۽ جلد سنهري ليار تي

”حق چؤ ڪين! سڀ ڪجهه آهي.“

”راجڪمار، توهين وچؤ؟ مونکي پنهنجي قسمت
جي چڪي ڏيو.“ ميرا روئندي چيو.
راجيندر تمام دکي ٿي چيو. ”ميرا دنيا کي
جيڪي وڻي سو ڪري، پر مان توکي ڇڏي نٿو سگهان.“
”ڇو؟“
”اها به ڪا پڇڻ جهڙي ڳالهه آهي؟ منهنجي
توسان محبت ٿي وئي آهي.“
”سچ!“ ’محبت‘ لفظ ٻڌندي ئي ميرا جي آواز ۾
جوش اچي ويو.
”چندرما ساکي آهي، هي چاندني، هي پوري
هي آڪاس سڀ شاهد آهن ته مان توسان پيار ٿو
ڪريان ...... ۽ جلدي توسان شادي ڪري هميشه لاءِ
توکي پاڻ سان گڏ رهائيندس.“
”مونسان......!“ حيرانيءَ مان ميرا ڏانهس نهاريندي
چيو.
”ڇو؟ توکي مونتي وشواس ڪونهي!؟“
”اوه!“ ميرا جي آواز ۾ ڏڪڻي هئي.
”منهنجي زندگي جي منشا پوري ٿي، منهنجي
دل جي راڻي!“ راجيندر اُمنگ ۾ اچي چيو. ان وقت
ڪيس پنهنجي چاچي جون ڳالهيون وسري ويون.
”هاڻي تون گهر وڃ. ڪافي رات گذري وئي آهي.
هل ته توکي گهر ڇڏي اچان.“

ٻيهر ٻڌي مينا کي تمام ملائم آواز ۾ پڪاريو، ”مينو او مينو، اکيون نہ کول.

ڪجهہ وقت بعد مينا جي پلڪن ۾ چرپر نظر آئي ۽ سندس چپ ڪنبڻ لڳا.

راجيندر اهو ڏسي سنتوش جو ساهہ کنيو. مينا هوش ۾ آئي. اکيون کوليءَ جيئن محسوس ڪيائين تہ راج جي ٻانهن ۾ آهيان تہ هڪ انوکي آنند وچان کن لاءِ سندس اکيون وري بند ٿي ويون ۽ ترت هن پاڻ سنڀاليو ۽ شرمائجي پاڻ کي هن جي ٻانهن مان آزاد ڪري، نهايت جهيڻي آواز ۾ چيائين، ”اوهان ڇا ٿي چيو؟...... ها، ياد آيو، اسين پاڻ ۾ نہ گڏجون؟ ......... بس ائين ئي ٿيندو.“ ائين چئي هوءَ زار زار روئڻ لڳي. مينا جي ڳوڙهن راج کي صدمو رسايو.

”مينو مان توکي ڪڏهين نہ ڇڏيندس. ماڻهن کي جيڪي وڻي سو ڀل پيا چون. هاڻي روءُ نہ!“ راج لرزندڙ آواز ۾ چيو.

”غلطي منهنجي هئي، اوهانجو دوش ڪونہ هو. سڀ منهنجي بدقسمتي آهي. مون اهو ڪونہ ويچاريو هو تہ مان هڪ غريب جي ڌيءَ آهيان ۽ اوهين راجڪمار!“

”نہ نہ مينو، اها ڳالهہ ڪانهي.“

”نہ، مان هينئر اوهان جي ڪابہ ڳالهہ نہ ٻڌنديس. اوهين وڃو. مان اوهانکي روڪي بہ نٿي سگهان. منهنجو اوهانتي ڪهڙو حق؟“

"پر ، هو ڇون ڇا ٿا؟"

"اهي ڇا ٿا ڇون، اهو ٻڌائي مان نہ پنهنجي زبان اشپ ڪرڻ نہ چاهيان ۽ نہ توکي ٿي ڏک، پهچائڻ ٿو گهران. تو ميرا، منهنجو هيئن توسان هرروز ملڻ شايد ٺيڪ نہ آهي، انهيءَ ۾ منهنجو لئي ڏوھ آهي. تنهنجي سندرتا، تنهنجي ڀولي ڀالي سڀاءَ، سچائيءَ ۽ سادگيءَ مونکي موهي وڌو آهي. پر مان ڪيترو نہ سوار لئي ڇڏيس جو تنهنجو نہ ماڻڻ پر خيال نہ ڪير. ڏرو ۽ ڪوڙ واپار ۾ نہ منهنجو هن طرح توسان ملڻ سنسار ڪهڙين نگاهن سان ڏسي رهيو آهي.

معاف ڪج ميرا، مونکي نهايت افسوس آهي. ماڻهن جا منهن جلد بند ٿي ويندا جڏهين هو ڏسندا تہ مون هڪدم توسان گڏجڻ بند ڪري ڇڏيو آهي..."

راج جا اکر ٻڌي ميرا جو چهرو ساڻو ھيڻو ٿي ويو. ٻپ ڪان سندس اکيون لڙڪ جي وهڻ. پاڻ کي ڪرڻ کان بچائڻ لاءِ، ٻنهي هٿن سان هن پنهنجو منهن ڪٽي اڳڙيو. ڪيس اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي راجيندر دهلجي ويو ۽ هڪدم ڪيس ٻانهن جو سهارو ڏيئي ڪرڻ کان روڪي ورتائين.

ڪنهن نوجوان عورت کي هيئن پنهنجن ٻانهن ۾ جهلڻ جو راج لاءِ پهريون ٿي پهرو هو. سندس سڄي بدن ۾ بجلي جهڙي لهر ڊوڙي ويئي ۽ دل ڌڙڪ ڌڙڪ ڪرڻ لڳس، جذبات جي وس ٿي هو بيوس ٿي ويو. هن

راجيندر اهڙيءَ ايوجهه، سندريءَ کي ڪيئن سڀ ڪجهه صاف ٻڌائي؟ ڪيئن سڀ ڪجهه ڪيس کولي سمجهائي ؟؟

”اوهان مون لاءِ هيءَ ايڏي جيون، سوڳ، ڀالي ڇڏي آهي، راجڪمار!“

”پر سوڳ، ۽ دکــ ۽ جدائي ڪولا ايندي آهي.“

”جدائي! هيءَ دک ڀڙڪائيندڙ شبد ڇو وات مان ڪڍيو؟“

ميرا ٿڪندڙ آواز ۾ چيو.

اوقت راجيندر همت ڪري چيو، ”هن دنيا ۾ وڇوڙو ته اوس اچڻو آهي ميرا!“

”مون اوهان جو مطلب نه سمجهيو. هيئن ٻولين ۾ ڇو ٿا ڳالهايو؟“

”ميرا مان توسان هڪ ٻي ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهيان. شايد توکي اهي ڳالهيون اڻوڻندڙ لڳن، پر انهيءَ لاءِ قصوروار مان ئي آهيان. مون توسان وڏو انياءُ ڪيو آهي.“

”اوهان مونسان انياءُ ڪيو آهي! هي اوهين ڇئو ڇا پيا!؟“

”ڪيئن توکي ٻڌايان؟ مدهه‌جي هٿ اچڻ ڪري ماڻهن ڏاڍي چوٻوءِ ڪرڻ شروع ڪئي آهي.“

”ڪنهن؟ انهن راجڪمارن؟“

”نه صرف انهن، پر سڀني ماڻهن.“

"مينا کي هڪدم هن ڳالهه کان خبردار ڪرڻ گهرجي."
راجيندر سوچيو، پر اهو ڪم ڪنهن تي رکيو وڃي؟... ڇا مان خود وڃي کيس چوان؟ انهيءَ چنتا ۾ هو بيحد پريشان ٿيڻ لڳو. انهيءَ شام جو، جڏهين رات پوڻ لڳي، پدارٿ جي ٻارن ۾ ڪاري ساڙهي پائي رهي هئي. تڏهين چنتا ۾ ڦڪاڇور راج، بيخبر ۽ بيخيالو هلندو هلندو اچي باغ ۾ پهتو. اچانڪ سامهون مينا کي ايندو ڏسي هو ڇرڪي ويو. هن چاهيو ٿي ته مينا کيس ڏسي تنهن کان اڳ ئي هو هٽي لڪي وڃي ته سٺو، پر سندس اها ڪوشش نشفل ويئي، ۽ مينا کيس پريان ئي ايندو ڏسي ورتو هو. "اوهان کي ڏسي بيحد خوشي ٿي راجڪمار. مون سمجهيو اوهين ڪيڏانهن ٻاهر هليا ويا آهيو."

"اهين ڇو سمجهيو؟"

"ٽي ڏينهن ٿي ويا آهن ته توهان جو درشن نه ٿيو آهي. ٽن ڏينهن کان اوهين ڪٿي پئي ڪرڻ آهيو" مينا پنهنجي بيقراريءَ کي لڪائيندي چيو.

راجيندر ڇا چوي؟ کيس سمجهه ۾ ئي نٿي آيو.

۽ مينا ٻڪ ٽڪ ڏانهس نهاري رهي هئي.

"مان ڪنهن ڪم ۾ ڦاٿل هوس."

"آئينده ائين ڪم نه ڪندا ڪريو. مونکي الائي ڪهڙا ويچار ٿا اچي ستائين. اوهانکي نه ڏسڻ ڪري ڪجهه به مٺو نٿو لڳيم."

هو سرپشٽ ناهي ۽ ڇوڪريءَ ۾ سٺي درشٽي لڪو رکي ......"

اهو ٻڌي راجيندر هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ هڪ اکر به سندس زبان مان نه اُڪليو. راج ماتا ڳالهه جو سلسلو جاري رکندي چيو، "ٻار اهو سياڻپ آهي نه جي هن سان تمام ريتي ملي هلندين ۽ ڪهاڻل مائل لئي ڳالهيون ڪندين نه هوءَ تو طرف ڪشش محسوس ڪندي ۽ پوءِ ...... ؟ انهيءَ کان بهتر آهي نه تون ساڻس گڏجي ڇڏي ڏين، ونن وچ هڪدم بند ڪري ڇڏ."

"معاف ڪجو راج ماتا. مان هيل تائين الڳ هوس. ٻار اچ منهنجون اکيون اوهان کوليون آهن!"

"مولڪي انهيءَ جواب ٻڌڻ جي ني آشا هئي. هن اٻوجهه ۽ ننڍين نرلڄ مکڙي آهي. بت جرالي ڏاڍي ڏيوالي آهي ......"

"نه نه راج ماتا، اوهين منهنجن اکين لي وشواس رکو. ان اهولي ڪندس جو چيو اٿو. مان ڪنهنجي سڪي زندگيءَ کي ڏکدائڪ ڇو بڻايان؟"

* * *

اهو سڄو ڏينهن راجيندر تمام ملول گذاريو. هر گهڙيءَ ٻاٽ کان ٻچي رهيو هو، "آخر ايڏي اداسائي ڇو؟" هو ڏاڍي سوچ ۾ ٻڏجي ويو. ڪيس چنتا صرف اها هئي نه ميينا انهن ڳالهين کي ٻڌندي نه ڇا سمجهندي ۽ ڇا ويچار ڪندي؟

ٻنهي جي ناليءَ کي ڪلنڪ لڳائڻ ڪيتري قدر واجب ٿو لڳي؟“

”مون ڪلنڪ لڳايو آهي!؟“ راڄ اڻ ٻڌيءَ عجب مان سوال ڪيو.

”جاڻي ٻجهي ڪوڙ لڳايو اٿئي. پر تون لوڪ جو منهن بند نٿو ڪري سگهين. ڪن ماڻهن کي وجهه، ٿي اهڙا ڪهندا آهن. ٻيو اڄ ڪالهه جو وايومنڊل ئي اهڙو ٿي پيو آهي. سماج انهن ڪٿي ٿي ڪنهن ٻه جوان ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو پاڻ ۾ گهڻو ملڻ سهي سگهي، پوءِ ڇونه انهن جا هوندا پاڻ ۾ ليس ليڪ هجي ۽ هو هڪٻئي جا ويجها عزيز به هجن، ته به سماج اهو سهي نٿو سگهي. دنيا ۽ سماج انهن جو رشتو ڇاڪ لڳاڻي سان ڪداچت نٿي ڏسي.“

”پر ٻين ماڻهن جو ڪهڙو ڪم؟“

”ڪهڙو ڪم؟ تون هنن جي زبان کي بند ڪري ٿي سگهندين؟ انهيڪري بهتر آهي ته انهن کي اهڙو وجهه ئي نه ڏجي. دنيا جي نظرن ۾ نوجوان ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو پاڻ ۾ گهڻو وڌ ملڻ ڪهڙو ٿو مطلب رکي اها خبر اٿئي؟“

”يعني ...!“ راڄ گهٻراهٽ وچان چيو.

”ڪهڙو ٿئي؟ مطلب ته اهو نوجوان هن سان پيار ٿو ڪري ۽ کيس پنهنجي پتني بڻائڻ ٿو چاهي. يا ته

"راڄ ماتا، ڀلا الهيءَ ۾ شڪ ڪهڙو آهي؟"

"نه جيڪڏهن مان توکي ڪجهه چوان ته ناراض ته نه ٿيندين؟"

"ڀت ماءُ مان ڇو ناراض ٿيندو؟"

"ڳالهه ڪجهه اهڙي ئي..." راڄ ماتا هٻڪندي چيو.

"ڪهڙي به اڻ وڻندڙ ڳالهه، چوڻ هجي ته توهين جو هڙي ٿمولي چئو ته ضرور منهنجي ڀلائيءَ لاءِ هوندي."

"تنهنجي لئين ماستر ستيش چندر جي ڌيءَ ميرا ڪهڙي نه اپرجهه ۽ حسين آهي!"

"........"

"مونکي خبر پيئي آهي ته توهن هرروز اُتي ويندو آهين."

"ها برابر اُتين آهي."

"ڇو تو روز اُتي وڃين پٽ؟"

هو سوچ ۾ لڳو. الهيءَ ڳالهه تي هن خود به ڪڏهين خيال نه ڪيو هو. ڪجهه وقت جي سانت بعد چيائين،

"راڄ ماتا، مان روز ونس ڇو ويندو آهيان، سو مان پاڻ به نٿو ڄاڻان."

"ڪڏهين به؟" راڄ ماتا، سندس من کي ٽيندي چيو.

"شايد انهيءَ ڪري جو مونکي سندس صحبت مان آنند ملندو آهي."

"توکي صرف پنهنجي دلي ۽ خوشيءَ لاءِ ڪنهن

جي پڌر تي پئي. هوءَ "ڳڙوارڻ" ڪاڻ هئي، هوءَ نه نهايت سشيل، شرميلي ۽ موهيندڙ نينگر هئي. هن نه سندس دليون ٺاٺ چڪي ورتيون.

جلسو ڪاميابيءَ سان پورو ٿيو ۽ راجيندر جي دل ۾ پريم جو ديوتا ڪيل شروع ڪري چڪو هو. هن ڪڏهن به اهين نه سوچيو هو ته ڪو پهريان ئي ملاقات ۾ هو ميرا کي دل وجان سان چاهڻ لڳندو. ڪٿي هو اوچ خاندان جو ديپڪ ۽ راڄ جو وارث ۽ ڪٿي ميرا، هڪ معمولي غريب ماستر جي ڌيءَ! پر پريم اهي فرق ٿورئي ڏسندو آهي!

"ڪنول پاڻون پاتال ۾ - پرنئو پري آڪاس
پرهي سنڌي ڳالڙي - رازق آڻندي راس
تنهن عشق کي شاباس - جنهن محبتي ميڙيا"

راڄ جي دل ۾ پاپ ڪونه هو. سندس نيت پوري ڪونه هئي. اهين نه هو ته هن سنسار جي هڪ پراڻي هو. پر سندس هردو نرمل هو. هن جو جيءُ دنيا جي ديکا ديکي ۽ پاهرين ادمبر ڏسي بيزار ٿي پيو هو. هو هند "ميڪ-اپ" تيل چهرن وارين تتلين ڏسي، هو بيزار ٿي پيو هو. پر ميرا جو قدرتي طور چمڪندڙ سياءُ ۽ رنگ، روپ ڏسي هو هڪدم مٿس هرک هاري ويٺو. کيس ميرا جي صحبت ۾ عجيب راحت محسوس ٿيندي هئي.

راجيندر سپاهڪ لموني ۾ هلندي، وٽس پهچي
کانئس پڇيو، "هتي هيٺان لڪي ڇو بيٺي آهين؟"

"مون کي هتان کان ڊپ ٿو ٿئي. بابا اندر ويو آهي سو مان پاڻ کي بلڪل اڪيلو بيٺي سمجهان." هن ڏڪندڙ آواز ۾ جواب ڏنو ۽ گلن جي ٽاري کي جهلي هن نگاهون کڻي هيٺ ڪيون.

"مينا تون هيٺان ڊڄين ڇو ٿي؟ تون هتان جو ڪوبه خيال نه ڪر."

راجيندر سندس دل ونندي چيو.

"هل ته تنهنجي واقفيت هن استريءَ سان ڪرائي ڇڏيان جيڪا سامهون ڪاري ساڙهيءَ ۾ ويٺي آهي. هوءَ روشن لعل جي راج ماتا آهي."

ٿوري ئي وقت ۾ راج ماتا جي دل ۾ شرميلي مينا جڳهه والاري ڇڏي ۽ راج-ماتا ساڻس اهڙين کلي ملي ٿي ڳالهيون ڪرڻ لڳي جڻ کيس سالن کان سڃاڻندي هئي. راجڪمار به ڪيترو ئي وقت سندن ڪرسين جي پٺيان بيهي، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو.

کيس اُتي ايترو وقت بيٺل ڏسي ڇوڪرين ٽولين ۾ هلچل مچي وئي. آخر اُرميلا چيو، "جي اسان کي راجڪمار جي ڪرپا درشٽي هت ڪرڻي آهي ته پهريان اِنهيءَ ڳنوارڻ سان ميل ميلاپ ڪرڻو پوندو."

پر جڏهن مينا سان ڳالهه ٻولهه لين نه اچن ڪارڻ

ڪهڙي ڪهڙي سندس نگاهون وڃي ٿي ڪهڙا حال ٿي پيون.

واه پوپر تهنجا رنگ! منش کي کن ۾ بدلي ڇڏين!! منش کان اهو ٿو ڪرائين جو هو ٿن هرگز ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿئي. راج سنيوري تيار ٿي هلڻ وقت، ڪوٽ جي سوراخ ۾ هڪ نئون گلاب جو گل ڪٽي اٽڪايو.

جلسو باغ جي هڪ سهڻي هنڌ رٿيل هو. باغ نهايت شاندار نموني ۾ جهنڊين ۽ رنگين بتين سان جهڳمڳايو ويو هو. زمين تي ٿلها غاليچا وڇايل هئا

راجڪمارين، اوميلا، پرميلا، ڪالنتا وغيره رنگين پتلين وانگر هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيون هيون.

سڀني لباس ۾ هڪٻئي کان وڌ پئي نظر آيون. نهايت اوچين ساڙهين ٻوٽ ۾ ڇڪ نه هڪٻئي سان شرط پچائي رهيون هيون.

راجڪمار راجيندر آيو مس ته مهمانن ۾ هلچل مچي وئي. سڀ راجڪماريون ڪيس گهورڻ لڳيون. هن نهايت مٺي ۽ شاندار نوع ۾ سڀني جو ستڪار ڪيو. انهن حسين ۽ رنگين راجڪمارن جي امنگن جي موت ٿيندي نه، هنجون اکيون ڪنهن جي تلاش ۾ ڀٽڪي رهيون هيون. آخر سندس تلاش سڦل ٿي. هڪ ڪنڊ جي جهڪڻي پاسان اڪ اڪل نموني ۾ ميدا انهن راجڪمارن کان پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي؛ پر راجيندر جي نگاهن کان هوءَ پاڻ کي لڪائي نه سگهي.

"انڌين مهڙي اُتي اچڻ واجب نه ٿيندو!" مينا البت سنڪوچ وچان راجيندر ڏانهن ۽ وري ٻيءَ طرف نهاريندي چيو. "ڇو؟" راجيندر ڏيل مشڪ سان چيو، "ڇا جو خيال ٿو اچئي؟"

"مان هيل تائين ڪڏهن به، ڪنهن راجڪماريءَ سان نه ڪڏي آهيان، سو......"

"اها ڪهڙي ڳالهه آهي! توهان ضرور اچجو" راجيندر ڪيس وچ ۾ ٽوڪيندي چيو؛ ۽ ٻيءَ سمت ۾ هو هلڻ لڳو.

رستو ساڳيو ئي هو جتان سويل آيو هو پر موٽندي ڪيس بلڪل اڻوٺ لڳي رهيو هو. سرير ۾ لرزش محسوس ٿي رهي هئس. "هيءَ سڀ ڇا هو؟" انجو سبب هو خود پاڻ ئي نٿي سمجهي سگهيو. سندس اکين ڪيترين ئي سهڻين استرين ڏٺيون هيون، پر اهڙي سونهن، سادگي ۽ اپوجهائي هن اڄ تائين ڪونه ڏٺي هئي. شايد اڻڄاڻائي ۾ ئي پريم جي ديوتا ڪومل ڪلين جي ٻاڻ سان سندس دل کي نشان بڻايو هو...

"ڪاش هن راجڪمارن ۾ اهڙي سادگي هجي!" آهو ساهه کڻندي راجيندر چيو.

راجيندر صبوح جو، شام وارو جلسو هڪ ڳري بوجهه مثل محسوس ڪري رهيو هو پر هاڻي سندس حال ٻيو اوڙ هو. هينئر هو ان جلسي لاءِ اهڙو نه منتظر هو جو

اسانکي هيءُ سهڻو ۽ سٺو گهر مليو آهي. اوهانجي ڪيتري نه مهرباني جو هڪ ماستر لاءِ اوهان ههڙو سٺو بندوبست ڪيو آهي. شال توهان جهڙا بالڪار وڌندا رهن.

ايتري ۾ ڪنهن جي قدمن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ آئي.

”بابا اچي رهيو آهي، هو اوهان سان گڏجي ڏاڍو خوش ٿيندو.“ منورما پڙڪي ۾ چيو.

ماستر ستيش اچڻ شرط ڏيءَ کي ڏسي چيو، ”ڏيءُ مينو، راجڪمار لاءِ نيرن جي نه تياري ڪر.“

راجيندر کي ڏاڍي عزت سان وٺي هو اندرئين ڪمري ڏانهن هلڻ لڳو.

تنهن ماستر صاحب سان گڏجي راجيندر کي بي حد خوشي ٿي. ستيش برابر نه ڏٺوان هو ۽ نه اوچ ڪل مان هو، پر هو نهايت فضيلت وارو انسان ۽ ودوان هو. ڪافي آزمودگار هئي ڏٺو ساڻس گفتگو ڪرڻ مان راجيندر کي آنند ٿي آيو. عمر جي لحاظ کان هو پڻ پيءُ لي لڳو.

نيرن ڪائي ۽ جلسي بابت ضروري ڳالهيون ڪري جڏهن راجيندر واپس ورڻ لڳو ته پيءُ ۽ ڌيءُ کيس گهوڙي تائين پهچائڻ آيا.

گهوڙي تي چڙهندي راجيندر ماستر ستيش کي چيو، ”مونکي پوري اميد آهي تہ اڄ شام جو جلسو بلڪل ڪامياب ٿيندو. ڪيترائي معزز مهمان اچڻا آهن. ڪيترائي راجڪمارون پڻ شامل ٿيڻيون آهن.“

"بابا سڪول طرف ويو آهي." هن آهستي اکيون مٿي کڻي مٺي آواز ۾ چيو، "توهانجو شڀ نالو؟"

"منهنجو نالو راجيندر آهي." راجيندر دٻيل مُرڪ سان جواب ڏنو.

"نه اوهين را..." ان سندريءَ حيرت ۽ سنڪوچ وچان چيو. پوءِ هڪدم حياءَ وچان لعل ٿيندي چيائين، "معاف ڪجو، هينئر ٿي وڃي ٿي بابا کي موڪليان." ۽ هوءَ اندر هلي وئي.

ٿوري وقت ۾ ٿي واپس اچي چيائين، "بابا سڪول ۾ آهنئي ڪونه. شايد ڪم سان ٻاهر ويا آهن، اچڻ ۾ ٿي هوندا. اوهين سندس اچڻ تائين ترسندا؟"

"جي توهانکي ڪابه تڪليف نه ٿئي ته ضرور ترسندس."

"مونکي ڪهڙي تڪليف؟ مان ٿورو اڳ توهان بابت ٿي سوچي رهي هيس."

"منهنجي باري ۾؟ ڇا خيال ڪري رهي هيئو؟"

"اهو ٿي ته اوهين ڪيئن هوندا؟ وچولي عمر جا يا وڏي اوستا جا..."

"پنهنجي خيال جي بلڪل ٿي ابتڙ مونکي ڏسي، توکي ضرور عجب لڳو هوندو؟"

سندس سوال جو جواب نه ڏيندي هن چيو، "مان اوهانکي ڌنيواد ڏيڻ ٿي چاهيان، اوهانجي ڪري ٿي

ڪيتري دير انتظار ڪرڻ ڪانپوءِ به جڏهين ستيش چندر جو پتو نه پيو لڳو، هو اُٿي ٻاهر هليو ويو. گلاب، موتيي ۽ چنبيلي جا گل ٽڙي رهيا هئا. هيڏانهن هوڏانهن گهمندي اوچتو هڪ هنڌ ٿم لڳي اٿي رهيو. سندس ڪنن ۾ مڌر آواز جو پڙلاءُ پيو. ڪو مٺي سر ۾ ڳائي رهيو هو.

هو جو راڳ جو شوقين هو، سو هڪ زيتون جي وڻ جو سهارو وٺي راڳ ٻڌندو رهيو.

پنن جي ڪرڪراهٽ مان معلوم ٿيس ته ڪو سندس طرف اچي رهيو هو.

يڪايڪ ڳائڻ جو آواز بند ٿي ويو ۽ ڇرڪ ڀري راجيندر جيئن اُٿيو. خواب مان سجاڳ ٿيو ته پنهنجي سامهون هڪ سندري ڏٺائين. عمر اٽڪل ۱۸، ۱۹ سال. سندس ڊگها ناگن وانگر چمڪندڙ وار چيلهه تائين لٽڪي رهيا هئا، بدن تي سادي اڇي ساڙهي ۽ ڪاري رنگ جي چولي پيل هيس.

هوءَ نهايت حسين هئي!

گلاب جي گلن جهڙا ڳل ۽ مرڪهه جهڙيون شرميليون ۽ وڏيون اکيون ڪشش واريون هئس. جڻ ان ديوي ساڪار بڻجي اچي اوتار ٿي هئي!

”معاف ڪجو، مان ستيش چندر سان گڏجي آيو هوس.“ راجيندر هڪدم پاڻ سنڀالي ان سندريءَ کي چيو.

هو، اڳيان ۽ پٺيان قسمين قسمين گلن جا ٻارا پوکيل هئا. رنگبرنگي گلن جو نظارو ڏاڍو دلفريب پئي لڳو. هو ڪجهه مدت اتي بيهي سڪول ڏانهن نهارڻ لڳو؛ پوءِ اُتان اُٿي وڏي سڌو ان مڪان طرف وڌيو، جو سڪول جي ڪمپائونڊ سان لڳولڳ هڪ ڪنڊ ۾ ٺهيل هو. اها جڳهه به نئين ٺهيل هئي.

راجيندر ڪمار جيئن ڪمپائونڊ وٽ پهتو، ته در وٽ ئي هڪ پٽيوالو گڏيس، جنهن ٻڌايس ته ماستر صاحب سڪول ڏانهن ويو آهي.

راجيندر واچ ۾ ڏٺو ته معلوم ٿيس ته ساڍا ست لڳي چڪا هئا. پٽيوالو باعزت کيس ان گهر جي هڪ سادي پر سينگاريل ڪمري ۾ وهاري، پاڻ ماستر صاحب کي اطلاع ڏيڻ لاءِ روانو ٿيو.

راجيندر ڏٺو ته صفائي وارو هو ۽ هر ڪا شيءِ ٺاهوڪي نموني ۾ پنهنجي پنهنجي جڳهه تي رکيل هئي. ڪنڊ ۾ ڪتابن سان ڀريل هڪ شيشي جو ننڍڙو ڪٻٽ پڻ رکيل هو. هن اُتي ڪتابن جي جلدن تي سهڻن اکرن ۾ لکيل نالا پڙهيا.

ڪتابن جي ڪن نالن پڙهڻ مان کيس خبر پيئي ته ماستر کي شعر ۽ راڳ لاءِ پڻ شوق آهي. انهيءَ تي کيس نهايت خوشي ٿي ڇو ته هو پاڻ به ٿورو گهڻو راڳ جو شائق هو.

لاءِ ٻٽڪي ٻٽڪي ناأميد ٿي بيڪار ويٺا آهن ......

اِهن ٥٠ درخواستن مان سياڻو ستيش چندر لڳو. کيس ٿي ماستر مقرر ڪيو ويو. کيس ٢٥- رپين مهني جي پگهار تي آرڊر موڪليو ويو. رهڻ لاءِ سڪول پرسان جدا جڳهه پڻ ماستر صاحب لاءِ تيار هئي.

ڪجهه ڏينهن بعد راجيندر ماستر جي مقرريءَ جو احوال ٺاڪر صاحب کي لکي موڪليو. جواب ۾ چاچس لکيو ته جنهن ڏينهن سڪول جي ڪلاس جو مهورت ٿئي تنهن ڏينهن شاندار جلسو ٿيڻ گهرجي.

نئون ماستر صاحب پنهنجي جڳهه ۾ ٺهڪي ويو؟ جلسي جي جشن جون چوگرد مهمانن کي ليٽرپتر موڪليا ويا.

جنهن ڏينهن شام جو جلسو ٿيڻو هو، تنهن ڏينهن صبح جو سوير اُٿي راجيندر ٦ بجي ٽائيم بلڪل پوري رپٽ ليار تي گهوڙي تي سوار ٿي ٻاهر نڪتو.

پال چندرما آڪاس جي هڪ ڪنڊ مان ليئا پائي چڻ ڪيس اڏسي رهيو هو. گلن جي سگنڌ هوا کي خوشبودار ڪري ڇڏيو هو.

هو قدرت جي سونهن ڏسندو، گهوڙي تي مزي ۾ هلندو آخر اچي سڪول وٽ پهتو. سڪول شهر جي ٻاهران، انڪالت واري آستان تي، ٻهر جي پر ۾ تيار هو. عمارت عاليشان هئي. چوگرد ڪشادو ڪمپائونڊ

مليا ۽ هو سياڻپ پنهنجي ڪم ۾ دل وجهندو ۽ چاهه سان فرض پورو ڪندو. سٺا ۽ سکيا ماستر کي سڪول جو نالو روشن ڪندا.

*　　*　　*

ٻئي ڏينهن پرڀات جو ٺاڪر صاحب ليرت ڀاڙا لاءِ تيار ٿيندي هڪ ڳالهه ٻي ۽ راجيندر کي چئي ويو، "راج مون ٻڌو آهي ته اسان جي پرسان جيڪا زميداري آهي سا منوهرپور جي جاگيردار ڪنگاڻو خريد ڪئي آهي ۽ سندس ارادو ۽ اِتي اچي رهڻ جو آهي. آهي ۽ اوچ ولش جو ۽ ڏاڍو ناڻي وارو. سندس ڌيءَ منورما ڏاڍي سهڻي، سٺي، سڀاجهي ۽ سشيل ليکي آهي." ايترو چئي ٺاڪر صاحب معنيٰ ڀري مرڪ سان ڏانهس نهاريو. پر چوڪريءَ جو نالو ٻڌي راجيندر ڪنڌ ڌڪي هيٺ ڪيو. هو سڄو وقت چاچي کان جدا جدا راجڪمارن جا نالا ٻڌي خفي ٿي پيو هو. آخر ٺاڪر صاحب روانو ٿي ويو.

سڪول جو پورو بندوبست ڪرڻ اهم ضروري ۽ مکيه ڳالهه هئي. ماسترن لاءِ اخبارن ۾ اشتهار موڪليا ويا. جواب ۾ ٥٠ عرضيون اچي پهتيون. "هڪ جڳهه لاءِ ايترين درخواستون!" راجيندر پڻ پڻ ڪندي چيو. "ڪين ڪهڙي ڪل ته بڪ جو خوفناڪ ڀوت چوگرد گهمي رهيو آهي ۽ پڙهيل جوان خسيس نوڪري هٿ ڪرڻ

۾ جي راڻي سهيل ته هجي ها ۽ هنن ۾ لوٽ ۽ هجنس ها، ته شايد ان واقعي کي سٺو ٿي سمجهي ها.

*  *  *

راجيندر ڪمار جو چاچو ٺاڪر صاحب جڏهين جيئرو هو تڏهين جي هيءَ ڳالهه آهي ته هڪ دفعي راجيندر ٻاهران اچا کهي ڦري گهر موٽيو مس، ته چاچس سڏي چيس، ”راج. خيال ڪيو اٿم ته مان هاڻي تيرٿن تي وڃان، شايد ڇهن يا ٻارهن مهني مس موٽان. منهنجي پٺيان تون ئي هن راڄ ۾ منهنجو عيوضي ٿي رهندين. ڪنهن به ڳالهه ۾ گهٽتائي نه ڪجانءِ موڪلي سڀ احوال پيو لکجانءِ ته گهڻي خوشي ٿيندم. جڏهين تون پنهنجي ڪنوار جي چونڊ پاڻس لکندين.“ راج ماٺ ۾ مرڪندو رهيو.

”ٻيو راجيندر پڻ، ليڪن منهنجي پرهت ڪيڏاهن ٻاهر نه وڃج. هيستائين رهج. سڪول جي عمارت ته ٺهي راس ٿي آهي پر اڃان ڪو لائق ماسٽر ڪوٺهي. اُهي طرف جوکو ڌيان ڏج. سٺو ۽ ودوان ماسٽر مقرر ڪجانءِ. پئسي کي نه ڏسجانءِ، سٺو پگهار آڇجانءِ. سٺا، ودوان ۽ لائق ماسٽر تڏهين ئي ملي سگهندا جڏهين کين پگهار اهڙو ملي جو هو گهوٽن کان مٿي رهن. پوءِ ئي هو پنهنجو سمورو ڌيان ڪم ۾ لڳائي سگهندا. منش لاءِ اهم ضرورت آهي اَن لٽي ۽ اجهي جي اهي جي کيس

ڇپيائين. ممتا جو مهراڻ جوش ۾ اچڻ لڳو. ممتا جي ٻار سندس اکيون آليون ڪري ڇڏيون ۽ سندس آخرين نشانيءَ سان ئي في الحال ته ڪيس الوداع ڪرڻي ٿي پيئي. هن راڻيءَ کي اندرا ديوي کي سپرد ڪرڻ لاءِ هٿ وڌايو ۽ سندس ٻانهون ووڪجي وييون. اندرا ديوي آئي ويجهو آئي. راجيندر ڪمار وري هڪ دفعو راڻيءَ کي ڳراهٽڙي پائي سندس اوڙ کي چميو ۽ ڪيس هنج مان لاهي هٿ ٿي ڀيهاريو.

اندرا ديوي هڪدم ڪيس ڪڍي پنهنجي هنج ۾ وهاريو.

"اندرا ديوي هن سان چڱيءَ طرح هلجو." ايئن چوندي سندس چهرو اُداس ٿي ويو.

"نشچنت رهو. مان هن کي پنهنجي ڌيءَ سمان پاليندس."

"شڪريه! توهان جو مولڪي چنتا کان ڇوٽڪارو ڏنو......" پوئين گلي سان راجيندر وراڻيو.

راجيندر هڪوار ننڍڙي راڻيءَ ڏانهن نهاريو. راڻيءَ جون اکيون ننڊاکڙيون هيون. پيءُ کي ۾ راجيندر مٿس ڦيري نڪڙو نڪڙو ٻاهر نڪري ويو.

اندرا ديوي کي خبر وٺي رهي، راڻي سندس گود ۾ ٿي ليٽي پيئي. ٻار لاءِ ماتا جي گود سورڳ سمان آهي. ڪيس ڪهڙي خبر ته سندس سچي ماتا ڪير هئي؟ هوءَ منڊيءَ ننڊ ۾ سمهي پيئي. اندرا ديويءَ جي هنج

”نه ته ضرور ليندو. مان لاچار آهيان. توهان کان هاڻي کجهه به لڪائڻ مان ڇا فائدو؟ سندس جي لفظن ۾ مان ڪنوارو ٿي آهيان.“ ۽ هن کجهه هٻڪندي چيو، ”هڪ سٺيل ۽ سندر ڇوڪري آهي ...... اليس ڪٿي سمجهو ته هن منهنجي دل تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو آهي.

چاچي جي به اها اُتم آشا هئي ته مان ساڻس ئي شادي ڪريان ...... سو الدداد هوي، مان ٿو چاهيان ته منهنجي هن گهٽ پگهار کائي جو پوراءُ ڪو سندس ڪنهن ٿي پوي.“

”مان سمجهي ويس“ الدداد بويءَ مرڪندي وراڻيو.

”الدداد بوي مون پاڻسان ڪو سامان وغيره کڻي آندو آهي ننهڪري هي ۱۰۰ رپيا وٺو. انهن مان واڻيءَ لاءِ ڪپڙا ۽ ضروري سامان وٺو ۽ هي ۶۰۰ رپيا پيا، پوٿين مهني جو اڳرات خرچ“

الدداد بويءَ هٿ اڳيان وڌايو. نوٽن جي ڇهاءُ ٿي ٿي سندس هٿ ڏڪڻ لڳو. چيائين، ”هنجي رسيد...؟“

”وڪيل کي موڪلي ڇڏجو. ڇگو هاڻي مان پلا هلان......“

”ڇا هيئنر ٿي ويندا؟“

”ها، موٽي جلدي رستي ۾ پهچڻو آهي.“

راجيندر ڪمار آئي ڪرو ليو ۽ ننڍڙي راڻيءَ کي

چڙيو، پر هڪ ئي ڳالهه صاف چوڻ واجب ليکيندو. سنسار جي سڀني شين وانگر منش جو سڀاءُ به چنچل آهي. ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي منهنجو دل يا دماغ بدلجي وڃن. جواني ديواني آهي، تنهنڪري مان لکپڙه ڪري ڇڏڻ ٿو چاهيان، منهنجي هـــيءَ ڪمت زندگيءَ جي ڪهاڻي صرف ٽن منشن تائين محدود رهندي. توهين منهنجو وڪيل ۽ مان. مون ڪيس ڇٽي ڇڏيو آهي ته هو هو مهني بئنڪ مان پئسا ڪڍائي توهانکي موڪلي. وصيت ۾ مون هنجي نالي ڪافي رپيا رکي ڇڏيا آهن. منهن جي ۽ توهان جي اڄ واري ڳالهه به ان ۾ لکي ويندي.

ايندڙ مهني ۾ توهان وٽ لکيت جا ٣ ڪاغذ ايندا. توهين ان تي صحيح ڪري هڪ ڪاپي پاڻ وٽ رکجو ۽ ٻه ڪاپيون واپس موڪلجو. مان توهان لـــي ڪو به بندڻ نٿو رکڻ چاهيان. جتي چاهيو اتي رهي سگهو ٿا. جيئن گهرو تيئن پئسو خرچ ڪرڻ لاءِ آزاد آهيو. پر هڪ شرط ضرور رهندو. منهنجي ننڍڙي راڻيءَ کي سکي رکجو ۽ سال ۾ ٻئي دفعا خطن ذريعي موڪلي سندس حالت کان ضرور واقف ڪندا رهجو.”

“اهو مان اوس لکندس.” اندرا هڪدم چيو. پر وري خبر ناهي ڇا سوچي چيائين، “ڇا هن کي ڇڏڻ تي توهانکي ڏک نه ايندو؟”

۽ ۳۰۰ رپيا توهان کي الڳ موڪليندو رهندس.“

الدوا سالت ۾ سوچڻ لڳي! هيءَ ايهڙي مدد نه ڪالهي! ۳۰۰ رپيا مهني ۾ سندس ڏيڻس لاءِ ضرورت کان گهڻا آهن. سندن غربت لي مٽجي ويندي. ٻيو انڪار ڪرڻ مان فائدو ئي ڪهڙو؟

ٿورو ٿورسي راجيندر چيو، ”ٻر توهان کي اها ٻڌڪيا ڪرڻي پوندي ته منهنجي اجازت کانسواءِ توهين ڪڏهين ٻ هنکي النين نه چوندا ته هيءَ منهنجي ڏيءَ آهي ۽ نه توهانجي. هيءَ اڃان ننڍڙي آهي. ڪيس پنهنجي ماءُ جي يا منهنجي ڪابه يادگيري ڪانه رهندي. جيڪا ٿوري گهڻي يادگيري اٿس اها به وقت گذرڻ سان وسري ويندي. توهان جي ڏيءَ به ننڍڙي آهي، ڪيس به گهڻو ڪجهه ياد نه هوندو. جي توهين انهي کي ڳڻو ڳڻو پاليندؤ نه وڏيون ٿي انهي پاڻ کي سڳيون ڀينرون ئي ڪري سمجهنديون. هاڻي ڪرپا ڪري ٻڌايو ته اها ويتي سوڪار ڪريو ٿا؟“

ڪجهه دير الدوا دئي جي دل ۾ ڪشمڪش جاري رهي. ڪڏهين آلر سومان ٿي جيتيو ته ڪڏهين غيرت لوپ اڳيان شڪست لي کاڌي. آخر مجبوريءَ لاچ اڳيان سر جهڪايو.

”مونکي سوڪار آهي.“ الدوادئي آهستي چيو.

”مهرباني، توهان منهنجي من تان وڏو بوجو لاهي

آهي. جي ميڊا زنده هجي ها ته ڳالهه ٻي اوالي لڳي ها. پر هاڻي مان جيڪڏهن ڪجهه به ميڊا لاءِ چوندس ته ماڻهو خبر ناهي سندس لاءِ ڪهڙا الزامـــات ڪندن. انهيڪري مون هن ڳجهه ڀيد کي لڪل رکڻ ئي واجب سمجهيو: هاڻي مونکي هن ڪڪيءَ جي ڏاڍي چنتا آهي، هنجي پالنا جو سوال آهي. انهيڪري ئي، توهان جو احوال ٻڌي، مان هنکي توهان وٽ کڻي آيو آهيان. هيءَ ابوجهه ٻار آهي. شايد توهانجي ڪڪيءَ جيڏي ٿي لڳي. منهنجي مرضي آهي ته توهين جيڪر سندس پالنا ڪريو..."

الدرا خاموش رهي.

راجيندر وري چيو، "مان توهان جو احسانمند رهندس. اهو ته توهين سمجهي سگهو ٿا ته جاگير جي حقدار هيءَ ٿي لڳي سگهي. پر هن جي خرچ لاءِ ڪافي ڌن آهي. پئسي جي ڪمي نه رهندي. پر هڪ مشڪلات آهي. انکي جي توهين چاهيو ته حل ڪري سگهو ٿا. توهين جيڪر هنکي پنهنجي ڌيءَ ڪري ظاهر ڪريو.

الدرا دبوي چيو، پر اهو ته سٺو ڪونه ليندو."

"سٺو يا خراب مولتي ڇڏي ڏيو، توهين ڪيئن پاليو لپايو پنهنجي ڪڪيءَ وانگر. سنسار کي ڏيکارڻ لاءِ هيءَ توهان جي ڌيءَ ٿي رهندي، جيستائين هيءَ ١٦ سالن جي ٿئي تيستائين مان در مهني ٣٠٠ رپيا هن لاءِ

سال مان ڪشمير واپس موٽي وڃي نه سگهيس. چاچو
بيمار ٿي پيو ۽ انهيڪري جاگير جو سڄو ڪاروبار مونکي
سنڀالڻو پيو. چاچي جي ديهانت کان پوءِ به مان جاگير
جي ڪم ۾ تمام رڌل رهيس. ۽ جڏهين ڪشمير وڃڻ
جو وقت مليم نه دل ۾ ڪو ٻيو ڪين هوم نه ڪشمير
مان موٽي مان مينا کي سندس اکيان پنهنجي پتني ڪري
سويڪار ڪندس. پر جڏهين مان ڪشمير پهتس ته
ايشور ڪجه ٻيو ئي رچيو هو..."

"هيٺو مان سمجهان ٿو ته، ساڻس لڪ چپ ۾ مونکي
شادي ڪرڻ نه گهرجي هئي؟ اها منهنجي چوڪ هئي
جو کيس گهڻو وقت اڪيلو ڇڏيم..." "پاٽرو چولدي
راجيندر روڪجي ويو؛ سندس اکيون آليون ٿي ويون.
پوءِ پاڻ سنڀاليندي چيائين، "بدقسمتيءَ کان مون مينا
کي موت جي بستري تي آخري ساهه کڻندو ڏٺو."
سندس گلو وري گهٽجي ويو. ٿورو ترسي پاڻ سنڀالي
وري چيائين، "مون لاءِ هن فقط هيءَ ننڍڙي نشاني ڇڏي
هوءَ چڻ مونسان هميشه لاءِ رسي هلي وئي. منهنجي
دل کي جيڪو صدمو پهتو اهو مان اکرن ۾ بيان ڪري
نٿو سگهان. انهن ۾ ڪيتري پيڙا محسوس ڪيم اهو
ساڳي هڪ ايشور آهي. پنهنجي هٿن سان سندس انتم
سنسڪار ڪيم ۽ ان ريت منهنجي پيار ڪهاڻي سماپت
ٿي. هاڻي ان ڪمت شاديءَ بابت ڪجه، نه چوڻ اُميد

"توهان جي ڌيءَ! ته توهان جي شادي ٿي وئي؟"

"جي. ٻه ٻهراڻ انجام ڪيو ته توهين، ان ٻاري ۾ ڪنهن سان ٻه ڳالهه نه ڪندا. توهانکي اها نه خبر آهي ته منهنجي چاچي کي وڏي جاگير هئي ۽ هن موتکي ئي پنهنجو ٻٽ ڪري پاليو هو. هنکي پنهنجو نه ڪوبه سڳو ٻٽ ڪين هو. موتکي سندس گهڻو پيار هو ۽ هن موتکي پوري آزادي ڏئي ڇڏي هئي. درياءَ ڇڙو يا سڙياڪو، اچانڪ منهنجو ٻرام هڪ ماسٽر جي ڌيءَ سان ٿي ويو. موقعي ملڻ تي مون چاچي سان پنهنجي ٻرام بابت ڳالهه ڇيڙي ؛......"

"۽ توهان جي ڳالهه ٻڌي ٺاڪر صاحب ناراض ٿي ويو، ائين نه؟" اندرا ديويءَ ڏانهس نهاريندي سوال ڪيو، "جي ها. هن صاف چيو ته هن جي تون الهيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪندين ته مان توکي پنهنجو وارث نه ڪندس."

مان عجيب الجهن ۾ پئجي ويس. نه مان پنهنجيءَ پياريءَ مينا جي دل ٽوڙي ٿي سگهيس. پوءِ... منهنجي ڪانئرتا سمجهو يا اهي سمجهي، مون آخر ڳجهه ڳوهه ۾ مينا سان شادي ڪري ڇڏي ۽ هوا بدلائڻ جي بهاني ڪشمير هليو آيس. هڪ سال سائنس گڏ رهيس انهن وچ ۾ هن ٻڪيءَ جو جنم ٿيو. چاچي کي جيئن شڪ نه پوي انهيءَ ڪري موتکي واپس اچڻو پيو ۽ پريا چار

اڄ ڪو سار لهڻ وارو به ڪونهي. سڀ سک جا ساٿي هئا. دک ۾ انسان کي اڪيلو ئي سهڻو پوندو. اسان وٽ ڪجهه ملڪيت، جواهرات جي وڪري مان اچيل هئي. هيءَ جڳهه، مسواڙ جي خيال کان چڱي سستي لڳي. ان وقت ته وڏين مسواڙن ڀرڻ جي اسان ۾ توفيق به ڪانه هئي، سو هيءُ گهر ڪٺي ورتوسين. هتي ئي منهنجي پتيءَ جـو مرڻو ٿيو. غربت ۽ بيڪسيءَ ۾. دل ۾ اولهو درد سمائي، هو راهه رباني وٺي هليو ويو ۽ مون اڀ سهاريءَ کي اڪيلو هن الاهه عالم ۾ ڇڏي ويو." اندرا جي دل ڀرجي آئي ۽ اکين مان آنسون وهڻ لڳس.

ٿوري دير بعد چيائين، "سندس مرڻ کي اڄ ته سال ٿي ويا ۽ هن وقت منهنجي ڪڪي ٽن سالن جي آهي. ڌن دولت سڀ خلاص ٿي چڪو آهي، هينئر ته ڪو به اپاءُ سمجهه ۾ نٿو اچي. خبر ناهي ايشور کي ڇا منظور آهي؟ ساس ڏنو اٿس ته گراس به ضرور ڏيندو."

"انهن سڀني ڳالهين جي مون کي اڳئين هفتي خبر پيئي." راجيندر چيو.

............

ٿوري دير تائين ٻئي سانت ۾ رهيا. راجيندر ڪمار هڪ دفعو هنڌ ۾ ويٺل ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو ۽ وري اندرا ديوي ڏانهن نهاري، ٽهڪندي چيو، "اندرا ديوي، مان توهان سان هڪ راز کولڻ ٿو چاهيان. اهو راز، منهنجي هن ڌيءَ جي باري ۾ آهي."

ڏکي، کي ڪٺي هنج ۾ وهاريائين.

”ڇوڪري توهانجو احوال ٻڌي نهايت گهڻو افسوس ٿيو آهي.“ راجيندر همدرديءَ جي لوڙه ۾ چيو.

”پر ڪمار صاحب! ايترو سهڻدي صرف اها خوشي اٿم، جو ٻچڙيءَ ٽانئين اسين پنهنجي راجا جي حمايتي ٿي رهياسين. بس اهائي هڪ سنتوش جي ڳالهه آهي.“

”ته توهين ... ڪجهه به ڄاڻي نه سگهيا؟“

ڪمار صاحب سوال ڪيو.

”ڪجهه به نه. اسان کان جاگير کسي ويئي، اسان کان مال مولڙو ڦري ويو، اسانجو شان مٽيءَ ۾ ملائي ويو، ٽالوٽي مٽجي ويو.“ ايترو چوندي سندس ڪلو ڀرجي آيو ۽ هوءَ روڪجي ويئي.

”ائڏي ڦرلٽي پنهنجي راجا جي صدقي! ڏن آهي توهان جو خاندان!!“

الهداد ٻوي خاموش رهي.

”توهان پلا پنهنجن مترن کان ڇو نه مدد گهري؟“

”مترن کان مدد! اکيا ڏن ٻڪ ۾ مرڻ بهتر آهي. جنهن ٻين کي سهائتا ڏني، سو خود انهن اڳيان هٿ ٽنگي! جيستائين منهنجي ٻتيءَ وٽ ڏن هو، جاگير هئي، راڄ دربار ۾ مان هو، ايستائين سڀ سندس دوست هئا. پر سڀو مترا اهو جو مشڪلات ۾ ساٿ ڏني. هنن نه ماٺا ڏني پٽ نه دوستن ئي ڏني پٽ.

داسيءَ ذرا هٻڪندي چيو، "مالڪ! هو اڪيلو ڪونه آهي، ساڻس گڏ هڪ ننڍڙي ڇوڪري به آهي."

"هان! تو ٻاهران ڇو نه انهن ٻڌايو؟" ۽ ڪجهه سوچ ڪري چيائين، "چڱو وڃ ۽ کين جلدي اندر وٺي اچ."

داسي ٻاهر وئي ته اندرا ديوي اٿي وئي. هوءَ خيال ڪرڻ لڳي، "راجيندر ڪمار! ياد ٿو پويم ته اهو نالو ڪٿي ٻڌو ضرور اٿم. پر پورو ياد نٿو اچي ته ڪٿي؟"

انهن ئي ٻڌڻ ۾ هئي ته در وٽان آواز آيو. "مان اندر اچي سگهان ٿو؟"

اندرا ديويءَ جون اکيون مٿي کڄيون. هڪ ڏهوڪو ۽ سهڻو جوان سامهون بيٺو هو.

"اچو اندر تشريف رکو."

"اوهين ته مونکي ڪونه سڃاڻندا هوندا؟"

نوجوان اندر ايندي چيو.

"معاف ڪجو، مونکي ڪجهه به ياد نٿو پوي."

"ٺيڪ آهي، توهان جو ڏوهه ڪونهي ڇو ته مان هن کان اڳ توهان سان ڪڏهن به ڪونه آهيان. پر منهن جو چاچو ٺاڪر صاحب ......"

"ها، ها، اچي ويو خيال ۾." اندرا کيس ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪندي چيو، "ٺاڪر صاحب کي ته اسين چڱي طرح سڃاڻون."

راجيندر ڪمار ڪرسيءَ تي وڃي ويهي رهيو ۽ ننڍڙي

مالي ڪالي، ٻئي ڪرڻ جي ارادي سان هوءَ ڪتاب کڻي پڙهڻ لڳي. پر پنهنجي ذهن منجهان ۾ ئي لفظ لـي پيئي. من ڪتاب ۾ نه لڳس. هوءَ وري ازخود سوچ ۾ پئجي ويئي، ”جي مولڪي جيترو رهڻو ليڪي آهي ته هن طرح ڏينهن ڪيئن ڪٽبا؟ پر هاءِ! ڪيئن به ڪري مولڪي پنهنجيءَ سڪيلڌيءَ ڌيءَ جي صدقي هن پوڄي سمان جيون کي هلائڻو ئي پوندو، نه ته هوءَ وچاري ايهو ڪيڏاهن ويندي؟“

چوطرف خاموشيءَ جو راڄ هو. رجني راڻي به هينئر آڪاس ۾ پنهنجي چمڪي هئي. ننڍا ستارا ڪڪر منڊل ۾ ٽمڪ ٽمڪ ڪري اندرا کي ڏسي رهيا هئا. دري کليل هئي ان مان ٿڌي هوا بيپرواهيءَ سان ڏوڪ ڏوڪ ڪندي اندر اچي رهي هئي. پر اندرا ٿڌيءَ هوا کان بيپرواه، پنهنجي ئي خيالن ۾ غلطان هئي ته اچانڪ سندس در وٽ ٻاهران ڪنهن ڪاڏيءَ جي ٻهڪ جو آواز آيو. هوءَ چرڪي ويئي. سندس خيالن جي ڌارا ٽٽي پيئي.

* * *

دروازو آهستي کليو، ”سائڻ! راجيندر ڪمار نالي ڪو شخص توسان ڪڏجڻ آيو آهي.“

”راجيندر ڪمار! ناله نه پڌل آهي. پر هيڏي مهل راتع جو ڇو آيو آهي؟ داسي، چئينس ته هينئر ڪوله ڪڏجي سگهندي، صبوح جو اچي.“

گناهه ٿيو آهي؟... ھي ڪهڙن ڪرمن جو ڏنڊ مونکي ڏئي رهيو آهين؟؟"

اتري ۾ گهڙيال انهن جا ٺڪاءَ هڻي سندس ڌيان ٻاهر ڏانهن ڇڪي ورتو. گهڙيال ڏانهن نهاري اندرا ديوي وري به پاڻ سان ڳالهائيندي رهي، "صرف ۸ لڳا آهن! اوه، مون لاءِ ته هڪ هڪ ڪلاڪ يُگ سمان آهي!"

ان وقت ڪنهن دروازو کڙڪايو.

"اندر هلي اچ" اندرا ديوي ورائيو.

هڪ ٻڍي عورت هٿ ۾ ٿالهي کڻي اندر گهڙندي چيو، "سائين ناراض نه ٿيو. صبوح لاڪر واسطه ۽ ڪوله چوڻ آئي: هي ٿو مهنجي ڪانڌ لاءِ ڪجهه کڻي آئي آهيان. مون ٻڌي ڪي چوڻي ستائين؟ مهنجو چيو مڃي به گهٽيون نه وات ۾ وجهه." اهو چوندي ڏيئي ٻاهر سان ڏانهس نهاريائين ۽ ٿالهي پرسان ٻل مٿ تي رکي، در ٻيڪڙي ٻاهر نڪري وئي.

وقت وقت جي مهما نرالي آهي. گهڙيءَ جا گهڙيال ٻيا وڃن. انسان ڪڏهين پريءَ ۾ آهي ته ڪڏهين ٻاڪر ۾ سج به ناچا آهي. جنهن جي حاضريءَ ۾ ڪنهن وقت الڪ داس ۽ داسيون حاضر هيون، ان جي شيوا لاءِ اڄ فقط هڪ داسي وڃي اچي رهي.

پڙيءَ جي ممتا کي اندرا نازي نه سگهي ۽ هڪڪي ڏوريءَ ڪانٽو پيو.

# اُلفت جي آگ

شريمتي اندرا ديوي جنهن ڪمري ۾ ويٺي هئي، سو ڪنهن وقت رامنگر جي سڀ کان حسين راجڪماريءَ جو هو. اڄ به وقت جي گردش کان ٻاٽي حالت ۾ هوندي به نهايت عاليشان نظر اچي رهيو هو.

سنڌيا جو سمو هو. ٿوري مهل اولاهين ٿي هئي. اندرا پنهنجن خيالن ۾ مگن، اڻ خيالي، اُٿي ڪمري جي اولهه طرف واري دري کولي، ۽ سڳنڌ ڀري هوا جا جهونٽا، دريءَ مان اندر لنگهي شريمتي اندرا ديويءَ جي ڏکن ۽ گهائن وارن سان کيڏڻ لڳا.

ڪشمير ۾، سرينگر ۾ جهلم نديءَ جو فرحتي نظارو نظر اچي رهيو هو. آڪاس ۾ اڇا رات راڻيءَ جي اڇل ۾ ڪجهه وقت پيو هو. اندرا ديويءَ سرد آهه ڀري چيو، "هيءَ زندگي ۽ موت کان به بدتر آهي. مٿس هن سنسار ۾ اميد جي سهاري ئي زنده رهي ٿو. منهنجي به هڪ تمنا آهي، هڪ ئي آس آهي. اسان کان مان ۽ شان، عهدو ۽ اقبال، مال ۽ ملڪيت ۽ مٽي، سڀ کسيا ويا. منهنجو پتي ئي، مونکان پريم موهه کسي ويو. هينئر ننڍي ڪڪيءَ کانسواءِ مونوٽ ڪجهه به نه بچيو آهي. هي پرماتما!... مونکان ڪهڙو اهڙو ڀاري

ڪنھن کي اظهار انداز ڪري سندس سوالن ۽ سگهند جو ساٿ ونڊيو.

انهيءَ لطف لاءِ داد وري ٿو، اوهانجي قدر شناس دل ۽ نزاڪت پريءَ اک کي آءٌ آهي ۽ نه هن ناچيز جي ناقص قلم کي.

"ڪهڙين ڪين پوائرو ڪيني منجهان ڪين
جي هوءِ سانٽي سيگهه، تہ زه چئي جوڪي ٿئي"

(سومن ڪلهاڙ)

ايشوري جوتواڻي

جون ١٩٦٨

## پروفيسر ايشوري جوتواڻي جا ڇپيل ڪتاب

١- محبت جو اياڳ (ناول)

٢- ڪرامتي ڪولڪ

٣- ڪولڪي گلدستو

٤- پيشر پتاشا

٥- اوجهن

عالمي مضمون لکي، نه صرف هن ڪتاب جو شان وڌايو آهي. پر وڏيرن کي سٺي خوراڪ مهيا ڪري ڏني آهي. ۽ شري لالواڻيءَ نه پنهنجي ٻوليءَ ۾ چڱي محنت ڪري، هيءَ ناول ڇپائي تيار ڪيو آهي.

ڇپائي جي اسٽيج کي تيار ڪرڻ ۾ جيٺوٽيڪ چڱي محنت ڪئي وئي آهي پر انهن هوندي به هن ڪتاب ۾ ڪي ڪچايون ڦڪايون رهجي ٿي ويون آهن.

هاڻي هيءَ ناول وٺي 'گل' ڏانهن پروفيسر ۽ پاٺڪن اڳيان پيش ڪريان ٿو، گلاب جو گل اهڙو آهي جنهن کان اڳ ڪنڊا هوندا آهن. انهن ڪنڊن تي جڏهن اندر ماڪ ۽ سج جا وڻندڙ ڪرڻا ڪرندا آهن، تڏهن انهن منجهان سرهاڻ ۽ سڳند وارو گلابي گل نڪرندو آهي!

هونئن به اهڙو ڪو گلاب ورلي هوندو جنهن ۾ ڪنڊا نه هجن! اهڙو ڪو انسان ورلو هوندو جنهن ۾ اوڻايون نه هجن!! ۽ اهڙو ڪو ورلو ساهتڪار هوندو (يا ٿي گذريو هوندو) جنهن چُڪون نه ڪيون هجن!!!

پر هن ڪتاب ۾ جيڪڏهن ٿوهالڪي ڪوتاهيون ۽ ڀيانت نظر اچن، ٿورو هيڪاڻ يا حسن ڏسڻ ۾ اچي ته

دنيا ڀر جي پرسڌ ساهتيڪارن جي انيڪ رچنائن بابت، هو انهن کي پڙهڻ ۾ ذڪر ڪندو هو، پر وري وري هڪ ڪتاب، 'Thais' جو ذڪر ڇيڙيندو هو، اهو، فرانس جي مشهور ليکڪ اناتولي فرانس (Anatole France) جو جڳ پرسڌ شاهڪار آهي. ان ناول جي ڪهاڻي پڙهندي منهنجي دل ۾ عجيب جنبش ايندي هئي ۽ شايد اهيءَ جنبش منهنجي اندر - من جي ويڪا جي ستارن کي اهڙو ته لوڙهه ۾ آندو، جنهن جي اثر کان مان "الفت جي آڳ" جي ڪن ڪردارن کي ٻچائي نه سگهيس.

١١ سالن جي عرصي ۾ انيڪ آزمودا ڀوڳيا اٿم. ابياس ۽ آزمودن جي واڌارن ۽ عبادت لي اثر پوئتو سمجهڪري اهين چوڪ صحيح ليکندو نه جيڪڏهن هيءَ ناول اڄ لکان ها ته بهتر نموني ۾ پيش ڪري سگهان ها.

"الفت جي آڳ" جو هيءُ ٻيو ڇاپو، سڌاريل ڇاپو (Revised Edition) آهي. مان مالپور ۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ ۽ چندرا آڏواڻيءَ جو بيحد شڪرگذار آهيان جن جي همت افزائيءَ ۽ سهڪار بنان هيءُ ڪتاب وجود ۾ نه اچي ها. ۽ مان نوراتي آهيان، پروفيسر ڀاڳڻي هيرالعداڻيءَ ۽ شري چندالند لالواڻيءَ جو. ٻڪڻي منهنجي ٻوري ڇوڪ ڪي مان ڏٺي، پڙهڻ جو ڇڪوڻي وقت خرچ ڪري، "ناول جي اهميت" اي

ڏک جي ڳالهہ اها آهي تہ اڄ جا ايڪ ليکڪ جڙواد (Materialism) کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهي زندگيءَ جي آتمڪ معيارن (Spritual Values) ڏانهن ڪو توجه نٿا ڏين.

اهي صاحب صرف 'Sex' کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهن ٿا ۽ انهي آڌار تي ڪامياب ڪهاڻيون يا دلچسپ ناول ڪري پيش ٿا.

اڄ ايڪ فحش ڪهاڻيون ۽ افسانا خيالن سان ڀرپور آکاڻيون مخزن ۾ شايع ٿي رهيون آهن، اهي مخزن پاڻ کي ترقي-پسند ساهتيہ پيش ڪندڙ جو خطاب ڏيئي رهيون آهن!

پر انهيءَ ۾ شڪ جي گنجائش ڪانهي تہ اهڙو فحش ساهتيہ سماج جي لاءِ زندگيءَ جي سامان بدران بربادي جي بارود جو ڪم ڪري رهيو آهي.

منهنجو اهو سوڀاڳيہ هو جو مونکي هڪ اهڙي اعليٰ ساهتيڪار جي سنگ جو لطف مليو، جو شاعر ۽ فيلسوف هو. دنيا جو پيار ۽ پريم جو ساڪار روپ هوندو هو. پر هن جي پيار جو نظريو نرالو هو! هو زندگيءَ جي آتمڪ معيارن جو حامي هو. هنجا ايڪ پستڪ اڄ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڏاڍي چاهہ سان پڙهيا وڃن ٿا. ڪي ٿورا اهڙا هوندا جن وشو ساهتيہ جو ايترو ابياس ڪيو هوندو جيترو هن درويش ودوان ڪيو آهي!

هڪ سلسلو آهي. اهي آزمودا جيون کي ساڳيا ڏيئا ملن. هر ڪنهن ساهتيڪار جي رچنا انهيءَ ڪري، ڪجهه قدر، سندس ماحول کان ضرور متاثر ٿئي ٿي.

ساهتيه جو هڪ مکيه عناصر آهي من جي موج، ۽ ولولي جي اوت ۽ ساهتيه ۾ "اُگهاڙپ" جا اجايا سڃايا چٽر چٽڻ موجود ڪونهي. اڄ جا ڪيترا اهڙا اديب آهن، جيڪي "ڪلا، ڪلا جي لاءِ" وارو آدرش پنهنجي اڳيان رکي، پنهنجين رچنائن ۾ فحش عشقبازي، چٽو هيٺيا يا جنس کي ئي جديد ساهتيه (Modern Literature) ٿا سمجهن. منهنجو من اهڙي آدرش يا آدرش کي نٿو مڃي. شايد انهيءَ سبب آهي جو مون کي پروفيسر رام پنجواڻي، پروفيسر لولي هيرانندا ڻي، شري گوبند مالهي، شري سندري، تارا ميرچنداڻي، شري ڪشنچند ناگراڻي ۽ شري چندو لعل جيسنگهاڻيءَ جون رچنائون وڌيڪ وڻنديون آهن، جن ۾ ولولي سان گڏ، حقيقت کي ڪلاميه نموني ۾ پيش ڪندي، آدرشن کي نه وساريو ويندو آهي. حقيقت، ڪلا ۽ آدرشن جي اهڙي انوکي تروينيءَ ۾ ٽٻي ڏيئي پاڻ کي ڀاڳ وارو سمجهندو آهي. پر اهي ناول يا ڪهاڻيون، جن ۾ نڪا ڪا ڀاونا آهي ۽ نڪي ڪا سکيا سمايل آهي، اهڙو ساهتيه سماج جي پاڻيءَ مثل آهي، جو هوندو نه جام آهي پر پياس اجهائي نه سگهندو آهي.

# ٻه اکر

## پهرين هي پڙهو

(ليکڪا جي قلم مان)

"اَلفت جي آکر" ناول، ١١ سال اڳ لکيو هئم. ان وقت مون کي خواب خيال به ڪين هو ته ڪڏهن وقت هيءُ پستڪ، پونا وشو ودياليه پاران، بي. اي. جي وديارٿين لاءِ درسي ڪتاب ڪري مقرر ڪيو ويندو.

هن ناول ۾ نه ڪو سماجڪ مسئلو کنيل آهي ۽ نه ڪا غير رواجي ڪهاڻي ڏنل آهي. منجهس نه ڪي چيدي عبارت آهي ۽ نه اصطلاحي ٻولي ڪتب آندل آهي. تڏهن هوندي به هن ناول، ڪيترن جي دلين کي ڇڪيو آهي، انهيءَ مان ظاهر آهي ته طرز عبارت کان وڌيڪ اهميت واري آهي انسان جي ڀاونائن ۽ اوچ ويچارن کي، پريم جي پرتاپ ۽ الفت جي الوکي اثر کي ۽ زندگيءَ جي آدرش ۽ اوچن معيارن (Higher Values) کي.

ناول ساهتيه جي هڪ مکيه شاخ آهي. ساهتيه جو زندگيءَ سان گهاٽو سٻنڌ آهي ۽ زندگي هر ڪڏهن لاءِ ساڳي نٿي ٿي سگهي ڇوته زندگي آزمودن جو

۾ اُچي ٿو. سندي ليکڪ هوا ۾ لٽڪي رهيو آهي.
ڪئمپ آهي، ڪالوني به آهي پر پنهنجو ڳوٺ،
پنهنجو ڳامـڙو ڪٿي؟ پنهنجي ڳوٺ جو والارو
زندگيءَ جي لنڊن سان گڏ اُڀي وڃي ٿو. اساڻي
پوءِ ڪسجي وئي آهي، اساڻي زندگيءَ جي اُٽس
جا ڌاڳا ڇڄي پيا آهن. ان حالت ۾ شاهڪار ڪيئن
پيدا ٿيندو؟ ناول ۾ ڪٿي ڪيل والارو ڪي پنهنجي
وس ۾ ڪيئن رکي سگهنداسين؟

”ڪيترا ولڙ ڪان وڇڙي هتان اُڏي هت اچن ٿا
پراڻي پرت اوالي رهت اختيار ڪري ٿو زندگيءَ جو
اُهو اصلي هڪڙو ڪٿي؟“

ٻمبئي- ١٩٦٨-٥-٢٩

شاهڪارن کي سنڌي جامو نه پهرائي وڃو آهي ۽ سنڌيءَ ۾ خود اصلوڪر شاهڪار پيدا نه ٿيو آهي!

ورهاڱي بعد رام پنجواڻي، گوبند مالهي، سندري اتمچنداڻي يا موهن ڪلپنا نراشا جي انڌڪار ۾ مشعال کڻي بيٺا آهن جا هڪ هٿ مان ٻئي ۾ اچي جلندي رهي آهي. پر ان مشعال جي روشني ۾ اولين ناولين ڦهلجي نه سگهي آهي. اسانوٽ ڪوبه ناول نگارن جو ناول نگار نه ٿيو آهي، اهو ناول نگار جو سنڌي ساهت کي اي مثل بـڳـ انتڪاري موڙ ڏيئي، اهڙين کي رواجن مقرر ڪري جي ايندڙ پيڙهه جا ليکڪ جهٽين ۽ اپنائين، پيدا نه ٿيو آهي.

اسانوٽ ناول گهٽائي آهن ۽ اهڙو ڪو ڪونهي جنهن ۾ زوردار ڪهاڻي يا اڻ وسرندڙ ڪردار هجن. اڪيلا ۽ هاڻوڪا ناول نوٽس نه آهن ۽ اهڙو ڪو ڪونهي جو وشيه نباهڻ جي فن ۾ يا انساني رشتن جي اڀياس ۾ اهڙو ڪامياب وڃي جو پيا ريسون ڪن! ائين ڇو آهي؟

چاڪاڻ نه اسانجي زندگيءَ کي Setting ئي ڪانهي! لڏاون ۽ بيگانا ڪٿين شاهڪار پيدا ڪندا؟ پارسين صدين کان گجراتيءَ کي اپنايو آهي پر ڪڏهن پارسيءَ ڪڏهن گجراتي ڀاشا ۾ ناول لکيو آهي؟

هر هڪ جاتيءَ کي پنهنجي هڪ Setting آهي. زندگيءَ ۾ Setting ملي ٿي نه Situation ٺي Grip

ني وڏي آزاديءَ سان خفي نيٺ لکي ٿو. انگريزي واقعن جي اهميت جڏهن گهٽجي ويئي آهي. اڄ ناول ۾ زوردار ۽ اثرائتا واقعا وجهڻ جي روايت هئي هاڻ هر روايت جيان اها روايت به ٽٽي پئي آهي.

الڏهين ۾ ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌڻ وجهڻ لاءِ ڪا ڪا گهٽنا نه ٿيندي لي رهندي. واقعا آسپاس ڪ ۽ هيٺ ڪهرجن. هندستاني ناول ڪان فرينچ استريءَ جيان هٿ ۾ پستول کڻي ماڻس جو خون نه ڪرائجي، ليڪن ولائتي مرد جيان ناول جو ويهو ڪرائي آلجو هٿراد ۽ ماڻهوءَ آڻجي. ڏيش، وقت ۽ جاءِ جو هميشه خيال رکجي.

تواريخي ناول لکجي نه الهاس سان مذاق نه ڪجي ۽ تواريخي انگافن سان نباهجي. ڪنهن خاص قوم، جاءِ طبقي يا ڪٽنب جي ڪردار هٿان واقعو ڪرائجي نه سچائيءَ سان نباهجي. ناول لوس جو ايپاس اهڙو ڪهڙو هٿ ڪجي جو هو ماحول، ڪردار جي چرچ ۽ حالتن انوسار نئي واقعو چٽي.

سنڌي ناول جي شروعات ترجمن سان ٿي ۽ اصلوڪي ناول "زينت" کي چوٿين صديءَ کان مٿي وقت ٿي ويو آهي. ان وچ ۾ اليڪ قصا، داستان، شيش محل ۽ رنگ محل، تواريخي ۽ سماجڪ ناول لکيا ويا آهن. نوجوان لکڻي وڪ ڏٺي وشو ساهت جي

ڪردار ڪٺ پتليون ناهن جنکي ليکڪ ڏور سان هلائي پر اهي آزاد آهن، پنهنجي شخصيت انوسار پلون ڪن ٿا، هارائن ٿا ۽ جيتن ٿا. ليکڪ جي تيز نظر، باريڪ بيني ۽ حياتيءَ جي جاچ ڪري ڪردارن جي ڏول ڏيل، هلت چلت، ڳالهائڻ ٻولائڻ وغيره ۾ تفاوت ٿئي ٿو ۽ اهي هڪ ٻئي کان نرالا لڳن ٿا. لڪشمڻ ۽ ڀرت جي سڀاءَ ۾ تفاوت آهي. راڌو ۽ چندر ٻئي غيرتمند مرد آهن پر ٻئي ساڳيا نه آهن. سسئي ۽ سهڻي ٻئي سڪ ۾ توڪن ٿيون پر ٻنهي جي سڪ ۽ توڪ ۾ تفاوت آهي، ٿورو نه، جهجهو تفاوت!

ڪردار ۽ واقعا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل رهن ٿا. ڪو وقت هو جڏهن ناول ۾ آلدل واقعن لاءِ ڪن ليکن جي جي پابندي ضروري هئي. پر اڄ جي زندگي واقعي وٽ اٽڪي نه ٿي بيهي. اڳي ڪنهن ناول جو هيرو ڪڏهن ڪري ويندو هو نه هيروءِ انجي موت سان پنهنجي زندگي پڌي بيهي ويندي هئي. پر هاڻ ائين نه ٿو ٿئي، نه ٿي ائين ٿيڻ واجب لڳي ٿو.

اڳي انسان زندگيءَ جي بار هيٺ دٻجي ويندا هئا. هو ڪو ڪرن. ڪو بار پيو کڻندو پيو هلندو هو، پنهنجو نه هوندو هوس نه ٻئي جي زندگيءَ جو بار پنهنجي ڪلهي تي کڻي هلندو هو. هاڻوڪو انسان پنهنجو بار نه اڇلائي ڇڏي ٿو. هو هر بندن کان مڪت ٿيڻ چاهي ٿو. آزاد

ڏيکي پرائي ڪري ٿو.

ناول ۾ ان طرح جا ڪردار هٿ ڪري جن جي اسانکي پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ نظر اچن ٿا. سڄو ناول نويس عام مان ڪردار کڻي ٿو. اهي ڪردار جنهنجي عقيدن، ارادن ۽ آزمودن ۾ سچا ۽ پڪا آهي. هنن ۾ زندگي ڦوڪي ناول نويس کين زنده بڻائي ٿو.

ڪي آزمودگار ليکڪ ته هڪ طرف نيڪناميءَ ۽ پرهيزگاريءَ جا پتلا خلقيندا آهن ۽ ٻئي طرف اهي انسان جن مان بدڪاريءَ جي بوءِ اچي ٿي هڪڙن سان پاسخاطري ڪري انهن کي ديوتا سروپ بڻائيندا آهن ۽ ٻين کي دئت، جيئن رام پنجواڻيءَ جي ناول ”آهي ناهي“ ۾ ڏسون ٿا. رميش دادا جهڙو ڪردار هن دنيا جو رهاڪو ناهي. هن دنيا ۾ ڪي اهڙا ته شخص هوندا جن ساري ڄمار سماج سڌار جو ڪم ڪيو، جيتري اي جيتري شاديءَ کي ننديو، عمر چڙهيل جي ننڍي ڪنوار سان لانون لهڻ جي برخلاف ڳالهايو پر پاڻ پيرس پڄي پوڙهيءَ عمر ۾ مٿيون ٻئي خطائون گڏو گڏ ڪري ويٺا!

جيون جي اهائي حقيقت آهي. ان حقيقت کي سچائي رامائڻ لکندڙ، رام کان به خطائون ڪرايون آهن. ليکڪ زندگيءَ جي بنيادي احساسن کي ڄاڻي ٿو. ان ڪري اهڙا ڪردار ٿو خلقي جي امر بڻجي ٿا وڃن ۽ موت ۾ ڪيس به امر ڪن ٿا.

معني ۽ اثر جي خيال کان سنڌيءَ جو محاورو اهڙو آهي.

ساهوڪار هٽ جي ناڻي کي قرض لڳائيندا آهن. مهاڳوي نڪور نقر سان جوڙيندو هو ته، مون بنگالي ڀاشا کي اڍائي هزار نوان لفظ ڏنا آهن. پنهنجي ٻوليءَ کي شاهوڪار نه ڪجي نه ڪانس ڪجهه، کسي ڪيس غريب ته نه ٿا بڻائجي! تعليمند امولڪ لفظ مل ان ڪري هميشه جهونا لفظ ۽ ديهاتي محاورا هٿ آڻيندو هو ته جئين ٻوليءَ ۾ اهي لفظ ته سوگها قائم رهن.

ٻن قسمن جا ناول شاهڪار ٿي ويندا آهن: هڪڙا جن ۾ آکاڻي زوردار هجي ۽ ٻيا جن جا ڪردار پختا هجن. ان ڪري ناول نگار جو ڪوشش ۾ گهڻو ڌيان انهن ٻن ڳالهين لهڻو.

جهان خلقيندڙ انسان خلقيا آهن. هرهڪ انسان کي ٽن گڻن، ستو، رجو ۽ تمو جو مرڪب بڻائي منجهس انسانيت، ديوتاپڻو ۽ راڪاسپڻو وجهي ڇڏيو اٿس. انڪري هرهڪ آدمي چڱاين لڳاڻ جي هڪ پتليءَ مثل آهي. چور ۽ خوني به يتيم ٻالڪ لاءِ رحم ڪائي ٿو ۽ بيواه استريءَ کي مدد ڪري ٿو، هوڏانهن ساڌنا ۾ سالن جا سال گذاريندڙ ساڌو، مندر ۾ آيل ٻال جا مٽيا ڪٽي، ڪيس ماري، منڊس لاش ٻوڙي ڇڏي ٿو! ساڌو ۽ چور ٻئي انسان آهن. ٻنهي ۾ ستو ۽ تمو گڻ آهي. چور ستو گڻ جي وس ٿي چڱائي ڪري ٿو ۽ ساڌو تمو گڻ کان

ٻوليءَ جي ڄاڻ نه هوندي نه ڪردار جي زباني، وقت، طبقي، جنس، تعليم، عهدي ۽ ذاتي مطابق ان کان لفظ ڪيئن چوارايا؟ زال جي منهن ۾ ڦلانا محاورا يا مسلمان جي وات ۾ سنڌس تهذيب يا عقيدي اوسار جملا ڪيئن وجهي سگهيا؟ جي ناول نگار لفظن جي جڙت ۽ اصطلاحن ۽ پهاڪن کي استعمال ڪرڻ جو هنر نه ڄاڻندو ته منظر ڪيئن چٽي سگهندو؟

افسوس آهي جو هن وقت سنڌي ليکڪ ٻوليءَ ڏانهن لهايت لاپرواهه رهن ٿا. ٻوليءَ جو ساهه سواد زمين سان ڳنڍيل رهندو آهي. نوجوان- ليکڪ پنهنجيءَ زمين کان دور هلي آيا آهن، ڌاري ٻوليءَ ۾ انگريزي ۽ هنديءَ سان واهپو اٿن انڪري پنهنجيءَ ٻوليءَ کي وڌائڻ بدران سسائيندا ٿا وڃن.

شيام جيسنگهاڻيءَ جو ناول 'ڪچا ڌاڳا' ان ڳالهه جو ثبوت آهي. ناول سنڌيءَ ۾ لکيل آهي، پر هر باب جي شروعات، وچ ڀاڱيءَ ۾ انگريزي شاعرن جون ٽڪون شامل ڪيل آهن. لکي ٿو، ليکڪ سوچي انگريزيءَ ۾ ٿو ۽ لکي سنڌيءَ ۾ ٿو! محاورا ڪتب آڻڻ مهل به سنڌيءَ جا صحيح محاورا ڪتب نه ٿا آڻين. اوم ايپنداٺي پنهنجي ناول "هڪ جو اسان جيئون" ۾ لکي ٿو "زخم ساوا ٿي ويا!" هنديءَ يا اردوءَ ۾ "زخم هرا هو گيا" محاورو آهي. سنڌيءَ ۾ چئبو آهي، "ڦٽ اڪلجي پيو"

ھلت چلت ۽ ڳالهه جي پسنديءَ کي ڪيئن نه ظاھر ڪري، ھڪ ڪردار کي ٻئي کان نرالو ڪيئن نه پيش ڪري... انھن سڀني ڳالھين مان ناول لکڻ جو فن ظاھر ٿئي ٿو. حسن بياني ناول جي ھڪ مکيه وصف آھي. ليکڪ ۽ پاٺڪ جي وچ ۾ اھا وصف ڪري ئي قائم ٿيندو آھي. سنسڪرت ساھت ۾ رس کي ان ڪري ئي مھتو مليل آھي جاڪاڻ ته ليکڪ جي رس پيدا ڪرڻ جي شڪتي پاٺڪ جي من کي پاڻ وٽ سوگھو رکي سگھي ٿي. ماحول انوسار ليکڪ پنھنجي بياني طرز سان پاٺڪ جي من کي جڪڙي رکندو آھي.

پنھنجي من پسند بياني - طرز ڪتب آڻڻ لاءِ ٻوليءَ تي دسترس ھئڻ ضروري آھي. ناول نويس جي لکڻيءَ ۾ ڪشش، روح ۽ جذبو ھئڻ گھرجي. سندس ٻولي عام فھم ھجي ۽ جاندار ھجي، سليس ھجي ۽ چست بندش واري ھجي. گھرگھلي ۽ پيلي زبان ڪتب آڻڻ سان بياني طرز جي دلڪشي غائب ٿيو وڃي. ان ڪري ليکڪ کي شبدن جي استعمال، محاورن جي ڄاڻ، جملن جي صحيح بيھڪ وغيره جي ڄاڻ ھئڻ گھرجي. ڳ. ڳ. ڀلا گفتگوءَ ذريعي وصف سان ڪيئن نباھي سگھندو؟ گفتگوءَ ۾ سياوڪتا ڪيئن آڻيندو؟ گفتگوءَ وسيلي ئي ڪھاڻي اڳتي وڌي ٿي، ڪردارن جو چرتر چٽجي ٿو ۽ پڙھندڙ ڪردار سان دوستي ڪندي ٿو.

۽ آتم گيان، مدو گيان ۽ وگيان جي ميل مان جڙيل ٺهندڙ نظريو اسان سان اڳيان رکندو.

ناول نويس لاءِ ناول ائين آهي جيئن ايشور لاءِ سنسار، جيڪي ڪجهه جهان ۾ آهي سو ناول ۾ اچي سگهي ٿو ۽ پيار تڪرار، حسد موهه، روئڻ ڳائڻ، اچڻ ڳالهائڻ، چڱائي لڳائي، شهر ڳوٺ، هندستان انگلستان... ليکڪ جي ڪلپنا شڪتي پرماتما جي ورات سرجن شڪتيءَ سمان آهي. پاتال ۽ آڪاس جي وچ ۾ آهي سڀ ڪجهه ۽ پاتالان پاتال، لک آڪاسان آڪاس! هو حقيقت ۾ منهنجو تصور ملائي اهڙو جام تيار ڪري پڙهندڙ اڳيان رکي ٿو، جو هي پڙهندڙ جهومندو رهي ٿو. باقي ته جي ڪهاڻيءَ جي اڏاوت ۾ فلاسافي ۽ منو وگيان ملائي عمدي ۽ هڪ سيمينٽ ٿو آڻي ته پاٺڪ کيس داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نه ٿو سگهي.

هر ناول نويس جي بياني طرز پنهنجي پنهنجي ٿئي ٿي. ٽالسٽاءِ جو ناول کڻبو ته هر ڏاڪي تي ايندي، اڳين ڳالهه ۽ واقعو هضم ڪري پوءِ ٻئي ڏاڪي ڏانهن وڌبو. پر جين آسٽن يا ڊڪينس جا ناول پڙهبا ته ليکڪ جي آزاد ۽ وهندڙ بياني طرز ڪري ڪٿي بيهڻ يا اٽڪڻ بنا مزي سان پڙهندو وڃبو. آڪاڻيءَ جو هڪ ڏاڪو پورو ڪري ليکڪ ڪيئن ٿو ٻئي ڏانهن قدم وڌائي، ڪم ۽ واقعا ڪيئن ٿو گهڙي، ڪردار جي ڀرائي،

پاڻ جي روپ ۾ پيش ڪرڻو آهي. هنکي ڪردارن جي گفتگوءَ ۽ وهنوار دوارن ۾ زندگيءَ جي ٺوس سوالن تي نظرثاني ڪرڻي آهي. شيڪسپيئر جي ناٽڪن لاءِ چيو ويندو آهي:-

The vast proportion is comment upon human life itself........................

پر ائين هرگز نه چئبي ته شيڪسپيئر پنهنجا ويچار ڦهلائڻ لاءِ ئي ناٽڪ لکيا آهن.

ناول نويس جيون جا جدا جدا پهلو سامهون رکن ٿا پر انهيءَ طرح جو اهي پهلو جيون جون حقيقتون ٿي سامهون رکن ٿا. هو جيون جا انيڪ رنگ ۽ انگ ڏيکاري ٿو. انهن مان هڪ انگ ۽ رنگ، پڙهندڙ کي پنهنجي جيون مان کنيل لڳندو جنهن ڪري ليکڪ جو اکيل هڪ گفتو ڪيس گهري سوچ ۾ وجهندو، روئاريندو، کلائيندو يا ٿرڪائيندو.

ساهتڪار هميشه سچ جو تلاشي ئي رهيو آهي. هو سچ ڏسڻ چاهي ٿو ۽ سچ کي سمجهڻ چاهي ٿو. انڪري هاڻوڪو ناول نه ساڌ سنگت جو مهاتم پڙهائيندو، نه سماج جون اوڻايون ڳڻيندو، نه مزدور جي همت جي ٻاهه جو شعاع ڏيکاريندو ۽ نه واقعن جي چوڌاري زندگي ڦيرائيندو. اڄ ڪالهه ڪاڪ ٽيل جو زمانو آهي. هاڻوڪو ساهت هاڻوڪي انسان جي مرڪب ۽ مونجهيل زندگي پسائيندو

کي پنهنجيءَ دنيا مان ڇوٽڪارو ڏئي ٻين جي دنيا جو سير ڪرائي يا ديوتائن جي سرڳ جي هوا کارائي ٿو آهي، جو پاڻ کي گهرائيءَ ۾ کليل وڃي، سندس ذهن جي وڪاس ڪري ۽ ڪيس حياتيءَ جي ڳجهن کان واقف ڪري.

هر ڪنهن شخص کي پنهنجي ڪا نقطه نظر، ڪا فيلسوفي، ڪو سدانت ضرور ٿئي ٿو. ناول نويس ۽ ڪو نرڙو يا اڻ آزمودگار آدمي نه آهي. هو ڪنهن، وچارن، حياتيءَ کي ڄاڻندڙ، ڳالهه کي پرکيندڙ ۽ ماڻهن جي سڀاءَ کي ڄاڻندڙ آهي ۽ سندس سڀاءُ گهڻو پيڇل ۽ پڪل آهي. هنکي ڪردارن جي واٽن يا سندن وهنوار ذريعي پڌائڻو آهي ته زندگيءَ مٿس ڪهڙو اثر وڌو آهي، فلاڻي قسم جي واقعن جو مقابلو هو پاڻ جيڪر ڪيئن ڪري، آرٿڪ مشڪلات جو سندس من تي ڪهڙو اثر ٿيو ٿو، هو ڪهڙا خيال هضم ڪري سگهيو آهي ۽ ڪهڙا وچار ڪيس ديرسان هضم لڳا آهن، پنهنجي اڀياس مان هن ڇا پرايو آهي ...... وغيره. ان طرح ناول مان ليکڪ جو سدانت چٽيءَ طرح نمايان ٿئي ٿو.

هيءَ اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻي آهي ته ناول نويس ڪلاڪار آهي. هنکي پنهنجو فلسفو اسڪولي ماستر جي سبق جيان سکڻو ناهي، نه ئي ڌرمي پرچارڪ جيان

ٻيو سمجهي ! هڪ وٽ فرحتون سهوليتون آهن ۽ ماڻهو
جو ڪيس وقت ئي نه ٿو ملي، ٻيو اهي فرحتون ۽ نعمتون
حاصل ڪرڻ لاءِ جان جي بازي پيو لڳائي. ويچارن ڪوڻ
سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي سهوليت حاصل هوندي به
اڄوڪو انسان هميشه الجهيل رهي ٿو.

دنيا تيز بدلجي رهي آهي. انسان به هر کيتر ۾
تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيو آهي. زندگيءَ جا اڳيان
قدر ٽٽي پيا آهن. انسان جي زندگيءَ تي وگيانڪ
کوجنائن جو اثر پيو آهي. زندگي بدلجي وئي آهي.
ان ڪري ساهت کي به اوس بدلجڻو پوندو. سچ کي
سويڪار ڪرڻو ئي پوندو. حقيقت کان انڪار ڪري
نه ٿو سگهجي.

ناول جي ڪهاڻي غير شخصي ۽ معمولي آهي. پر
اها حقيقي جيون جي خيالي ڪهاڻي آهي. اهو سچ
آهي ته ناول افسانو آهي پر ان افساني کي حقيقت سان
واسطو آهي. انڪري هاڻوڪي ناول نويس لاءِ زندگيءَ
بابت ڪو نظريو هجڻ لازمي آهي. اهين برابر آهي ته
ساهت جو هڪ وصف آهي دلچسپي. پر انجو اهو
مطلب ڪونهي ته ساهت صرف منورنجن لاءِ ئي آهي.
سڦل ناول نويس اهو ته آهي جو پڙهندڙ کان دنيا ڀلارائي
ڇڏي ۽ اهو جو پڙهندڙ کي زندگيءَ جي تهه ۾ وٺي
وڃي. سٺو ليکڪ اهو نه آهي جو چند گهڙين لاءِ پڙهندڙ

ڪري ان قسم جي ناول- نگارن مان ڪي سٺل ليکڪ بڻيا هئا.

بعد ۾ منووگيان جو وارو آيو. ناول نويس من جي وادين ۾ گهڙي، سوچ ويچار جا چڪر ڪاٽي، اهڙيون ڪهاڻيون گهڙڻ لڳا جنهن جا ڪردار من جي گهٽين ۾ ڦرندا وتن ۽ پاڻ کي ئي پاڻ سان گڏ ڦيرائيندا وتن.

سمي انوسار ناول جي روپ جو پيمانو به وقت به وقت جي تقاضا موجب انسان جي زندگيءَ انوسار مقرر ڪيو ٿي ويو.

پر اڄ جي انسان جي زندگي هڪ عجيب جار ۾ ورڙهيل آهي. اڄ جو انسان ذهني ڪشمڪش جي پيداوار آهي. ظاهري روپ آزاد آهي پر منس اندر سوکيم ۽ اسٿول بندشون پيل آهن. هن وٽ اهي مجبوريون آهن جن کي هو ٽالو به نه ٿو ڏئي سگهي. هن جي زندگيءَ ۾ عجيب تضاد آهي. هو ايشور مان دکي آهي ۽ جهان مان بور، هو سماجڪ پابنديون ٽوڙڻ ٿو چاهي ۽ آرٿڪ مجبوريون ٽوڙ نٿو گهري. ترقي ۽ سڌاري جي چوٽيءَ تي پهچي به هو رنگ ڀيد کان پاڻ آجو نه ٿو ڪري سگهي، آزاد ملڪ ۾ رهي به پنهنجي ويچار ۽ مت جي اظهار لاءِ ڪيس لشڪر جي ضرورت پوي ٿي، انهن جي وچ ۾ هو پاڻ کي اڪيلو

۽ اهڙي ٻڌي سکي ٿو جو ڪهاڻي ٻڌائڻ جي هنر ۾ ماهر هجي.

شروعاتي ناول نويس اهڙا ڪهاڻي گهڙيندا هئا جنهن جو حقيقت سان ڪوبه واسطو نه هوندو هو. پر اسرار واقعا، غير معمولي ڳالهيون ۽ شڪتين سان سينگاريل ڪردار ۽ سنسنيخيز نظارا وجهي ۽ ٻهاروني گفتگو ڪتب آڻيندي الف ليلي، گل بڪاولي، ممتاز دمساز ۽ طوطي مينا جهڙا قصا لکندا هئا. انهن وقت جا پاٺڪ به دلچسپيءَ سان انهن قصن جا ڏهه ڏهه ڀاڱا پڙهندا هئا.

بعد جا ليکڪ ليڪچربازيءَ جو سهارو وٺي، ناول کي سماج سڌار جو ذريعو سمجهي ڪتب آڻڻ لڳا. انهن ليکڪن مان ڪن جو قلم نهايت اثرائتو هوندو هو. جنهنڪري پاٺڪن کي سڌارو ڪرڻ ۾ هنن کي گهڻي سڦلتا ملي هئي. سنڌيءَ ۾ اهڙو ليکڪ ناراڻداس ڀمڀاڻي هو. جنهن جا ودوا ۽ مالهڻ نالي ناول نهايت ئي پسند پيا هئا.

ان کان پوءِ ترقي پسند ڌارا وهي هلي. ان ڌارا ۾ وهندڙ ليکڪن ناول جي ڪهاڻيءَ کي پنهنجي نظريي جي پرچار لاءِ ڪتب آندو. اهڙن ناولن جي وشيه هوندي هئي، ايمت جي ڀڪ، طبقاتي ڪشمڪش يا آرٿڪ مجبوري. وشيه کي ڪلاتمڪ ڍنگ سان نباهڻ

ڪجهه ملي ٿو ان ڪري ساهت جي سڀ کان وڌيڪ اهم شاخ ناول ئي آهي. پر نه ائين چئو وڃي ته هاڻوڪي پيچ پچاءَ واري دؤر ۾ ننڍي ڪهاڻيءَ ئي گهڻي ترقي ڪئي آهي ۽ جنهن کي افسانو پڙهڻ جو شوق آهي تنهن کي ناول نٿي دلچسپ لڳي سگهي. پر نه اهو ننڍو ناول (Novelet) [ئي] هجي.

انساني زندگي چٽڻ لاءِ ننڍي ڪهاڻي، شعر يا ناٽڪ جي نسبت ۾ ناول ئي وڌيڪ ڪارگر آهي. ننڍي ڪهاڻيءَ ۾ جيون جي صرف هڪ جهلڪ ئي پيش ڪيل هوندي آهي. پر ناول زندگي ڏيکاري ٿو، مڪمل زندگي، ان ڪري ئي اهو ساهت جي ٻين روپن کي ٿڏي پاڻ سٺي جڳهه والاري ويٺو آهي.

اُپنياس سمورو جيون جي تصوير آهي. هر انسان جي زندگي به هڪ ڪهاڻي آهي. انسان لاءِ پنهنجي زندگي مکيه ڪهاڻي آهي ۽ سندس مٽن مائٽن ۽ دوستن جون زندگيون مکيه ڪهاڻيءَ جي چوڌاري ڦرندڙ ننڍيون ڪهاڻيون. ناول به [ٻه] ڪهاڻين جو ڇڳو آهي. ان ۾ هڪ مرڪزي ڪهاڻي ٿئي ٿي. جنهن سان ٻيون ڪهاڻيون ڳنڍيل رهن ٿيون.

ناول آکاڻيءَ کي ڪٿي ئي اڳتي وڌي ٿو. انگريزي ناول ۾ ڍانچا وارو مال اهميت وارو ٿئي ٿو. ناول اوس

ٻه اکر

# ناول ڇا آهي

(پروفيسر پوپٽي هيرانندڻي)

ناول، ڪٿائڪ ساهتيه (Narrative literature) جو ئي هڪ روپ آهي. وشو جي شروعاتي قصن، داستانن ۽ لکيل ڪٿائن ۾ ئي ناول جو ٻج سمايل آهي.

ڀارتي ودوان چوندا آهن ته جيڪي مهاڀارت ۾ نه آهي سو ٻيو ڪٿي به ڪونه ملندو ۽ جيڪي ٻيو ڪٿي ملي ٿو سو مهاڀارت ۾ ضرور ملندو.

مهاڀارت ۾ ڇا ڇا آهي؟ ڪهاڻي، ڪردار، ڪٿڪڙ، جنگيون، شاديون، جنم، موت، نظارا، جهنگل، محلات، جهوپڙيون، آشرم، ڳالهيون، اپديش...... مهاڀارت جي پيت ۾ رامائڻ لکيو آهي ۽ اهو به شعري طرز ۾ لکيل ناول ئي آهي. ان ۾ ڪهاڻيءَ جي رنگ، واقعا، منظر، راجائون، رشي، رائيون، ٻالڪون، شاگرد، آچاريه، دک سک، پيڙا، شوڪ، ملن، وڇوڙو، آپدائون، ليلائون......... سڀ ڪجهه آهي. ۽ سنسار جون جهونين ۾ جهونيون ڪٿائون اهي ئي ٻه ته آهن! رامائڻ ۽ مهاڀارت! گريس جي پرسڌ شاعر هومر جي لکيل ڪرتا 'ايليڊ' ۽ ٻوه اچي ٿي ۽ مذهبي رامائڻ جي اثر جي ڇاپ صاف نظر اچي ٿي.

ڇاڪاڻ ته ساهت جي ناول واريءَ شاخ ۾ سڀ

ڏان موڪل ونئي ڏيندس. باقي مان سمجهان ٿو ته نقصان توهان کي ڪو نه پوندو. بي. اي وديارٿين لاءِ ڪتاب منظور ٿيو آهي. انهن کي اهو ڪتاب نه ملندو ته سندن تعليم کي ڌڪ لڳندو.“

دل چيو ”ته سنڌي ساهتيه ۾ فائدو ته اڳ ئي ڪونهي پر وديارٿي وچارا جي ڪتاب کان سواءِ رلن ته انهن لاءِ توکي اهو ڪتاب ڇپائڻ گهرجي. جيئن سنڌي ساهتيه زنده رهي. اهو وچار ڪري چيومانس، ”ته دل نه هوندي به ها ڪريان ٿو. مٽر موڪل.“ ڇپائين اڳيئن ناول ۾ چڪون گهڻيون آهن سو ناهي ۽ سڌاري لکي موڪليان ٿو. انهيءَ طرح ايشوري ڪتاب سڌاري ۽ ناهيندي موڪليندي وئي ۽ مٽر ڪمپازيٽرن کي ڏيندو ويس ۽ ڪتاب ڇپجي تيار ٿيو.

ايشوريه جي ٻوليءَ ۾ رواني آهي. ٻر هڪ ڳالهه آهي جي هوءَ آرام سان ويهي لکي ته ڪتاب گهڻو سٺو لکي سگهي ٿي. اميد اٿم ته هوءَ هينئن به سٺا ٻيا ڪتاب لکي پاٺڪن کي ڏيندي.

پاٺڪن کي هي ناول اڳيئن ناول جو ١١ سال اڳ ڇپيل آهي انهيءَ کان گهڻو بهتر لڳندو.

شيرام
جيٺانند پاوانداس لعلواڻي

سمپادڪ: پارس جيون

١٥ جولاءِ ١٩٦٨

# سمپادڪ جي قلم مان

پنڪ ڪماري پروفيسر اشروي جو لــواڻيءَ ۳ مهنا
آيا ته صبوح جو ۸ بجي مونکي فون ڪيائين. مون فون
جو چوغو کنيو، چڱه پلاٽيءَ جو ٻچي پڙهه چيائين، "ته
منهنجو ڪتاب ڇپبدا؟" مون کيس چيو، "ته خوشيءَ
سان. توهان ناول لکو ته مان ڇپڻ لاءِ تيار آهيان." ڪلهه چيائين.
"ته اڄ ناول 'الفت جي آگ' وري ڇپيو." مان پڙهندو
۾ اچي ويس. هڪ ته سيڪنڊ ايڊيشن ناول ڇپائڻ
معنيٰ پئسا پاڻيءَ ۾ وجهڻ. جو اڄ ڪلهه پورو پورو ڇاپو ٿي
ذهن پندرهن سالن ۾ مشڪل سان تو خلاص ٿئي ۽ وري
ان جو پيو ڇاپو ڪڍڻ معنيٰ پئسا پاڻيءَ ۾ ڪوڙا آهن.
ان کان سواءِ "الفت جي آگ" اسانجو ڇپيل ڪونه هو.
۱۱ سال اڳي ۱۹۵۷ ۾ شري ٽيج پاروواڻي نرگس پاران
ڇاپيو هو. ان ڪري دل ۾ هٽڪ لڳس ته سندس آواز
آيو ته، "ڇو چپ ٿي ويا. الفت جي آگ ڪتاب بي.اي
لي رکيو ويو آهي. وديارٿين کي ڪتاب کپوجي."

مون کيس چيو ته توهان ناول هجي ته خوشيءَ
سان ڇپيان. هڪ ته ناول ٻئي جو ڇپيل آهي. ان کان سواءِ
پيو ڇاپو ڪڍڻ مشڪل آهي. ڪاليج ۾ مشڪل سان
پنجاهه سو ڪاپيون کپنديون، باقي گهر وهاڻي ڪرڻيون
پونديون. اشرويءَ چيو، "ته مان توهانکي شري ٽيج

# ڀارت جيون ناول مالا

سمپادڪ:- جيٺانند ڀاوندداس لالواڻي

پستڪ نمبر ٢] جولاءِ ١٩٦٨ [سال ٣٣

"ڀارت جيون" ٣٣ سالن کان سنڌي ساهتيہ جي سيوا ڪندو آيو آهي. جيئن سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ زنده رکبي ته سنڌي جاتي زنده رهندي.

هن سال هيٺيان ڪتاب ڪڍيا ويا آهن.

(١) شري گوبند مالهي جو "پريتم ويو پرديش" زبردست سماجڪ ناول قيمت ٤ روپيا (٢) پروفيسر ايشوري جوتواڻيءَ جو ناول "الفت جي آگ" جو پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. ٻيا هيٺين ليکڪن جا ناول جلد نڪرندا. شري چندولعل جيسنگهاڻي، شري ڪي ايچ ناگراڻي، شري سندر جيٺمتراءِ جا ناول.

ساليانو چندو هندستان لاءِ ١٠ روپيا ليندو ۽ ولايت لاءِ ١٧ روپيا. گراهڪن کي پنجن سالن جو چندو ڀرڻ گهرجي. ڀلي ته چندو ڀري ۽ ٻين کان به ڀرائي موڪليو.

Printed by Shri Jethanand B. Lalwani
at the Bharat Jivan Printing Press, 11/1, the Navjivan Co-operative Housing Society Ltd. Near Post Office, Lamington Rd; Bombay-8. and published by him at Bharat Jivan Office. 11/1, Navjivan Co-operative Housing Society Ltd. Near P.O. Lamington Road, Bombay-8.
Owned by Mr. Jethanand B. Lalwani

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No. Sin 181
BOMBAY-77

# اُلفت جي آگ

(اصلوڪو سماجڪ ناول)

ليکڪا:

پروفيسر ايشوري جوتواڻي
ايم. اي.

پروفيسر سنڌي، واڊيا ڪاليج
۽
سينٽ ميران گرلس ڪاليج، پونا-١

ٻيو ڇاپو سڌاريل] قيمت ـ ۸ روپيا اوچو پد [١٩٦٨

ڇپائل
”ڀارت جيون ناول مالها“
نو جيون هائوسنگ ڪالوني
بلاڪ نمبر ١١- شاپ ١، لئمنگٽن روڊ، بمبئي - ۸
فون: 332991

ڇپائيندڙ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No. Lin. 18.1
BOMBAY-77.

# اُلفت جي آگ



ايشوري جوتواڻي

# اُلفت جي آگ



ايشوري جوتواڻي